ٻاڻي ڀڳتان کي

(ارٿ سان)

(ڀاڱو پهريون)

ارٿ ڪيل

ست سروپ شري ١٠٨ سوامي ٻيا سنگهه صاحب

نرمل آشرم رکيڪيش.

لکندڙ:

نيڀراج آسودومل شاهاڻي زميندار

(ويٺل حيدرآباد سنڌ، هاڻ مهو (مڌيه ڀارت)

پيٽا ٠-٨-٠

ڇاپو پهريون: سال ١٩٥٤ جلد ٥٠٠

باڻي ڀڳتان کي
(ارٿ سان)

(ڀاڱو پهريون)

ارٿ ڪيل
سنت سروپ سري ١٠٨ سوامي ٻڍا سنگهه صاحب
نرمل آشرم رکيڪيش.

لکندڙ
ٽيڪراج آسودومل شهاڻي زميندار
ويٺل حيدرآباد سنڌ، هاڻ مهو (مڌيه ڀارت)

پيسا ٠-٨-٠

ڇاپو پهريون] سال ١٩٥٤ [جلد ٥٠٠

سمرپڻ

سري ستگرو مهراج ٻيا سنگهه صاحب

جي ڪمل چرنن ۾!

داس ٽيڪراج



ست سروپ سري ١٠٨ سوامي ٻياسنگهہ صاحب

مهاڳ

مان سرو شڪتيوان پرماتما جا لک لک دفعا ڌنيواد ٿو ڪريان جنھن جي ڪرپالتا سان هن پستڪ ڇپائڻ جو هي سندر موقعو خوشيءَ جو مون کي نصيب ٿيو آهي.

٢- سري سوامي ٻڌاسنگھ صاحب جنڪي هر سال سندن پريمي رکيڪيش ۾ ونيءَ پتر موڪلي حيدرآباد سنڌ ۾ گھرائيندا هئا ۽ ٢-٣ مهنا رهائيندا هئا. سوامي جن جڏهن جڏهن حيدرآباد ۾ ايندا هئا، تڏهن تڏهن هميشه رات جو سري گرو گرنٿ صاحب مان ڪٿا ڪندا هئا ۽ صبوح جي وقت سنتا ٿيندي هئي، جنھن ۾ سوامي جن روز ”ڀڳتن جي باڻيءَ“ جو ارٿ ڪندا هئا. شروع ۾ئي پهرئين شبد کان وٺي ڪٿا ڪرڻ شروع ڪيائون. پوءِ وري جڏهن ٻئي سال آيا تڏهن جنھن شبد تائين اڳئين سال ۾ ڪٿا پوري ڪئي هئائون اتان وٺي شروع ڪيائون. اهڙي طرح سال ٻه سال ڪٿا ڪندا رهيا ۽ انهيءَ دستور سڀ ”ڀڳتن جي باڻيءَ جو ارٿ ٽورن سالن ۾ پورو ٿي ويو.

٣- سوامي جن جي قابليت جي پرسنتا ڪا ڳجهي ڪا نهي. مسٽر مٽڪالف سيشنس جج صاحب جنھن سري

گرو گرنٿ صاحب جو ترجمو انگريزيءَ ۾ ڪيو آهي، تنهنکي ترجمي ڪرڻ وقت گهڻيون مشڪلاتون درپيش آيون، جنهنڪري هو امرتسر ويو ۽ سکن کي چيائين ته اهڙو ڪو هوشيار مهاپرش هجي، جنهنکي سري گرو گرنٿ جي ٻاڻيءَ ۽ گرو گهر جي چڱي طرح واقفيت هجي سو مونکي هٿ ڪري ڏيو، جو مونوٽ رهي مونکي ترجمي ڪرڻ ۾ مدد ڪري. سکن اُن ڪم لاءِ سري سوامي ٻڌاسنگهه صاحب جن کي بلڪل لائق سمجهيو ۽ سوامي جن کي وينتي ڪري ميڃاڻي سر مئڪالف صاحب سان گڏ موڪليائون. سوامي جن ٻٽي مهنا وٽن رهي سندس سموريون مشڪلاتون دلپسنديءَ موجب حل ڪري موٽيا.

٣- ڀڳتن جي ٻاڻيءَ جو ارٿ مان هر روز ڪٿا جي وقت لکي پاٺ رکندو ويندو هوس. سوامي جن جي جوتي جوت سمائڻ بعد مونکي خيال ٿيو ته اهڙي ودوان مهاپرش جو ڪيل سندر ارٿ جيڪر ڇپرائي پڌرو ڪجي ته جيڪر سڀ ستسنگي پائر اُن مان چڱو لاڀ پرائين. انهيءَ مدنظر کي مون ٽئين سر اهو سمورو ارٿ لکڻ شروع ڪيو ۽ پورو ڪري سنت بلونت سنگهه رکيڪيش واري کان سوڌائي اُن ۾ درستيون ڪيم. سنت بلونت سنگهه

مونکي چڱي مدد ڏني، جنهن جو مان تهدل شڪرگذار آهيان. ”ڀڳتن جي ڀاڳيءَ“ جو سمورو ارٿ مونوٽ تيار ٿيو رکيو آهي.

٥- ڪن ڀائرن جي صلاح هئي ته سڄي ڀاڳيءَ جي ارٿ جو ٻيو ڪو هڪ پستڪ ڪجي. اُن ڪم لاءِ هڪ ٻئي پستڪ جي ڇپائڻ جو سمورو خرچ پاڻتي هموار به ڪيو هو. پر پوءِ پني ۽ ڇپائيءَ جو اگهه بلڪل گهڻو وڌي ويو ۽ جنهن ته هڪ ٻئيس واري سڄي ٻڪي پستڪ جي ڇپڻ لاءِ ٽي هزار رپيا ٿي گهريا، جنهنڪري ايترو خرچ ڪرڻ هنڪي ڏکيو لڳو. جيڪڏهن ٻڪو پستڪ ڪري تو ڇپائجي ته خرچ بلڪل گهڻو تو اچي تنهنڪري جدا جدا ڀاڱن ۾ ڇپائجن ٿا.

٦- هاڻي هي پهريون ڀاڱو ڀاڳيءَ جو ڇپائجي ٿو ۽ اُن جي ڇپجڻ بعد مونکي گهڻي اُميد آهي ته مهراج صاحبن جا سترسنگي شيوڪ ۽ ٻيا شردالو هڙو امولڪ ڀاڳيءَ جو سندر پستڪ پاڻوٽ ضرور سنڀالي رکندا.

٧- مان پياري ڀاءُ ماستر پرمانند صاحب گوروسنگت واري جو تهدل شڪرگذار آهيان جنهن مهرباني ڪري

مونکي ڇپائڻ جي ڪم ۾ گھڻي مدد ڪئي آھي.
آشا آھي تہ بيو ڀاڱو بہ جلد ڇپجي تيار ٿيندو.

مھو (مدد يارت)
نيمراج آسودومل شھاڻي داس

نوٽ:- ھن پستڪ جي قيمت انھي ڪري رکي ويئي آھي جو ھن ڪتاب جا اڃا ٢ ڀاڱا ڇپجڻا آھن. بيو تہ بنا قيمت واري ڪتاب جو قدر اھڙو نٿو ٿئي. جيڪو ھن ڪتاب لي خرچ آيل آھي، تنھن کان بلڪل گھٽ قيمت رکي ويئي آھي.

واڌومل

وينتي پڌر

ڀڳتن جي واٽ ۾ جو سمورو پرشارٿ ڪاڪي ليکراج آسودومل شاهاڻي جو ڪيل آهي ۽ ڪيتري وقت کان سندس گهڻي چاهنا هئي ته سموري ڀڳتن جي واٽ، جا صاحبن ۾ چڙهيل آهي، سا ارٿ سميت ڇپائي وڃي جنهنجو ارٿ هن مهراج ٻڌاسنگهه صاحب رشيڪيش وارن سنتن کان سمجهي لکي ڪجهه پستڪ تيار ڪيو. اُهو هن وقت پهريون ڀاڱو ڇپجي تيار ٿيو آهي جو پڙهندڙن جي هٿ ۾ آهي.

ڪاڪي ليکراج صاحب بابت ڪجهه سندس جيون لي جيڪا مونکي ٿوري جاڻ آهي سا مان پڙهندڙن جي اڳيان رکان ٿو، ان مراد سان ته هڙن پوتر آتمائن جي وهٽين مان اسين ڪجهه حاصل ڪريون ته چڱو. هن صاحب جو جنم ۳ مارچ ۱۸۷۶ ۾ عامل ڪٽنب حيدرآباد ۾ ٿيو. سندس وڏن عزيزن مان معلوم ٿيو اٿم ته ننڍي هوندي کان نهٺو ۽ اوچ سڀاءُ هوندو هوس ۽ سادگيءَ سان سندس گهڻو پيار هو. سندس پاءُ ديوان ڀيسومل پريتمداس ٿڌاڻي صاحب ۾ پرماتما جو پيارو ڀڳت هو. ڪاڪي ليکراج صاحب جي پهرين شادي کيرپوري ديوان هرگوبند راءِ منشاڻي جي گهران ٿي. سندس اها استري سچي ڀڳتياڻي هئي؛ اُنجو اثر ٻنهجي پتيءَ مٿان چڱو پيو. ٻي شادي

ڀائي ڪلاچند صاحب گدواڻي جي ڀاڻيجيءَ سان ٿي.
انڪري هن صاحب کي وڌيڪ وجهه مليو سندن جي ويجهو
ٿي رهڻ جو. ڪاڪي ليکراج صاحب جي حياتيءَ
جو گهڻو حصو ساڻ سنگت سان گذريو. ڪيترا سال ڪاڪو
ليکراج صاحب ڪلياڻ مندر حيدرآباد واري جو سيڪريٽري
ٿي رهيو. هو صاحب اُپڪاري سڀاءُ هو جيتري قدر ٿي
سگهندو هو، اوتري قدر هو اُپڪار ٿي ڪندو رهندو هو.
پارٽيشن ڪانپوءِ هو صاحب مهو (مڌيه ڀارت) ۾ اچي رهيو.
اُتي به سڀ وقت شاسترن جي لکڻ پڙهڻ ۽ رام جي
سمرڻ ۾ گذاريائين. سندس ديهانت ١٦ سيپٽمبر ١٩٥٣
مهوءَ ۾ ٿيو. پڇاڙيءَ تائين سجاڳ هو ۽ رام جي سمرڻي
ڪيس هئي. شل اهڙيءَ پوتر آتما جو پرماتما جي ڪمل
چرڻن ۾ واس رهي.

سندن آسيس جو چاهيندڙ -

ڀڳوان داس جڳترام



نیٖراج آسودہل شہاڈی زمیندار

جنم
۳ مارچ ۱۸۷۶

مرتیو
۱۶ سپٹمبر ۱۹۵۳

ٻاڻي ڀڳتان کي

اِڪ اونڪار ستگور پرساد.

سري راڳ ڪٻير جي ڪا،

ايڪ سُئان ڪي گهر گاوڻا.

(هي شبد محلا پهلا سري راڳ ۾ ”ايڪ سُئان ڊُء سُئاني نال“ واري شبد جي اموني ڳائڻا ڏهر جي.)

اُٿانڪا:- سري ڪٻير صاحب ڪاشيء ۾ گنگا نديء تي اشنان ڪرڻ ٻئي ويا ته ڏٺائون ته هڪ مائي پنهنجي پٽ کي وٽني نچايو ٿيايو، پڇيائونس ته ڪڪي جي عمر ڪيتري آهي؟ هوء چوڪر جي عمر ٻڌائي خوش ٿئي تي، چوته بار عمر ۾ وڌندو ٿي وڃي؛ مگر هنکي سڌ ڪانه ٿي پيئي ته ڏينهون ڏينهن عمر گهٽبي ٿي وڃيس. صاحبن اُن تي هيٺيون شبد اُچاريو.

١- جَنني جانَتَ سُتَ ٻَڏا هوت هَيُ

اِتناڪُ نَ جانَيُ جِ دِن دِن اَوِدَ گهَٽَتَ هيُ.

ارٿ:- ماتا سمجهي ٿي ته (ست) پٽ وڏو ٿو ٿئي، پر اِيترو نٿي ڄاڻي ته ڏينهون ڏينهن جي (اوڌ) عمر گهٽبي پيئي وڃي.

مورَ مورَ کرِ آڌ ڪلاڌ ڏرِ، پيکَتَ هي جمرا ڌ هسيءَ

ارٿ:- (مور مور) منهنجو منهنجو، يا منهنجو مور جهڙو پت ڇڻي، ٻار کي (آڌ ڪ) گهڻي لاڏ سان ڪڍائي ٿي، مگر اها حالت جمراجا ڏسي پيو (هسي) کلي،

آئسا ٿِن جگُ پرمِ لائيا-

ڪَئسي ٻُو جهيءَ، جب موهيا هيءَ مائيا (اڪ رداد)

ارٿ:- هي پرميشور! تو جگت کي اهڙي طرح پيدا ڪيو آهي؛ ٻوءِ ڪڻ جيو سمجهي، جڏهين تنهنجي مايا هنڪي موهي ڇڏيو آهي.

٢- ڪهت ڪبير ڇوڏِ بکيا رس،

اِت سنگتِ نهچيمُ مرڻا.

ارٿ:- سري ڪبير صاحب جن فرمائين ٿا ته (بکيا رس) وشين جا رس ڇڏ، ڇو ته اُنهن جي سنگت ۾ (نهچم) ضرور مرڻ تيندو.

رمئيا جپهُ پراڻي، آننت جيوڻ ٻاڻي،

اِن بِڌ ڀؤ ساگرُ ترڻا.

ارٿ:- تون رام نام جپ ڇو ته (١) اها ٻاڻي (آننت) گهڻي وقت تائين. (جيوڻ) جيارڻ واري آهي يا

(۲) (اَن ڀجيوڻ باڻي) ہي باڻي ڇنڊڻ لائق آهي. اهڙي طرح پوساگر سنسار مان ٽون تري پار پوندين.

۳- جانۡ تسُ پاوءِ ٽا لاگَيٖ پاءِ،

پرمُ پالاوا وِچهُ جاءِ

ارٿ:- جڏهين پرميشور کي (پاوءِ) وڻي تو تڏهين اَن سان پاءِ يا پريم لڳي تو ۽ (وچهہ) اندر مان پلائيندڙ پريم نکري وڃي تو.

اُپجيٖ سهجِ، گيَانُ مَتِ جاگَيٖ،

گرُ پرساد اَنترِ لِوَ لاگيٖ

ارٿ:- پوءِ شانتي پيدا ٿئي ٿي، گيان جي مت جاڳي ٿي ۽ گروءَ جي ڪرپا سان اندر پرماتما سان لنو لڳي ٿي.

اِتُ سَنگتِ ناهي مَرڻَا،

حُکَمُ پَڇاڻ ٽا خَصمَيٖ مِلَڻا. (رهاءِ دوجا)

ارٿ:- اِنهيءَ رام نام جي سنگت ۾ مرڻ نہ تو ٿئي. (خصميٖ) پتي پرماتما سان ميلاپ تڏهين ٿئي تو جڏهين اَن جو حڪم سمجهي تو يعني اَن تي هلجي تو.

سري راڳ ترلوچن کا، شبد (۲)

[مايا جي موه جي نورتيءَ لاءِ ڀڳت ترلوچن جو اُپديش.]

۱- مايا موه مَن آگلڙا پراڻي، جَرا مرڻُ ڀؤ وِسَر گئِندا

ارٿ:- هن جيو کي من ۾ مايا جو موه (آگلڙا) تمام گهڻو هٺ ڪري، ٻڍاپڻ ۽ مرڻ جو ڀؤ وسري ويو آهي.

ڪُٽنبُ ديکِ بِگسهِ ڪَملا جِئُن،

پَرگهر جوهِ ڪَپٽ نرا

ارٿ:- هو پنهنجي ڪٽنب کي ڏسي (ڪملا) ڪنول گل وانگي (بگسهه) ٽڙي ٿو، يا (ڪملا) چڙ ٻس وانگي خوش ٿيو ٿئي، ۽ ٻئن گهرن کي (جوهه) تڪي ٿو هيءُ ڪپٽي جيو.

دوڙا آئئوهِ جَمهِ تَڻا، تِن آگلڙيءَ مئِي رهڻُ نه جاءِ

ارٿ:- (جمهه تڻا) جم طاقت وارو (دوڙا) ڊوڙندو اچي ٿو يا (دوڙا) نياپو ڏيڻ وارو جمدوت (تڻا) زور سان اچي ٿو. تنهن اڳيان منهنجو رهڻ نه ٿيندو، يعني مان اُن جي اڳيان بيهي نه سگهندس.

ڪوئي ڪوئي ساجڻُ آءِ ڪَهئي،

مِاُن ميري بيٺُلا لئ ٻاهڙي وَلاءِ.

ارٿ:- ڪو ڪو سڄڻ سنت اچي چوي ٿو ته هي منهنجا بيٺل بر ماتما! مونکي (باهڙي والاء) بانهن ورائي يعني ڀاڪر پائي اچي مل.

مِل ميري رمئيا مئي ليهه ڇڏاءِ.

ارٿ:- هي منهنجا رام! مون سان اچي مل ۽ اچي مل ۽ اچي مونکي جم کان ڇڏاء.

۲- انڪ انڪ يوڳ راج بِسري پراڻي،

سنسار ساگر پئي امر پئناه.

ارٿ:- هي ۽ پراڻي انيڪ راجسي يوڳن جي ويسر ۾ رهي تو ۽ سنسار ساگر ۾ رهي پاڻکي امر سمجهي ويٺو آهي.

مائئا موڻا چيتس ناهي، جنم گوائيو آلسيئا

ارٿ:- هنکي مايا (موتا) نڳيو آهي جنهنڪري پاڻ چيتي نٿو ۽ آلس ۾ جنم وڃائي ٿو.

بِکم گهور پنٿ چالٽا پراڻي،

رو سس تهه نه پرويسن.

ارٿ:- هن جيو کي (بکم) ڪرڙي ۽ (گهور) پيانڪ رستي تان هلڻو آهي، جتي سج ۽ چنڊ به (پرويسن) پرڪاش نٿا ڪن.

مائيا موه تب بسر گئيا، جان تجلي سنسار.

ارٿ:- مايا جو موه تڏهين وسرندس، جڏهين هن سنسار کي ڇڏيندو.

۴- آج ميري من پرگٽ ڀئيا هي، پيکيئلي ڌرمراءِ

ارٿ:- ترلوچن ڀڳت جن چوڻا ته اڄ مونکي (پرگٽ) معلوم ٿيو آهي ته مونکي ڌرمراءِ جو منهن (پيکيئلي) ڏسڻو پوندو.

ٿڻه ڪردل ڪرن مها بلي،

تن آگلڙي مي رهڻ نه جاءِ.

ارٿ:- جنهن ڪال ڪرڻ جهڙن مهابلين کي به ڪال (ڪردل) ناس ڪيو، اُن جي (آگلڙي) اڳيان، مان رهي يا بيهي نه سگهندس.

۵- جيڪو مون اُپديس ڪرت هي

تا ون ترڻ رتڙا نارائڻا

ارٿ:- جيڪو مان اُپديش ڪريان ٿو ته وڻ ٽڻ ۾ پرماتما (رتڙا) رتل يا سمايل آهي؛

ائي جي، تون آپي سڀ ڪڇ جاڻدا،

بدت ترلوچن رامئيا.

ارٿ :- ڀڳت ترلوچن جن فرمائين ٿا تہ هي رام! سو تون پاڻ سڀ ڪجھ ڄاڻين ٿو.

سري راڳ ڀڳت ڪبير جي ڪا - شبد (٣)

[هڪ ايماني جوڳيءَ کي هٺ جوڳ بابت ۽ هڪ پنڊت کي گيان جوڳ بابت سري ڪبير صاحب جن جو اُپديش.]

١- اَچرج ايڪ سُنهہ ري پنڊِ ٿا،

اَب ڪِڇُ ڪَهن نہ جائي.

ارٿ :- هي پنڊت! مايا جو روپ اچرج آهي، ڪجھ چئي نٿو سگهجي. (اگيانيءَ جي درشٽيءَ ۾ مايا ست آهي ۽ گياني جي درشٽيءَ ۾ اُست آهي، تنهنڪري مايا کي ست ۽ اَست چوڻو پوي ٿو.)

سُرِ نر گڻ گنڌرب جِن موهي، ترِ ڀوڻ ميکلي لائي.

ارٿ :- اُن مايا ديوتائن، منش ۽ شو، وشنو، گڻيس جي (گڻ) پارکدن ۽ گنڌربن کي بہ موهي ڇڏيو آهي ۽ ٽن لوڪن کي (ميکلي) ميخ يا ڪلي هڻئين آهي يعني پنهنجي وس ڪري ڇڏيو آهي.

راجا رام، آنهد ڪنگري باجيءَ،

جاڪي دِرشٽ ناد لِوَ لاگيءَ (اڪ رهاءِ)

ارٿ:- وڏاڪ راڳ جي ايڪ رس شبد ۾، جو ورتي
مون لڳائي آهي، سا (ڪنگري) ٻين وڄي رهي آهي.
جنھا اندر جا نيتر کليا آهن، تن جي (ناد) شبد ۾ لنوَ
لڳي رهي آهي.

٢- پاتي گگن سِنگيا ار چُنگيا،

ڪنڪَ ڪَلس اِڪ پائتا.

ارٿ:- هٺ جوڳ يا اشٽانگ يوگ ۾- (گگن) دسي
دڳار کي (پاتي) بڻي بنائي اٿن، ۾- نليون، هڪ مان
پاڻي وهي تو ۽ ٻيءَ مان جوڳ آنند روپي شراب نڪري
تو. هڪ ٿي آهي (سنگيا = سجيسر- ارا) ۽ ٻي آهي
(چنگيا = کبيسر- پنگلا) ۽ هڪ سڌ انتهڪرڻ روپ سون
جو (ڪلس) دلو رکن ٿا.

تِس مھِ ڌار چئيءِ اَت نِرمَل،

رس مھِ رسن چئائتا.

ارٿ:- اُن سُڌ دلي ۾ نرمل (ڌار) ڌارا (چئيءِ) پئي
ٿي، جا رسن ۾ اُتم رس ذيط واري آهي.

٣- ايڪ جِ بات اَنوُپ بڻي هيءِ پوَن پيالا ساجتا.

ارٿ:- (ايڪ ج) ايڪتا روپ جو آنند، اها (انوپ)
عجيب بات بڻي آهي جو پون کي روڪڻو اهو پيالو
(ساجتا) بنايو آهي.

ٻيو ارٿ:- ڀڳتي مارگ ۾، (ياني گگن) چِد آڪاس-ٻولار کي ٻني (ڪرنڪل) ٻنائي آهي. آسري سمپدا واريءَ کان ٻري ڀڄڻ ۽ ڏيوي سمپدا واريءَ سان ملڻ، وڇار روپي (ڪنڪ) سون جو گهرو رکي ڇڏيو آهي، اُن ۾ نروڪار ٽارا چمڪي ٿي. هر هڪ سواس ان طرف لڳائڻ، اهو پيالو ٻنايو اٿن.

تِين پڙن مهِ ايڪو جوگي،

ڪَهُ ڪؤن هئي راجا

ارٿ:- ٽن لوڪن ۾ ڪو ورلو اهڙو جوڳي آهي، جنهن هنجي درشٽيءَ ۾ راجا ڪير آهي؟ يعني راجا ۾ هن ڪان گهٽ آهي.

۴- آئسي گيان پرگٽيا پُرکوتم،

ڪَهُ ڪبير رنگَ راتا

ارٿ:- سري ڪبير صاحب جن چونتا ته جنهنکي پرماتما جو گيان (پرگٽيا) پرگهٽ ٿيو آهي، سو پريم ۾ رچي ويو آهي.

اور دُني سب ڀرم ڀلاني، مَن رام رسائن ماتا.

ارٿ:- ٻي سڀ دنيا ڀرم ۾ ڀلي آهي، منهنجو من رام، جو رسن جو ڏهر آهي- اُن ۾ لڳي رهيو آهي.

[سنگيا=سنڪوچ ڪرڻ، شرم ڪرڻ وشين ڪان. چُنگيا=گرهن ڪرڻ ديوي سمپدا کي. ڪاس=دلو انتهڪرن روپي]

سري راڳ باڻي ڀڳت ٻيڻي جيءَ ڪي - شبد (۴)

پهرئان ڪيءَ گهر گاوڻا - (۱) سري راڳ جي پهرئين گهر وارو شبد "وڻجارا مترا" جنهن سر ۾ ڳائبو آهي، ان ۾ هي شبد ڳائجي. (۲) جهڙيءَ طرح استري هار سينگار ڪري ڳائي ٿي، تئن اندر ۾ شبي گڻ ڌارڻ ڪري ڳائجي. هينئين شبد ۾ سري بيڻي صاحب گرڀ ۾ پيدا ٿيڻ ڪان وٺي مرڻ تائين جيو جي حالت ٻڌائين ٿا.

ايڪو انڪار ستگر پرساد.

۱- ري نر، گرڀ ڪُنڊل جب آڇت،

اُرڌ ڌيان لِو لاگا

ارٿ:- هي جيوا جڏهن ماتا جي گرڀ ڪنڊ ۾ چڙڪري ماري ڪروندو ٿي هڪ هنڌ ويٺو هئين، تڏهين اوندو ٿي پرماتما جي ڌيان ۾ لِو لڳائي ويٺو هئين. توکي ٻرميشر جو (پروکيه گيان) اندروني گيان هو.

مِرتڪ پنڊ پد مد نا،

اَهِ نس ايڪ اگيان سُ ناگا

ارٿ:- (توکي اها سمجهه هئي ته) مرتڪ سرير ۾

منيءَ جو ٻنلو آهيان، توکي (مد) اهنڪار نہ هو. (۱) ڏينهن رات توکي (سہ) واستو روپ جو اگيان (ناگا) نہ هو يعني گيان هو. (۲) توکي سريو ۾ موھ نہ هئو ڇو تہ پرماتما جي (پد مدنا) سندر چرنن جي ڌيان ۾ هئين.

تي ڏين سمل ڪشت مها ڏکر،

آپ چت آڏڪ پسارئا

ارت:- اهي ڏينهن مها دکن ۽ ڪشٽن جا (سمل) ياد ڪر. هاڻي چت گهٽي پساري ۾ وڏو اٿيئي.

گرڀ جوڏ مرت منجل آيا، تئہ نردر منهه پسارئا

ارت:- ماتا جو گرڀ ڇڏي ٻاهر پرٿويءَ تي آيو آهين تہ پرميشور کي من مان وساري ڇڏيو اٿيئي.

ڦر پڇتاوِ هگا موڙئا، تون ڪئون ڪمت پرم لاگا

ارت:- هي موڙهل! پوءِ توکي پڇتائڻو پوندو، تون ڪهڙي ڪوڙي مت ۽ ڀرم ۾ لڳو آهين؟

چيت رام، ناهي جم پرجاهگا،

جن ٻچري اَن راڏا (اڪ رهاءِ)

ارت:- رام نام جو چنتن ڪر. ايشور کي ڇڏي ٻين ڪهن ۾ (جن) متان ڦرين، نہ تہ جم پوريءَ ۾ ويندين.

٢- ٻال ٻنوه چند رس لاگا، ڇن ڇن موه ٻياپئي

ارٿ:- ٻالپڻ کيل ۾ لوکي (چند) چنتا پدارٿن جي رس جي لڳي ۽ هر گهڙيءَ موه جي وس ٿئين.

رس مس ميد آنمرت بکه چاکي،
تئه پنچ پرگٽ سنتاپئي

ارٿ:- ٻيڙي سنگت ۾ ملي، (مس ميد) ماس شراب وکه روپ کي انمرت کري تو سمجهين ۽ پنج وکار کام ڪرود آدي لوکي چڱيءَ طرح (سنتاپئي) دکه ڏين ٿا.

جپ تپ سنجم ڇوڙ سکرت مت،
رام نام نه آرادئا

ارٿ:- جپ، تپ، سنجم ۽ ٻيو واري ٻڌي ڇڏي، رام نام جو آراڌن نه ٿو ڪرين.

اَڇِلئا کام، کال مت لاگي،
تئه آن سکت گل بانڌ ئا.

. ارٿ:- کام ۾ ڇکجي، هن ٻنهنجي (کال مت) ٻڌيءَ کسي کارو کري ڇڏيو، جنهن کري ٻوءِ (سکت) استري آڻي انجي گلي ۾ ٻڌي ٿا ڇڏين.

٣- ترط تيج پر تريه مکه جوهه، سر اپسر نه پڇاڻئا

ارٿ:- جوانيءَ يا جوڀن اوستا جي ٽيڪ ۾ پرائي استريءَ کي ڪوٺي پاڻ سان (ڀوڳ) ڏسي ٿو، (سراپسر) مهل ڪمهل جو ويچار نٿو ڪري.

اُنمت ڪام مها ڊِکه ڀوڳي، پاپ پُن نه پڇاڻئا

ارٿ:- ڊکه روپ ڪام ۾ (اُنمت) مست ٿي پاڳل ٿيو ٿو، پاپ پن جو ڪو خيال نٿو ڪري.

سُت سَنپت ديکه لِهه مَن گرپيا، رام رِدي تي کوئيا

ارٿ:- پٽ ۽ (سنپت) ملڪيت ڏسي، هن جي من ۾ (گرپيا) اهنڪار ٿو ٿئي ۽ رام نام پنهنجي هردي مان (کوئيا) ڀلائي ڇڏي ٿو.

اوَر مَرت مايا مَن تولي، تَم پگه مُکه جنم وِگويا.

ارٿ:- ٻئي جي مرڻ تي اُنهي مايا کي پنهنجي من ۾ (تولي) ڳڻي ٿو ۽ (پگه مکه) وشيه رس ۾ پنهنجو جنم خراب ڪري ٿو.

٣- پنڊر ڪيس ڪُسم تي ڌؤلي،

سَتپت پاتال کي باڻي

ارٿ:- (پنڊر) سفيد وار ڪسم گل ڪان به (ڌؤلي) اڇا ٿي ويا ۽ ڳالهائڻ جو آواز تمام جهيڻو ٿي ويو آهي ڄڻ ته ستن پاتالن ڪان ٿو اچي.

لوچن سرمه ٻڌ ٻل ناني، ڌا ڪام ڇوس ماڌاٽي

ارٿ:- (لوچن) اکين مان پاڻي نڪري ٿو، ٻڌي جي طاقت (ناني) گهٽجي ٿي وڃي، پوءِ اندر ۾ (ڪام) ڪامنا جو (ماڌاٽي) لوچو پويس ٿو (ڌ. هيٺن ٿئي، هوئن ٿئي.)

ناتي ٻکيءِ يئي مت پاوس، ڪايا ڪمل ڪملاڌا

ارٿ:- تنهن ڪان پوءِ جئن (پاوس) برسات جي ڏينهن ۾ ندين جو پاڻي گندو ٿئي ٿو، تئن هنجي مت وشين وهيٽي ٿي؛ ڪايا جو ڪمل ڪومائجي ويو.

اوگت ٻاڻ ڇوڌ مرت منڊل، ڌم پاڇي پڇتاڌا.

ارٿ:- ڪال جو (اوگت) ڪوني گتي ڏيڻ وار وچتي ويو يا (٢) (اوگت) پرماتما جو مشڪل ملي، تنهنکي ٻاڻ جي (ٻاڻ) عادت ڇڏي ڏنائين، جنهن ڪري انت ويلي پڇتاءُ ڪري ٿو.

د. نڪتي ديهه ديکه ڌن اپجيءَ،

مان ڪرت نهي ٻوجهيءِ

ارٿ:- (١) (نڪتي) ننڍا ننڍا ٻار ڏسي انهن کي ڀاٽوت ڪوني تو؛ مان ڪريٿو، پر هنن کي سمجهڻ ۾ نٿو اچي. (٢) (نڪتي) ڪمزور سر ۾ ڏسي چوئيٿو ته منهنجي دوا ڪريو.

لالچ ڪري جيون پدڪارن،
لوچڻ ڪيهُو نہ سوُجهي
ارٿ:- لالچ ڪريتو تہ مان جيتان تہ چگوء پر آکين بہ
ڪا سوجهي ڪانہ آتس۔
ٽاڪيا تيج اُڏ ڏا مَن پنڪي، گهر آنگڻ نہ سُکائي
ارٿ:- ٽران تکجي ويا يا پرڪاش گهٽجي ويو،
جيو روپي پکي اڏامي ويو ۽ هاڻي گهر جي اڱڻا بہ
(سکائي) سکدائي لڳو لڳي۔
بيٺي کهيءِ سُنهُ ري يگتهُ،
مرڻ مُڪتِ ڪِن پائي۔
ارٿ:- سري بيٺي صاحب جن چوندا هي يگتو! بدو
مرڻ بعد مکتي ڪنهن کي ملي آهي؟

سري راگ شبد (٥)

[هڪ شخص کي صبوح سانجهيءَ اشنان ڪري سنڌيا
پاٺ ڪرڻ لاءِ بي حد ايمان هو اُنجي تورڻ لاءِ سري
ڪبير صاحب جن جو اُپديش]

١- سَنڌ يا پرات اشنان ڪَراهي،
جِمُ ڀئي دادُرُ پاڻي ماهي

ارٿ:- هي منش! صبوح سانجهيءَ تنهنجو اشنان ڪرڻ سوتيو (دادر) ڏيڏرن وانگي، جي سدائين پاڻيءَ رهن ٿا.

جُم پيءَ رام نام رت ناهي،
تي سب ڏرم راءَ ڪيءَ جاڌي (اڪ رداد)

ارٿ:- (جُم پيءَ) جيستائين جن جو رام نام ۾ (رت) پيار نه آهي، تيستائين اُهي سڀ ڌرم راءَ وٽ ويندا.

٢- ڪايا رَت بهُ روپ رچاهي،
تن ڪُمُ دَيا سپنيءَ پي ناهي

ارٿ:- جيڪي رڱو پنهنجي سرير ۾ پريتي رکي اُن جي ناهه نوهه ڪرڻ ۾ لڳي رهيا آهن، تنکي ديا دل ۾ پتيءَ ڪانهي.

٣- چار چرن ڪههِ بهُ آگر،
سادو سکهُ پاوهُ ڪل ساگر

ارٿ:- (آگر) مهاتما لوڪ چونتا ته اهڙا پريتي ڪندڙ انسان ته نه آهن پر (چار چرن) پسون آهن؛ سنمت لوڪ ئي هن سنسار ساگر ۾ سکهُ پائين ٿا.

٤- ڪهه ڪبير بهُ ڪام ڪريجيءَ،
سربس ڇوڏ مها رس پيجيءَ.

ارٿ:- سري ڪبير صاحب جن فرمائين ٿا تہ گهڻو پسارو ڇو ڪجي؟ سڀ ڪجھ ڇڏي آتم رس پيئڻ گهرجي.

ڪبير جي گوڙي - شبد (٦)

[ديکا ديکيءَ جي واسطي مورتي پوڄا ڪرڻ ۽ ايمان وڃائڻ ۽ ديش ڀاءُ رکڻ سان نہ پر سادو سوڌو سڀاءُ ڌارڻ سان پرماتما ملي ٿو.]

١- ڪئا جپ ڪئا تپ ڪئا برت پوڄا،
جاکي ردي ڀاءُ هي دوجا

ارٿ:- جپ تپ ڪئي تہ ڇا ٿي پيو، ۽ ورت پوڄا ڪئي تہ ڇا ٿي پيو، جو تنهنجي ردي ۾ دويش ڀاءُ آهي.

ري جن، من مايا سين لائيئي،
چترائي نہ چترڀج پائيئي (اک رهاءُ)

ارٿ:- هي پيارا! من کي پرماتما ۾ لڳائڻ گهرجي. چترائيءَ سان پرميشور ڪين ملندو.

٢- پرهر لوڀ آر لوڪا چار،
پرهر ڪام ڪرودهہ اهنڪار

ارٿ:- لوڀ ۽ لوڪ ڪرم، ڪام ڪرودهہ ۽ اهنڪار ڇڏي ڏي.

٣- ڪَرم ڪَرت بَڌي آهنميوَ،

مِل پاتر کي ڪَرهي شيوَ

ارٿ:- ڪرم ڪرڻ سان (اهنميو) اهنڪار وڌي ٿو.
پتر پوڄا ڪرڻ مان (ڪي مل) ڇا ملندو؟

٤- ڪَهہ ڪبير يگتِ ڪَر پائيا،

ڀُولي پاءِ مِلي رگهرائيا.

ارٿ:- سري ڪبير صاحب جن فرمائين ٿا تہ پرماتما،
ڀگتي ۽ سادو سنتن سان پيار ڪرڻ سان ملي ٿو.

گوڙي ڪبيرجي - شبد [٧]

[برهمڻ جاتي (ڪل) ۾ جنم ڪري ڪو هر ڪو پنهنجو
برهمڻ نٿو ڪوٺجي سگهي، پر اهو جو برهمڻ جا جي
فرض آهن، سي پورا ڪريٿو.]

١- گرڀ واس مہِ ڪُل نهي جاتي،

برهم بِند تي سڀ اُتپاتي

ارٿ:- گرڀ ۾ رهڻ وقت نڪو ڪو ڪل ۽ نڪا
ذات آهي. سڀ اُتپتي برهما جي ڪيل آهي.

ڪَهُ ري پنڊت بامڻ ڪَبِ ڪي هوئي،

بامڻ ڪَهہ ڪَهہ جنم مَت کوئي (اڪ رهاءِ)

ارٿ :- هي پنڊت! ٻڌاءِ تہ برهمڻ ڪڏهن کان ٿيو آهين؟ ٻاڻڪي برهمڻ چوائي پنهنجو جنم اجايو نہ وڃاءِ.

٢- جئہ تون براهمڻ برهمڻي جائيا،

تہ آن باٽ ڪاهي نهي آئيا

جي تون برهمڻيءَ مان ڄائو آهين تہ تو ٻئي رستي ڇو ڪين جنم ورتو؟

٣- تم ڪت براهمڻ هم ڪت سود،

هم ڪت لوهو تم ڪت دود

ارٿ:- تون (ڪت) ڪهڙي طرح برهمڻ آهين ۽ مان ڪيئن سودر آهيان؟ مون ۾ رت آهي ڪئن ۽ تو ۾ وري کير!

٤- ڪهہ ڪبير جو برهم بيچاري،

سو براهمڻ ڪهيئت هئي هماري.

ارٿ :- سري ڪبير صاحب جن فرمائين ٿا تہ جو پرماتما جو ويچار ڪري ٿو، سوئي منهنجي سمجهہ ۾ برهمڻ آهي.

گوڙي ڪبير جي - شبد [٨]

[ردي روپي ديهہ ۾ اگيان روپي انڌيرو ڇانئجي ويو آهي. ايشور اڇا سان ڪو مهاتما ملي وڃي تہ اهو انڌارو دور ٿئي.]

١- آنڌ ڪار سڪر ڪبھ نہ سوئي هيءَ،
راجا رنڪ دوئو مل روئي هيءَ

ارٿ:- جيستائين اندر ۾ اگيان روپي انڌيرو ھوندو، تيستائين ھي جيو ڪڏھين بہ آرامي نہ ٿيندو. شاھوڪار ۽ غريب يا برھمڻ ۽ شودر ٻئي گڏ روئندا.

جُمُر پيي وسنا رام نہ ڪَبھو،
اُپجت بِنَست رووَت رهبو (اڪ رهاءُ)

ارٿ:- جيستائين زبان سان رام نام نہ اُچاربو، تيستائين جمندو، مرندو ۽ روئندو رهبو.

٢- جس ديکِيءَ ترور ڪي ڇائيا،
پران گئي کہ ڪاڪي مائيا

ارٿ:- جئن (ترور) وڻ جي ڇانو بي بقا ۽ ڪسڻ ۾ اچي ٿي. پران ڇٽا تہ پوءِ مايا وري ڪنھنجي؟

٣- جس جنتي مهِ جيئُر سمانا،
موئي مرم ڪوڪا ڪر جانا

ارٿ:- جئن (جنتي) ستار جي تار ٽٽڻ بعد آواز ستار ۾ سمائجي وڃي ٿو، تئن جيو جي مرم کي ڪير ڄاڻي.
لوڪ من انوسار سمائجي وڃي ٿو.

نوٽ :- (کرم کاندي جنم مرڻ ۾ ڦاسي پوي ٿو ۽ گياني واپو روپ ٿي وڃي ٿو ۽ جنم مرڻ کان ڇٽي ٿو.)

٢- هنسا سرور ڪال سرير،

رام رسائن پيءُ ري ڪبير.

ارٿ :- جڏهن هنس سرور تي رهي ٿو تڏهن ڪال مٿي ٿي آهي. تنهنڪري سري ڪبير صاحب جن چون ٿا ته رام جو رسن جو گهر آهي اُن جو امرت رس پيءُ.

گوڙي ڪبير جي - شبد [٩]

[تيرٿ اَستان تي چڱن ڪرمن ڪرڻ سان نه پرمن کي باهر ڀٽڪڻ کان روڪي اَنترمک ٿيڻ سان پرماتما جي پراپتي ٿئي ٿي.]

١- جوت ڪي جات جات ڪي جوتي،

تت لاگي ڪنچوئا ڦل موتي

ارٿ :- (جوت) جوتي سروپ پرميشور جي (جات) سرشٽي پيدا ڪيل آهي، ان سرشٽيءَ ۾ جوتي سروپ جو پرڪاش يعني ٻڌي آهي. ڪنهن ۾ (ڪنچوئا ڦل = جوئا ڦل) آسري گڻ آهن، ڪنهن ۾ (موتي) ديوي گڻ آهن.

ڪؤن سُ گهر جو نرڀؤ ڪهيئي،

ڀؤ ڀڄ جاءِ اڀئه هوءِ رهيئي (اڪ رهاءُ)

اَرٿ :- اُهو کهڙو (گهر) استان آهي جو ٻڌپ رهت آهي، جتان پُوءِ پيهي وڃي ٻيهر ٻيو تي رهجي؟

۲- تت تيرت نهي من پتيئاءِ،

چار آچار رهي اُرجهاءِ

اَرٿ :- تيرٿن جي اُستانن تي ٻه من کي (پتيئاءِ) سانت نه ٿي اچي، پيا اسچو نه ٿو اچي. چئن کرمن ۾ هي جيو (اُرجهاءِ) ڦاسجي ويو آهي.

۳- پاپ پن دو ايڪ سمان،

نج گهر پارس تجهه گن آن

اَرٿ :- جڏهين ٻڌي پاپ پن ۾ نه وڃي، تڏهين پهنچي (نج گهر) اُنهڪرن ۾ (پارس) آتما کي جاڻ ۽ (گن آن) رجو، تمو، ستو گڻن کي يا دويت طرف لڳائڻ وارن ڪمن کي تياڳ.

۴- ڪبير نرگڻ نام نه روس،

اس پرچاءِ پرچ رهه ايس.

اَرٿ :- سري ڪبير صاحب جن فرمائين ٿا ته هي پراڻي! نام سان يا ٽن گڻن رهت پرماتما سان (روس) روسامو نه ڪر، انهي (پرچاءِ) رستي نام جي ذريعي، ايشور سان پرچي يا لڳي رهه.

ڳؤڙي ڪبير جي - شبد [١٠]

[ساڌ سنگت ٿي وئڪنٺ آهي.]

١.(a) جو جن پرمت پرمن جانا،

بات نهي بئڪنٺ سمانا

ارٿ:- جن (پرمت) چڱي طرح پرميشور کي من ۾ (جانا) ڄاتو آهي، اُهي وئڪنٺ ۾ وڃڻ جي (بات) اچا ڪو نہ تا ڪن.

(b) جو جن پرمت پرم نہ جانا،

باتن هي بئڪنٺ سمانا

ارٿ:- جن بي انت پرميشور کي نہ ڄاتو آهي، سي وئڪنٺ ۾ وڃڻ جون (باتن) ڳالهيون ڪن ٿا.

نا جانا بئڪنٺ ڪهاهي،

جان جان سڀ ڪهہ تهاهي (اڪ رهاءُ)

ارٿ:- اُني وڃڻ لاءِ تہ سڀڪو پيو چوي، پر مونکي تہ خبر نہ آهي تہ وئڪنٺ ڪٿي آهي.

٢- ڪهن ڪهاون نہ پتيئي،

تئہ من مانئي جاط ڏومئي جئي هي

ارت:- چوٿ ۽ چوائڻ سان ڪا تسلي نٿي ٿئي، جڏهن هؤميءَ (جئي) ويندي، تڏهين من (مانيءَ) مڃيندو.

٣- جب لگ ٻڌڪنت ڪي آس،

تب لگ هوء نهي چرن نواس

ارت:- جيستائين من ۾ وڏڪنت جي اڇا آهي، تيستائين پرڀوءَ جي چرنن ۾ نواس نه ٿيندو.

٤- ڪهه ڪبير ام ڪهيئي ڪاهِ،

ساڌ سنگت ٻڌڪنٺي آهه

ارت:- سري ڪبير صاحب جن فرمائين ٿا ته ڇاکي وڏڪنٺ چئجي؟ ساڌ سنگت ئي وڏڪنٺ آهي.

گؤڙي ڪبير جي-شبد [١١]

[پدارٿن ڪري ايماني ٿي ماڻهن کي سنائڻ، اُن ڪان باز رهڻ لاءِ اُپديش.]

١- اُپجيءِ نپجيءِ نپج سمائي،

نئنهه ديکت اهُ جگ جائي

ارت:- هن جيو کي جڏهن کان پوءِ (نپج) نپائي وڌو ٿا ڪن ۽ پوءِ نيت (سمائي) مري وڃي ٿو، انهن اکين جي ڏسندي جڳت جا آدمي هليا ٿا وڃن.

لاڄ نہ مرهہ ڪهہ ڪهر ميرا ،

آنت ڪي بار نهي ڪچ تيرا (اڪ رهاءُ)

ارٿ :- توهانکي شرم نٿواچي جو چئو ٿا تہ گهر اسانجو آهي ، انت سمي ڪجھ بہ توهانجو نہ ٿيندو.

۲- آنڪ جتن ڪر ڪائئا پالي ،

مرتي بار آگن سنگر جالي

ارٿ :- گهڻن اُپاون سان سرير جي پالنا ڪجي ٿي ، پر مرڻ وقت باهہ ۾ (جالي) سڙو پوي ٿو.

۳- چوءُ ٽا چندن مردن آنگا ،

سو تن جلي ڪاٺ ڪي سنگا

ارٿ :- چندن کي (چوئا) چڪائي لنگن کي (مردن) مهٽجي ٿو ، پر اهو سرير آخر ۾ ڪاٺين سان گڏ جلي ٿو.

۴- ڪهہ ڪبير سنهہ ري گُنيئا ،

بنسئنگو روپ ديکيءِ سپ دُنيا.

ارٿ :- سري ڪبير صاحب جن فرمائين ٿا تہ هي (گنيئا) ويچاروانو ٻڌو ، اها صورت ماڻهن جي ڏسنديئي (بنسئنگو) ناس ٿي ويندي.

گؤڙي ڪبير جي - شبد [١٢]

[جڏهين مهاتما پرش جي ايڪتا واري ٻڌي ٿئي ٿي، تڏهين هو مؤت جو ڪو شوڪ نٿا ڪن.]

١- اؤر مؤئي ڪِئا سوگ ڪريجئي،
تؤ ڪيجئي جؤ آپڻ جيجئي

ارٿ:- ٻين جي مرڻ تي ڇو دک ڪرڻ گهرجي؟ دک تڏهين ڪجي (١) جڏهين پاڻ جيئرو رهجي. (سرير جي درشٽيءَ سان) (٢) آپ نه جيجيءَ = جڏهين پاڻ ئي جيئرو نه رهندو (تڏهين ڇو سوگ ڪري؟) (روحاني درشٽيءَ سان)

مئي نه مرؤ مربو سنسارا،
آب موهِ ملئو هئي جيئاوڻ هارا (اڪ رهاءُ)

ارٿ:- مان نه مرندس، (سنسارا) سنسار مرندو، يعني جي سنسي آمڪ ٻڌيءَ وارا آهن اُهي مرندا، ڇو ته مونکي هاڻي جيئندان يا ستا ڏيڻ وارو مليو آهي.

٢- اِئا ديهي پرمل مهڪندا. تا سکه ٻسري پرمانندا.

ارٿ:- هن سرير کي (پرمل) عطر آدڪ لڳائي، (مهڪندا) خوشبوءِدار ڪريتو. ان سکه ۾ لڳي پرميشور کي وساري ڇڏي ٿو.

٣- ڪوُنتا ايڪ پنچ پنهاري،

ٽوُٽي لاج پَري مَت هاري

ارٿ:- سنسار روپي هڪ (ڪوُنتا) کوه آهي، پنج گيان اندريون (اکيون، ڪن، نڪ، زبان ۽ کل) وشيه روپ (پنهاري) پاڻي ڀرڻ واريون آهن. سواسن روپي (لاج) نوري جڏهين ٽٽي ويئي تڏهين سياوڪ ئي هنجي (مت) ورتي وشين کان (هاري) هٽي ويئي.

٤- ڪهُ ڪبير اِڪ بُڌ بيچاري،

نا اوهُ ڪوُنتا نا پنهاري.

ارٿ:- سري ڪبير صاحب فرمائين ٿا ته، جڏهين (اڪ) پرميشور کي ويچارڻ واري بڌي يا ايڪتا واري بڌي ٿئي ٿي، تڏهين سمجهي ٿو ته نڪي سنسار روپي کوه آهي ۽ نڪي وشيه روپ پاڻي ڀرڻ واريون اندريون آهن.

ڳوڙي ڪبير جي - شبد [١٣]

[وشين جي گلاني ۽ جو ويچار، آتمڪ جنمن کان پوء آتم آنند اچڻ سان ٿئي ٿو.]

١- آستاور جنگم ڪيٽ پتنگا،

آنڪ جنم ڪيئي بهُ رنگا

ارٿ:- (بهو رنگا) ڪئين طرح جا جنم (انڊج = ورڻ، جيرج = ماڻهو، سٿيتج = جونءِ ۽ انڊج = پکي وارين جونين جا) مون ڌارڻ ڪيا.

آئسي گهر هم بهت بسائي،

جب هم رام گرڀ هوءِ آئي (ا ڪ رهاءُ)

ارٿ:- جڏهين (رام) پائي، مان گرڀ ۾ پيدا ٿي آيس تڏهين اهڙا جنم روپي گهر مون گهڻائي وسايا.

٢- جوگي جتي تپي برهمچاري،

ڪبهو راجا چترپت ڪبهو ڀيکاري

ارٿ:- ڪڏهين جوگي جتي تپي برهمچاري ٿيس، ۽ ڪڏهين چترپتي راجا ۽ ڀيکاري ٿيس.

٣- ساڪت مرهِ سنت سڀ جيوهِ،

رام رسائن رسنا پيوهِ

ارٿ:- (ساڪت) جنهن مايا ۾ پيار آهي سي مرن ٿا، ۽ سنت سدا جيئرا رهن ٿا، ڇو ته هو رسنا سان رام نام جو انمرت رس پيئن ٿا.

٤- ڪهُ ڪبير پرڀ ڪرپا ڪيجئي،

هارِ پري اب پورا ديجئي.

ارٿ:- سري ڪبير صاحب جن وينتي ڪن ٿا تہ هي پريو! مان هارائي تنهنجي سرن آيو آهيان، ڪرپا ڪري مونکي (پورا) گيان ڏي.

گوڙي ڪبير جي ڪي نال رلاءِ لکئا محلا (٥)

شبد [١٤]

سري گرو ارجن ديو ڀڳتن ڪي سروپاءُ ڏين ٿا. صاحبن پنهنجي رسنا سان ڀڳتن جي ٻاڻي سندن نالي سان اُچاري آهي. جتي سندن ٻاڻيءَ ۾ ڀڳتن جو نالو اچي ٿو اُتي ڪين پنهنجي (جاتي) پنڪتيءَ ۾ ملايو اٿن.

اُٿانڪا:- سري ڪبير صاحب وٽ ڪي آيا ۽ اسچرج جون دنيوي ڳالهيون ٻڌائڻ لڳا، جئن تہ هڪ ٻار ڄائو آهي، اُنکي ٻہ سنگ مٿي ۾ آهن وغيره. سري ڪبير صاحب انهن کي سکيا ڏيڻ واسطي اسچرج شبد جوئي اُچارڻ ڪيو.

١- آئسو آچرج ديکئو ڪبير،

دڌِ ڪئ ڀولئ ٻرولئ نير (اڪ رهائو)

ارٿ:- سري ڪبير صاحب جن فرمائين ٿا تہ اسچرج جي ڳالهہ آهي جو ماڻهو غلطيءَ کان نشڪام ڪرم روپي ڏڌ جي بدران سڪام ڪرم روپي (نير) پاڻيءَ کي (ٻرولي) ولوڙي رهيا آهن، (تنهنڪري موکہ روپي مکڻ اُنمان نہ نڪرندو، يعني آتم آنند جي پراپتي نہ ٿيندي).

ڍري آنگوري گڏها چري،

نِت اُنِ هاسيءَ هيگِيءِ مري

ارٿ:- (١) سائي سلي کي گڏه چري ٿو، هميشه خوش ٿي کري هينگ ڏئي ٿو.

ياوارٿ:- (٢) سنن سنن وشيءَ روپ پدارٿن کي ڪامي جيو ڀوڳي ٿو، هر روز پدارٿن کي ڀوڳي خوش ٿئي ٿو ۽ اهنڪار ڪري ٿو.

٢- ماتا پئسا آنمها جاءِ، ڪَدِ ڪُدِ چريءِ رساتلِ پاءِ

ارٿ:- (١) (ماتا) مست (پئسا) سان (آنمها) سامهون سڌو وڃي ٿو، چال ماري سبزيءَ کي کائي ٿو ۽ وڃي (رساتل) کڏ ۾ ڪري ٿو.

ياوارٿ:- (٢) اهنڪاري جيو مست ٿي ڪنهن کان به هٽايو نٿو وڃي. چال ماري پدارٿن کي ڀوڳي ٿو ۽ نرڪن ۾ پوي ٿو.

٣- ڪَهِ ڪبير پرگٽ ڀيءَ کيڏ،

ليلي ڪَمُ چوُگهيءِ نت پيڏ

ارٿ:- سري ڪبير صاحب جن فرمائين ٿا ته پيو به (کيڏ) تماشو ظاهر ٿيو آهي جو (١) (پيڏ) رڍ (ليلي) گهيٽي کي ڏاٿي رهي آهي. (٢) ياوارٿ- (پيڏ) مايا

(ليلي) جيئو آلما کي پنهنجي اڌ بن ڪري ڇڏيو آهي، يعني (ليلي) ٻڌي (پيڙ) ڀدارتن ۾ موهجي اُنهن کي ڀوڳي ٿي).

۴- رام رمت مت پرڳٽي آئي،

ڪَهُ ڪبير گُر سوجهي پائي.

ارٿ:- سري ڪبير صاحب جن فرمائين ٿا ته گروءَ جنهن وقت (سوجهي) يا گيان ڏنو، تنهن وقت رام، جو سڀني ۾ رمي رهيو آهي، سو (مت) ٻڌيءَ ۾ پرگهٽ ٿيو يا پرڪاش ٿيو.

گوڙي ڪبير جي پنج پدي- شبد [۱۵]

اُٿاڪا:- هڪ سمي ڀڳتيءَ ڪان هين پرش سري ڪبير صاحب کي چوڻ لڳا ته ڪاشيءَ ۾ ئي مرڻ ڪري مڪتي ملي ٿي. تنهن تي سري ڪبير صاحب ڀڳتيءَ جي مهاتم کي پرگهٽ ڪرڻ واسطي ڪاشي ڇڏي مگهر ڌرتيءَ ۾ هليا ويا. اُنهي ماڻهن مهراجن کي چيو ته توهين ڪاشيءَ کي ڇڏي مگهر ۾ ڪئن آيا آهيو؟ تڏهين اُنهن جي سنسي دور ڪرڻ لاءِ هيٺيون شبد اُچارڻ ڪيائون.

۱- جِئن جل ڇوڏِ ٻاهر ڀئيو مِينا،

پوُرب جنم هئن تَپ ڪا هِينا

ارٿ:- مون اڳئين جنم ۾ تپ ڪونه ڪيو آهي، تنهنڪري منهنجي حالت جئن مڇي پاڻيءَ کي ڇڏي ٻاهر ايندي آهي، تئن ٿي آهي.

اَب کُهہ رام کَوَن گَتِ موري،
تجيلي بَنارس مَتِ پَئي توري (اک رهائو)

ارٿ:- منهنجي سمجهه گهٽ ٿي جو مان (بنارس) ڪاشي (تجيلي) ڇڏي آيس، هاڻي ٻائي ٻڌايو، منهنجي ڪهڙي گتي ٿيندي؟

٢- سَگل جنم شو پُري گوائِئا، مرتي بار مگهرِ اُٺ آئِئا

ارٿ:- مون سارو جنم ڪاشيءَ ۾ گذاريو، هاڻي مرڻ سمي مگهر ۾ اُٿي آيو آهيان.

٣- بهُت بَرس تپُ ڪِئا ڪاشي،
مَرنُ پَئِئا مگهر ڪي باسي

ارٿ:- ڪئين سال مون ڪاشيءَ ۾ تپ ڪيو، هاڻي مرڻ وقت مگهر ۾ اچي (باسي) نواس ڪيو اٿم.

٤- ڪاشي مگهر سم بيچاري،
اوڇي ڀگتِ ڪئسي اُترس پاري

ارٿ:- مان ڪاشيءَ مگهر کي (سم) هڪجهڙو ڪري سمجهان ٿو، (اوڇي) ڪم گهٽ ڀڳتيءَ جي ڪري ڪئن پار پوندس؟

٥- ڪهُه گُر گج ٿِو سِپکو جانئي ،

مُڻا ڪبير رمت سري رامئي •

ارث :- منهنجو گرو رامانند (دَيج) ڏٺيس مهراج ، شـو مهراج ، سيکئي جاڻن ٿا ته ڪبير رام رام جو اُچار ڪري برماتما سان (رمت) اُيڪ ٿي بران ڇڏي تو•

گوڙي ڪبير جي - شبد [١٦]

[اُپديش :- سرير جي موه کي ڇڏي ابرميشور جو ڀڄن ڪجي ته مڪتيءَ جو سک ماڻي •]

ا- چوئا چندن مردن انگا ،

سو تن جلئي ڪاٺ ڪي سنگا

ارث :- تون سرير کي عطر قايل (مردن) لڳائين ٿو• اهو سرير ته نيٺ ڪاٺ سان گڏ جلندو•

اُس تن ڌن ڪي ڪَون بڌائي ،

ڌرن پرئي اُروار نه جائي (اڪ رهائو)

ارث :- هن سرير ۽ ڌن جي ڪهڙي وڏائي آهي؟ (ڌرن) ڌرتيءَ تي پوڻ ڪانپوءِ اِهي (اُروار) پار پرلوڪ بر ساٿ نه هلندا•

٢- رات جَ سووهِ دِن کَرهِ ڪام،

اِک کِن ليهه نَہ هرکو نام

ارٿ:- رات جو سمهي ننڊ ڪري ٿو ۽ ڏينهن جو ڪم ڪري ٿو، پر هڪ گهڙي به پرميشور جو نام نٿو جپي.

٣- هاٿ نہ ڏور مکہ کائيو تنبور،

مَرتي بار کَس باڌو چور

ارٿ:- هٿ م باز آدک جي ڏوري پڪڙي ٿو ۽ مک سان (تنبور) پان کائي ٿو (١) مرڻ ويلي جيو روپ چور کي جمدوت خوب (کس) ڪشي ٻڌن ٿا. (٢) مرڻ ويلي واشنا روپ نور بون هنکي وڏيڪ ڇڪي ٻڌن ٿيون.

٤- گُرمت دَس دَس دَرگن گاوي،

رامي رام رمت سکہ پاوي

ارٿ:- گروءَ جي سکيا موجب لداکار تي هري ۽ جا گڻ ڳائي رس وٺي، تہ جيکر رام نام (رمت) اُچارڻ ڪري جيون مکتي ۽ جو سک پائي.

٥- کِرپا کَرکي نام دِرڙائيي،

دَر دَر باس سُکدت بَسائي

ارٿ:- گروءَ جي ڪرپا سان نام (دڙتائي) پڪو ڪيائين ۽ (ھرھرباس) سيني واشنائن کي پري ڪري گيان يا ڀڳتيءَ جي سڳنڌي (ٻسائي) حاصل ڪيائين.

۶- ڪهت ڪبير ڇيٽ ري آنڌا،

سَت رام جهوٽا سڀ ڌنڌا.

ارٿ:- سري ڪبير صاحب جن فرمائين ٿا ھي پرمارٿ ڪان خالي جيو! (تون سنڀال) ھي سڀ ڌنڌا جوٽا آھن ۽ رام نام ئي سچو آھي.

گوڙي ڪبير جي ٻيٽڪي چار ٽُڪي - شبد [۱۷]

اُپديش:- [گيان جي پراپتي ڪان پوءِ ست سروپ جي جاڻ ٿئي ٿي.]

۱- جم تي اُلٽ ڀئي ھي رام،

دُک بنسي سُک ڪيئو بسرام

ارٿ:- رام جپڻ جي ڪري ھو جم ڏڻن جو اَذڪاري ٿيڻ بدران رام ڏڻن جو اَذڪاري ٿيو آھي، يعني ھاڻي ڀڳت آھي. سڀ دک دور ٿي ويا ۽ ھو سکن پر آرامي ٿيو.

بَيري اُلٽ ڀئي ھي ميتا،

ساڪت اُلٽ سُجن ڀئي چيتا

ارٿ:- دشمن وار پاڻ ڇڏي متر ٿائي ٿا ڪن ۽ ساکت
پرش (اُلٽ) ٿري سچا ٿين ٿا.

آپ موهه سرب ڪشل ڪرمانئا،
سانت پئي جب گوبند جانئا (اڪ رهاءُ)

ارٿ:- هاڻي مون سڀ (ڪشل) آنند ڪري سمجھيو
آهي. جڏهين مون گوبند کي ڄاتو، تڏهين سک ٿيو.

٢- تن مهه هوتي ڪوٽ اُپاڌِ،
اُلٽ ڀئي سک سهج سماڌِ

ارٿ:- منهنجي سرير ڪروڙين (اُپاڌ) روڳ هئا، پر
جڏهين مان پرمارٿ ڏانهن لڳس تڏهين مونکي سماڌيءَ
رستي شانتي سک حاصل ٿيو.

آپ پڇاڻيئي آپئي آپ، روگر نه بياپئي تينون تاپ

ارٿ:- جڏهين (گيان سان) پاڻ سڃاڻم، تڏهين پاڻکي
پاڻ جاتم ۽ ٽنهي (تاپ) روڳن آڌ ياتمڪ، آڌ ڀوتڪ
آڌ ديوڪ (يعني من جي پيڙا، گرمي سردي کان تڪليف
۽ ديوتائن جي پيڙا) کان ڇٽي پيس.

٣- آپ مَن اُلٽ سدا ٿن هوُئا،
تب جانئا جب جيوت مؤ

ارٿ:- هاڻي من قري (سناتن) اصلوڪو روپ اختيار ڪيو آهي. اهو مون تڏهين ڄاتو، جڏهين جنهن پاسي کان جيئرو هوس تنهن پاسي کان مري ويس، يعني جو وهنوار ڪندو هوس سو وساريو.

ڪَهُ ڪبير سُکِ سَهج سمادهه،

آپِ نه ڏرهه نه اور ڏرادهه.

ارٿ:- سري ڪبير صاحب جن فرمائين ٿا ته نه مون پاڻ ٻئي کان ڀپ ڪريو نه ٻئي کي ڀپ ڏني، ته پوءِ (سهج) شانتي سک ۾ سمائجين.

گوڙي ڪبير جي - شبد [۱۸]

اُپديش:- [موت کان پوءِ گياني ۽ اگيانيءَ جي حالت]

۱- پنڇِ موئي جيئُ ڪِهِ گهر جاتا،

شبدِ آتيت آناهد راتا

ارٿ:- مرڻ کانپوءِ جيو ڪيڏانهن وڃي ٿو؟ جو شبد ڌارن سنسار کان (آتيت) ويراڳوان رهي ٿو سو (آناهد) پرماتما سان ملي وڃي ٿو.

۲- جِن رام جاڻئا تِنهِ پڇاڻئا،

جِئُ گونگي ساڪر مَنُ مانئا

ارٿ:- جن رام کي ڄاتو آهي تن هي سروپ کي پڇاڻيو آهي، پر ڇڻي نتا سگهن ڇڻن گونگو (ساکر) کنڊ کائي اُنجو سواد ٻڌائي نتو سگهي، تئن مهاتما لوڪ اُنهي رس کي ٻڌائي نتا سگهن.)

آئسا گيان ڪٿئي ٻنواري،

من ري پون درڙ سکمن ناري (اک رهاءُ)

ارٿ:- (۱) اي ڀائي، دسم دار ۾ سکمن ناري (من کي سک ڏيڻ واري ورتي يا گيان جي ورتي) آهي تنهن کي (درڙ) پکو کر (۲) من جو ڇنچل آهي تنهنکي پگتيءَ ۾ لڳائي روڪ. اهڙو گيان وشن ڀڳوان وٻند ۾ ع (ٻنواري) ڪرشن گيتا ۾ چيو آهي.

۲- سو گرو ڪرهو جه بهر نه ڪرنا،

سو پد روهو جه بهر نه روڻا

ارٿ:- اهڙو گرو ڪر جو وري ڪرڻ جي ضرورت نه تئي، يعني برهم سروتي ۽ برهم نيشٽي گرو ڪر. ڀهر ٻائين اهڙو (پد روهو، ساڌن ڪر، يا من ۾ پکو ڪيءَ، جنهنڪري وري نه منجهين.

سو ڏان ڏرهو جه بهر نه ڏرنا،

آئسي مرهو جه بهر نه مرنا

ارٿ:- اهڙو ڌيان پڪڙڪر جو وري نہ ڪرڻو پوي،
اهڙيءَ طرح جيوت پاوَ ڪان مرِ، جئن وري مرڻ نہ ٿيئي.

٣- اُلٽي گنگا جمن ملاوء،

بن جل سنگم من مهه ناوء

ارٿ:- (گنگا) ورتيءَ کي (اُلٽي) اُلٽائي يا هٽائي (جمن = جم نہ- جنهن ۾ مر تيو نہ آهي يعني) سُڌ پد ۾ ملاءِ. انين ڪندين تہ پوءِ باهرين پدارٿن جي سنگم ڪان پري جو پد آهي تنهن ۾ اشنان ڪندين ۽ پنهنجي اِستت ٿيندين.

لوچا سمر لهه ڍُهارا، تَت بيچار ڪيا اوِر بيچارا

ارٿ:- (لوچا) من جو ڦرڻ، يا چت جي واسنا روڪي وڪندين تہ جوڳ جو مارگ هٿ ايندءِ. (تت بيچار) سار وستوءَ جي ويچار برابر ٻيا ويچار نہ آهن.

٤- آپُ تيج باءِ پرٿمي آڪاسا،

آئسي رهت رهئُ هرپاسا

ارٿ:- (اپ) جل، اگني، (باءِ) وايو، پرٿويءَ آڪاس جهڙي طرح انهن تنن جو سياءُ آهي، يعني اگنيءَ جو سياءُ سيني شين چگين توڙي منديون کي جلائڻ) تهڙي طرح ٻين تنن جيئان هلت هلندين تہ هريءَ وٽ پهچندين.

ڪَهيءَ ڪبير نرنجن ڏٺو،

تُت گُهر جاءِ جه ڀڄُهر نه آوءِ.

ارٿ:- سري ڪبير صاحب جن فرمائين ٿا ته پرميشور کي ڏٺاءِ، ته اُن پد يا سروپ کي رسين، جنهن وري جنم مرڻ جي ڦيري ۾ نه اچين.

گوڙي ڪبير جي ٽپدي - شبد [١٩]

[ڏن ڏيڍ سان نام نه حاصل ڪري سگهجي.]

١- ڪَنچن سِمُر پائيءَ نهي تولِ

مَن دي رام ليئا هئي مولِ

ارٿ:- (ڪنچن) سون جي ڏيڍ سان پرماتما جو (تول) ويچار پراپت نٿو ٿئي. مون من ملهه ڏئي رام نام حاصل ڪيو آهي.

آب موهِ رام اُپنا ڪَر جانِئا،

سَهج سُڀاءِ ميرا مَن مانِئا (اڪ رهائو)

ارٿ:- هاڻي مون رام کي پنهنجو ڪري ڄاتو آهي. سهجئي منهنجو من اُن کي مڃي رهيو آهي.

٢- برهمي ڪَٿ ڪَٿ آنت نه پائِئا،

رام ڀڳت بئٺي گهر آئِئا

ارٿ:- برهما ڪشن ڪرڻ سان پرميشور جو انت نہ پاتو، رام جي ڀڳتي مونکي گهر ويٺي ملي.

٣- ڪهہ ڪبير چنچل مت تياڳي،

ڪيول رام ڀڳت نج پاڳي.

ارٿ: سري ڪبير صاحب جن فرمائين ٿا تہ مون بُڌيءَ جي چنچلتا کي ڇڏي ڏنو. فقط رام جي ڀڳتيءَ ۾ (پاڳي) شريڪ ٿيس يعني اُن ۾ پنهنجي من کي ملايم.

گوڙي ڪبير جي - شبد [٢٠]

[جن کي بوجهہ اچي ويئي آهي تہ دراصل مرڻ ڇا آهي، سي موت کان نٿا ڊڄن.]

١- جهہ مرني سڀ جڳت تراسئا،

سو مرنا گر سبد پرگاسئا

ارٿ:- جنهن مرڻ ساري جڳت کي (تراسئا) ڊپ ۾ وجهي ڇڏيو آهي، سو گروءَ جي اُپديش سان مون (پرگاسئا) سمجهي ڪيو آهي. (يعني بوجهہ اچي ويئي آهي تہ دراصل مرڻ ڇا آهي.)

اب ڪئسي مرؤ مرن من مانئا،

مر مر جاتي جن رام نہ جانئا (اِڪ رهاءُ)

ارٿ:- من مرڻ کي ڄاڻي ورتو آهي، پوءِ هاڻي ڪيئن

مرندس. جن رام کي نه ڄاتو آهي، سي مري وري جنم پائين ٿا.

۲- مرنو مرن ڪهي سڀڪوئي،
سهجي مرئي امر هوءِ سوئي

ارٿ:- مرڻ مرڻ ته سڀڪو پيو چوي، جو گيان حاصل ڪري مري، سوئي امر ٿيندو.

۳- ڪهه ڪبير من ڀئا آنندا،
گئا ڀرم رهيا پرمانندا.

ارٿ:- سري ڪبير صاحب جن فرمائين ٿا ته جڏهين ڀرم ويو ۽ پرميشور نسچي ٿيو، تڏهين منهنجي من ۾ وڏو آنند ٿيو.


گوڙي ڪبير جي - شبد [۲۱]

اُٿانڪا:- ڪنهن سمي سري ڪبير صاحب جن کي ايڪانت اوستا ۾ رهندو ڏسي وچار ڪرڻ هين پرشن سمجهيو ته ڪا بيماري اٿن، تنهنڪري ڪين ڇپائون ته دوا ڪريو. تنهن تي صاحبن هيٺيون شبد اُچاريو.

۱- ڪت نهي ٺُور مول ڪت لاوءُ،
ڪو جت تن مهه ٺُور نه پاوءِ

ارٿ:- ڪائي جڳهه روڳ جي ڪانهي، جتي دوا

لڳائجي، کوجنا ڪرڻ سان سربر رهڻ جي جڳهه ڪانه ايندي.



لاڳي هوءِ سُ جاڻيءَ پيڙ،

رام ڀڳتِ آڻيالي تير (١)

ارٿ:- جنهنکي لڳي هوندي تنهنکي پيڙا يا مستيءَ جي خبر هوندي. رام جي ڀڳتيءَ جا تير (آڻيالي) ڏاڍا تکا آهن.

٢- ايڪ ڀاءِ ديکئُ سڀ ناري،

ڪِئا جاڻئُ شہ ڪَؤِن پِئاري

ارٿ:- سڀ ڀڳت روپي استريون هڪ ئي ڀاوَ سان پرميشور کي ڏسن ٿيون، پر ڪهڙي خبر ته پتي پرميشور کي اُنهن مان ڪهڙي استري پياري آهي؟

٣- ڪَہ ڪبير جاڪيءَ مستڪ ڀاڳُ،

سڀ پرهرِ تاڪئُ مِليءَ سُهاڳُ.

ارٿ:- سري ڪبير صاحب جن فرمائين ٿا ته جنهنجي قسمت چڱي هوندي سو سنساري سکن کي (پرهر) تياڳيندو، ته پوءِ اُنکي ئي پرماتما ملندو.

گؤڙي ڪبير جي - شبد [٢٢]

[هڪ ايمانيءَ کي ماڻهن پر رڌي سڌي ظاهر ڪري

پنهنجو مان وڏائي سڀ سري ڪبير صاحب جن جو شانتيءَ جو اُپديش.]

١- جاڪي دَرسا ٺاڪُر ڀائي،

مُڪتِ آنَنت پڪارڻ جائي

ارٿ:- جنهن جو مالڪ پريو آهي، اُن وٽ (آننت) بيشمار مُڪتيون پڪارڻ وڃن ٿيون، (يعني هٿ جوڙي اُن اڳيان اچي بيهن ٿيون.)

مُڪتيءَ جا قسم:-

(١) سالوڪ = ٻلاڻي لوڪ (اِندر آدي) ۾ وڃان.

(٢) ساميپ = ٽهل ڪمائي سواميءَ جو درسن ڪري مُڪت ٿيان.

(٣) ساروپ = جنهجي برابر چتر ڀڄ روپ ڌاري وهان.

(٤) سايج = اُپاڌي ڇڏي سرڳڻ ۾ ملي وڃان.

(٥) ڪيول = نرگڻ ۾ ملي وڃان.

اَب ڪَهُ رام ڀَروسا تورا،

تبَ ڪاهُ ڪا ڪَوَن نِهورا (اڪ رهاءُ)

ارٿ:- هاڻي رام! مونکي تنهنجوئي ڀروسو آهي، ٻوءِ ڪنهنجو مونتي (نهورا) احسان آهي؟

٢- تين لوڪَ جاڪي هَهِ ڀارَ،

سو ڪاهي نہ ڪَريءَ پرتپار

ارٿ:- تنهي لوڪن جو جنهن تي بار آهي، سو ڇولا سنڀال لهندو.

٣- ڪهُ ڪبير اڪ ٻُڌ بيچاري،

ڪِٿا بسُ جڻ ٻِڪرُ دي مهتاري.

ارٿ:- سري ڪبير صاحب جن فرمائين ٿا ته مون هن طرح ويچار ڪيو آهي، (يعني مون پرميشور کي ماتا وانگي رکيو ڪري جاتو آهي) پوءِ جيڪڏهين (مهتاري) ماتا پنهنجي بار کي ڏک ڏيئي ماري ته پوءِ اُن بار جو ڪهڙو وس هلي سگهندو؟

گوڙي ڪبير جي- شبد [٢٣]

[سنتي اها جا سڀ سان پنهنجي پتنيءَ سان گڏ جلي ۽ نه اها، جا رڳو لوڪ ڏکاءُ واسطي ائين ڪري.]

١- بِن سَت ستي هوءِ ڪَيسي نارِ،

پنڊت ديکهُ رِديءِ بيچارِ.

ارٿ:- هي پنڊت! پنهنجي هردي ۾ ويچار ڪري ڏس ته سَت آدي گڻ ڌارڻ کانسواءِ ستي ڪيئن ٿي سگهي ٿي؟

پريت بِنا ڪيسي ٻَڌي سنيهُ،

جَب لَگ رَسُ تَب لَگ نهي نيهُ (اڪ رهاءُ)

ارٿ:- پريت کانسواءِ ڪٿي پرماتما ۾ (سنيهه) پريم وڌندو؟ جيستائين رس نه ايندس، تيستائين پرميشور ۾ (نيهه) پيار نه ٿيندس.

٢- ساهن ست ڪري جيئه آپڻي،

سو رمئيي ڪٿ ماءِ نه سپنئي

ارٿ:- جو (ساهن = سيڻياڻي) يعني مايا کي پنهنجي من ۾ سچو ڪري ٿو ڄاڻي، سو ڪڏهن ۾ پرماتما کي نه ملندو.

٣- تن من ڌن گرهه سئنپ سرير،

سوئي سهاگڻ ڪهئي ڪبير.

ارٿ:- سري ڪبير صاحب جن فرمائين ٿا ته جا جگياسو روپي استري سر ۾ سوڌو، من ڌن، گهر وغيره (سئنپ) ارپڻ ڪري ٿي، سائي سهاڳڻ آهي.

گؤڙي ڪبير جي - شبد [٢٤]

[ماڻهن کي مڌ ماس کان هٽائڻ لاءِ اُپديش.]

١. بڪما بڪاپڪا سگل سنسار، بڪما لئي ڏوبي پرواړ

ارٿ:- سڀ لوڪ وشين کي (بڪاپڪا) لڳا پيا آهن. مڌ آدڪ وشيون، اُنهن کي سندن ڪٽنب سوڌو ٻوڙيندڙ ٿيون.

رَي نَر ناوَ چوُڙ کَٽ ٻوڙي ،

هَر سِمَر توڙ ٻِکَئا سَنگِر جوڙي (اک رهاءُ)

اَرٿ :- هي مورکہ اِنسان! شي گڻن واري (ناو) ٻيڙي توري پاڻيءَ ۾ ٻي ڇو ٻوري ڇڏي ٿو؟ (يعني پنهنجي منش جنم کي ڇو ٻوڙيو اٿيئي؟) پرميشور کي ڇڏي دشمن سان پريت ڪئي اٿيئي.

٢- سُر نر داڌي لاگي آگِ ،

نِڪَٽ نيرُ پسُ پيوَسِ نَر جھاگِ

اَرٿ :- اُنهي ترشنا روپ اگنيءَ ڪري ديوتائون ۽ منش (داڌي) جلي رهيا آهن. هي (پس) پسون! شانت روپ پاڻي يعني ست سنگ ، جو ويجھو آهي ، تنهنکي (جھاگ) ڏسي ٻه شانتيءَ کي گرهن نٿو ڪرين؟

٣- چيتت چيتت نِڪَسِئو نيرُ ،

سو جَل نِرمَلُ ڪَٿتَ ڪبيرُ .

ارٿ :- جڏهين (چيتت) چنتن يا ويچار ڪندين ، تڏهين گيان روپي جل اندران ئي نڪري ايندو. سري ڪبير صاحب جن چوَنٿا تہ اُهو جل نرمل آهي ، (جو وشئہ واسنا کي ناس ڪري ڇڏيندو.)

گوڙي ڪبير جي - شبد [٢٥]

[منش رام جي يڳتيءَ بنا اپرادي آهي ۽ اهو جيئڻ ئي اجايو آهي.]

١- جهِ ڪُل پوُت نہ گيان بيچارِيو،

پڊوا ڪَس نہ يئي مهتارِي

ارت:- جنهن ڪل ۾ پت گيان جو ويچار نٿو ڪري، انهيءَ (مهتاري) ماءُ (ڪس) ڇو نہ وڌوا ٿي؟

جهِ نر رام يڳت نهِ سادي،

جنمت ڪَس نہ مئو اپرادي (اڪ رهاءُ)

ارت:- جنهن ماڻهوءَ رام جي يڳتي نہ ڪئي، اهو اپرادي جمندي ئي ڇو نہ مئو؟ (يعني مري وڃي ها تہ چڱو هو.)

٢- مچ مچ گرڀ گئي ڪي نہ بچئا،

بڌ پج روپ جيوي جگ مجهئا

ارت:- (مچ مچ) ڪيترين جونيون هن پاپين آهن (هنڪي مانش د بهي ملي) پوءِ (ڪي نہ) ڇو نہ پاڻ کي بچايائين؟ (ا) هي جيو جڳت ۾ (بڌ پج) پائهن ٿائين يعني پنجن وشين ۾ بڌو پيو آهي پر سمجهي ٿو تہ ترپو

وِشنو آهيان (٢) ڄڳت ۾ (ٻئي ڪنهن) پيدا ڪ روپ سان ڄمڻ آئس (يعني ٻين کي دک ڏيڻ واسطي ڄمئي ٿو.)

٣- ڪُهه ڪبير ڄنهِسي سُندر سرُوپ،

نام بنا ڄئسي ڪُبج ڪَروپ.

اَرٿ:- سري ڪبير صاحب جن فرمائين ٿا ته، ڄڻ سندر روپ هجي، پر (ڪبج) ڪبو هجي ته پوءِ ڀڄڙو ٿيو نظر ايندو، تئن پرميشور جي نام کان جو بي مک آهي سو ڪبو آهي، (يعني ڄڳت ۾ هن جي سوڀيا نه آهي.)

گوڙي ڪبير جي - شبد [٢٦]

[گهٽ ذات واري منش ۾ جيڪڏهين ڀڳتي آهي ته هو اُتم ليکجڻ ۾ اچي ٿو.]

١- جو جن ليهِ خصم ڪا نام،

تِن ڪي سد بلهاري جام

اَرٿ:- جو منش پرميشور جو نام جپي ٿو، تنهن تان مان سدا بلهار وڃان ٿو.

سو نِرمل نِرمل هر گُن گاوي،

سو ڀائي ميري من ڀاوي (اک رهاءُ)

ارٿ:- اهو پوتر آهي جو سندر هريءَ جا گڻ ڳائي ٿو، سوئي منهنجي من کي وڻي ٿو.

٢- جھہِ گھٽ رام رهيا ڀرپُور،

تِن کي پڳ پنڪج هم ڌُور

اَرٿ:- جنهنجي هردي بر سدا رام وسي ٿو تنهنجي (پنڪج) ڪمل چرنن جي مان خاڪ آهيان.

٣- جاتِ جُلاها مَتِ ڪا ڌيرُ،

سَهجِ سهجِ گُڻ رَمئي ڪبير.

ارٿ:- سري ڪبير صاحب جن چون ٿا، جنهن جي جات ڪتڻ واري ۽ مت ڌيرج واري آهي سو (سهج) سانت روپ پرماتما جا گڻ اُچارڻ ڪري ٿو.

گوڙي ڪبير جي - شبد (٢٧)

[شراب کان هٽائڻ لاءِ اُپديش]

١- گَگَنِ رسالُ چُئي ميري ڀاٺي،

سَنچِ مها رَسُ، تَنُ ڀَئِيا ڪاٺي

اُرٿ:- (١) يوگ مارگ بر:- (گگن) دسم دئار روپي ڀٺي آهي، اُن بر جوڳي (چئي) چوئن ٿا (جنهن عرق ڪڍبو آهي). سر بر کي ڪاٺي بنائين ٿا يعني سر بر يوگ مارگ تتکيا بر لڳائين ٿا، (مهارس) بره آنند کي پراپت ڪرڻ لاءِ.

(٢) گيان مارگ ۾:- (پاڻي گگن) چد آڪاس جي پاڻي دسم دئار جو (رسال) رس روپ آهي، اها آهي ٿي، انهن ٻنهي ورتيءَ سان اَنيؤ ڪريان ٿو. سر ٻر کي جمن ڪانت جلائي ٿو، تنهن سرير کي مٽيا روپ ڄاڻي ٽنڪيا يعني ساڌن روپي ڪشت سهارڻ ۾ لڳايم ٻرهم آنند کي پراپت ڪرڻ لاءِ.

اَئا ڪئم کيهڻي سهج متوارا،

ڀيوت رام رس گيان ٻيچارا (اڪ رهاءُ)

اَرٿ:- (اَئا) اهو جوڳي (سهج متوارا) شانتي روپي مٽي وارو چوڻ ۾ اچي ٿو. (رام رس) برهمانند رس جي (ڀيوت) ونڊ ڪري پرماتما جي گيان جو ويچار ڪيس ٿو.

٢- سهج ڪلالڻ جئم مل آئي،

آنند ماتي اَن دِن جائي

ارٿ:- جڏهن (سهج) شانت روپ (ڪلالن) شراب پيارينڌڙ ملي ٿي تڏهين برهم آنند ۾ (ماتي) مست ٿي ڏينهن رات گذرن ٿا.

٣- چيتنت چيت نرنجن لائنا،

ڪهه ڪبير تئم آنيؤ پائنا.

ارٿ:- صاحب چون ٿا ته برهم آنند جو رس (چيتنت)

جاڻي نرنجن ۾ چت لڳايو اٿم، تڏهن ئي مون (اُنيو=ڀڙي رهت پد يعني) گيان پاتو آهي.

گوڙي ڪبير جي - شبد (٢٨)

[ڪوڻن وڪارن کان هٽڻ لاءِ اُپديش]

١- مَن ڪا سُپاه مَنهِ ڀِئاپي،

مَنهِ مارِ ڪَون سِڌ ٿاپي

ارٿ:- من جو سپاهه من ۾ئي وياپي رهيو آهي. جڏهن من کي ماريو ته پوءِ کهڙي (سڌ) وستوءَ جي (ٿاپي) پراپتي ٿيندي؟

ڪَون سُ مَنِ جو مَن مارئ،

مَن ڪَئُ مارِ ڪَهُه ڪِس تارئ (اڪ رهاءُ)

ارٿ:- اُهو ڪهڙو منئي آهي، جو من کي (بنا برهم آڪار ورتي) ماري ٿو؟ ٻڌايو ته من کي ماري ڪنهن کي تاري ٿو؟

٢- مَن انتر بولئ سڀ ڪوئي،

مَن مارئ بِن ڀگتِ نه هوئي

ارٿ:- من اندر ته سيئي جيئون اُتارين ٿا پر ڀڳتي بنا من نه مرندو.

٣- ڪَهُ ڪبير جو جاڻي پيئُ،

مَن مَڌ سودَنُ ترڀوڻ ڏيئُ.

اَرٿ:- سري ڪبير صاحب جن فرمائين ٿا جو من مارڻ جي (ڀيئُ) ڀيد کي ڄاڻي ٿو، اُهو من (مڌسودن) پرميشور روپ، ٽن ڀونن جو پرڪاشڪ ٿئي ٿو.

گَوڙي ڪبير جي - شبد (٢٩)

[سرشٽي ايشور بڻائي آهي ۽ اُهو هلائيندڙ به پاڻ آهي]

١- اوءِ جو ڏِيسهِ آنبرِ تاري،

ڪِن اوءِ چيتي چيتن هاري

اَرٿ:- آسمان ۾ جي تارا ڏسڻ ۾ اچن ٿا، تن جو چٽر ڪهڙي (چيتن هاري) چٽرڪاريءَ بڻايو آهي؟

ڪَهُ ري پنڊت آنبرُ ڪا سَئُ لاگا

ٻُوجهيءَ ٻُوجهن هارُ سَباگا (اڪ رهاءُ)

اَرٿ:- هي پنڊت ٻڌاءِ ته سهين، آسمان ڇا سان قائم ٿيو پيئو آهي؟ هي اُهوئي سمجهندو جو چڱي، رسني کي ڄاڻڻ وارو هوندو.

٢- سورج چند ڪرهِ اُجيارا،

سبي مهرِ پسرِئا ٻرهم پسارا

ارٿ:- سورج ۽ چنڊ جي (اجارا) پرڪاش ڪري رهيا آهن، تن ۾ برهم جي سَتا پسري رهي آهي.

٣- ڪَهُ ڪبير جاڻِگا سوءِ،

هِردئي رام مُکِ رامئي هوءِ.

ارٿ:- سري ڪبير صاحب جن فرمائين ٿا ته اها خبر اُنکي ئي پوندي جنهنجي هردي ۽ مُک ۾ رام نام هوندو.

گوڙي ڪبير جي شبد [٣٠]

[مايا جي پربلتا جنهن ساري جڳت کي لُٽي ڇڏيو آهي]

١- بيد کي پُتري سمرت پائي،

سانڪل جيوري لَئي هَئي آئي

ارٿ:- هي پائي! سمرتي ويد جي ڪرم پاوَ ڪري سمجهي (راڳ دويش روپي ڪٺن ڪرم) (سانڪل) زنجير جي نيائي ۽ (واسنا روپي نندا ڪرم) (جيوري) نوڙيءَ جي نيائي پاڻ سان کڻي آئي آهي.

نوٽ:- سمرتي = ڪنهن ماڻهوءَ ويد مان ڪوئي شبد ڪنهن ڌرم بابت پڙهيو، وري اهو جدا لکيائين، اها آهي سمرتي.

آپن نَگرُ آپ تي بانڌِئا،

موهه ڪئي ڦاڌِ ڪال سرُ سانڌِئا (اڪ رهاءِ)

اَرٿ:- (ڪرم روپي زنجيرن سان) ماڻهن (آپڻ نگر) پنهنجي سرير کي ٻاڌي ٻڌي ڇڏيو. ڪال موه جي (ڦاڙ) ڦندي ۾ جيوَ کي (سرساندئا) ٻاڌ هڻي ٿو يعني ٻڌي ٿو.

٢- ڪٽي نه ڪٽئي ٽُوٽ نهَ جائي،

سا ساپڻ هوءِ جگر ڪئُر کائي

اَرٿ:- اها موه روپي نوري ڪرم روپي ساڌن سان ٻه نه ڪپجي ۽ نه ٽٽندي. ڪرمن جي پريتي (ساپڻ) سرپڻي ٿي جگر کي کائي ٿي.

٣- هر ديکت جن سڀ جگُر ابُو ٺڳا،

ڪهُه ڪبير ميُ رام ڪهه ڇوُ ٺڳا.

اَرٿ:- سري ڪبير صاحب جن فرمائين ٿا ته منهنجي ڏسندي اُن مايا ساري جڳت کي لٽي ڇڏيو آهي. مون رام نام جپي ڇوٽڪارو پاتو آهي.

گوڙي ڪبير جي - شبد [٣١]

اُٿانڪا:- سري ڪبير صاحب جي ٻڌي ٿيڻ ڪري ڪنهن پريميءَ کين گهوڙي جي سواري ڪرڻ جي صلاح ڏني، تنهن تي صاحبن چيو ته مان هميشه گهوڙي جي هسواري ڪريان ٿو.

١- ديهه مهار لگام پهراوءِ سگل تجين گگن ڏوراونءِ

اَرٿ:- من روپي ڳهوڙي کي (مهار) وِڌاءِ، روپي لغام وجهان ٿو، يا ويچار سان قابو ڪريان ٿو ۽ (نجڻ) هنو رکي چيتن روپي (ڳڳن) آڪاس ۾ ڊوڙايان ٿو. [مهار = مهه = موه، آر = وڌي، موه جو وڌي يعني وِڌاءِ، سڳل ٽجڻ = سڀ جو تياڳڻ، اها آهي ڪاٺي يعني هنو ڳڳن = چيتن روپي آڪاس.]

آپڻي ٻيچار آسواري ڪياجيءَ،

سهج ڪي پاوڙيءَ پڳ ڏر ليجيءِ (اڪ رهاءُ)

اَرٿ:- ست ۽ اَست يا پنهنجي سروپ جو ويچار اهائي سواري ڪجي. اندر ٻاهر (سهج) شانتيءَ جي [پاوڙيءَ] رڪابن تي [پڳ ڏر ليجيءِ] پير رکجي (يعني من ۽ ٻڌيءَ جي ورتي ٺهرائجي.)

۲- چال ري ٻئڪنٺ تجهه لي تارُ،

ڇڪه تُه پريم ڪي چابڪ مارُ

اَرٿ:- هي پيارا [من روپي گهوڙا] تون هل تہ توکي تاري وئڪنٺ ۾ وٺي هلان يا اڳيان ڪان تاري اَوشيءَ پد ۾ وٺي هلان. جيڪڏهن انهيءَ رستي ۾ [هڇهہ] منجهندين تہ توکي پريم روپي چابڪ هڻندس.

۳- ڪهت ڪبير ڀلي آسوارا،

بيد ڪتيب تي رهہ نرارا.

اَرٿ:- سري ڪبير صاحب جن فرمائين ٿا مان ويد جي ڪرم ڪانڊ ۽ ڪتيب جي شريعت کي ڇڏي [اُرارا] الڳ رهان ٿو، جي سنت مهاتما آهن سي [پاي اَسوارا] پڪا سوار آهن.

گوڙي ڪبير جي - شبد [٣٢]

اُٿانڪا:- هڪ سيٺ جنهن کي پنهنجي سر بر سان ڏاڍي پريتي هوندي هئي، اُنکي مساڻي بر لنبا ويندي ڏٺائون ۽ اهو حال ڏسي، سري ڪبير صاحب جن هيٺيون شبد اُچاريو.

١- ڇِهہ مُکہ پانچهہ اَمرت کائي،

تِهہ مُکہ ديکت لُوکٽ لائي

اَرٿ:- جنهن مکہ سان ڪيئين پرڪارن جا (پانچهہ اَمرت) پنج اَمرت- ماکي، کير، گيهه، مکڻ ۽ ڏڌ، اُنهن جا نهايل سندر پدارٿ ٿي کاڌائين، تنهنکي (لوکٽ) لنبا ٿا ڏين.

اِڪُ دُکہ رامراءِ ڪاٽهُ ميرا،

اَگنِ دَهيءِ اَرگرڀ بَسيرا (اِڪ رهائو)

اَرٿ:- هي رام! منهنجو هڪ دکہ نورت ڪر، مونکي اَگنيءَ بر (دهيءِ) سڙڻ ۽ گرڀ بر (بسيرا) اچڻ کان رکي وٺ.

٢- ڪائِنا ڀڳوتي ڀهُ ڀڙ ڀاتي ،

ڪو جاري ڪو گَڏلي ماتي

اَرٿ:- سرير گهڻن طرحن سان [ڀڳوتي] خراب ٿئي ٿو. ڪي اُنکي [جاري] ساڙين ٿا ۽ ڪي دري مٽيءَ ۾ [گڏلي] پورين ٿا.

٣- ڪَهُ ڪبير هَر چرڻ دِکاوهُ ،

پاڇيءَ تي جم ڪِنڪرُ نه پٺاوهُ.

اَرٿ:- سري ڪبير صاحب جن فرمائين ٿا تہ هي پرميشور! مونکي پنهنجي چرڻن جو درسن ڏي. [١] ۽ جم [ڪنڪر] کي نہ [پٺاوهُ] پٺيان لڳاءِ. [٢] پوءِ [ڪنڪر=چوڻ يعني اجي جم [پٺاوهُ] پٺيان لڳائين تہ بہ پرواهہ ڪانهي.

گوڙي ڪبير جي - شبد [٣٣]

اُٿانڪا:- هڪ دفعي سري ڪبير صاحب جن جهوپڙيءَ ۾ ڏيان ۾ ويٺا هئا تہ طوفان لڳو ۽ باهہ لڳي. ماڻهن باهہ وسائي ڇڏي. پوءِ صاحب کي چيائون تہ توهانکي جهوپڙي سڙڻ جو ڪو بہ خيال نہ ٿيو، تنهن تي هيٺيون شبد چيائون.

١- آڳي پاوڪُ آڳي ٻوڙنا، جاريءَ خصمُ تہ راکيءَ ڪونا

اَرٿ:- [پاوڪ] اگني بہ ٻاڙ، نہ هوا بہ پاڙ. ڏٺي جهوپڙيءَ کي [جاري] ساڙ بندو تہ پوءِ اُنجي رکيا ڪير ڪري سگهندو؟

رام جپت تن جر ڪين جاءِ،

رام نام چت رهئا سماءِ (اڪ رهاءُ)

اَرٿ:- رام نام جپيندي ڪايا ڪين سڙندي، جنهن ۾ رام نام جپڻ ۾ منهنجو چت لڳو پيو هو.

٢- ڪاڪو جري ڪاهو هوءِ هانِ،

نٽوت کيلءِ سارنگ پانِ

اَرٿ:- ڪنهن کي ٿو ساڙي ۽ ڪنهن جي [هان] هاڃي ٿي ٿئي؟ [سارنگ پان] پرميشور [نٽوت] بازيگر وانگي بازي پيو کيلي.

٣- ڪهُ ڪبير اکر دُءِ ڀاکِ، هوئگا خصم ته ليئگا راکِ.

اَرٿ:- سري ڪبير صاحب جن فرمائين ٿا ته ٻه ئي اکر آهي ٻه اکر يعني رام نام ونڊو [ڀاک] چئو. جي پرميشور چاهيندو ته رکي وٺندو.

گَوڙي ڪبير جي ٻُڌي - شبد [٣٤]

[رام نام ڪانسواءِ پيو ڪو به اپاءُ سنسار ساگر کان پار پوڻ جو نه آهي.]

١- نا ميءِ جوگِ ڌيان چت لائئا،

بن بئراگ نه ڇوٽَس مائئا

اَرٿ:- مون جو هٿ ڏيان بر چت ڪر ن لڳا بوء وڙاءِ کانسواءِ مايا کان نٿو ڇٽجي.

ڪَئسي جِيون هوءِ هَمارا،

جَب نہ هوءِ رام نام آڌارا (اڪ رهاءُ)

اَرٿ:- جيڪڏهين مونکي رام نام جو آسرو نہ هجي تہ پوءِ منهنجو جيون جيڪر ڪهڙو هجي؟

٢- ڪهُ ڪبير کو جٿ آسمان،

رام سمان نہ ديکھُ آن.

اَرٿ:- سري ڪبير صاحب جن فرمائين ٿا تہ [آسمان] مٿي سڀ لوڪ مون ڪري ڏٺا آهن تہ رام نام برابر ٻيو کو اُپاءُ پار پوڻ جو نہ آهي.

گوڙي ڪبير جي - شبد [٣٥]

اُٿانڪا:- هڪ دفعي سري ڪبير صاحب گنگا تي ويا تي تہ اُتي هڪ سيٺ، جو جيڏي پنهنجي پڳ کي ٻيو سڌاريندو هو، اُن جي ڪوپري ۾ ڪانون ٺونگا پي هنيا، تنهن تي چيائون تہ:-

١- جهِ سِر رچِ رچِ باڌت پاگہ،

سو سر چُنچ سَوارهِ ڪاگہ

اَرٿ:- جنهن سر تي هو پڳ (رچ رچ) سڌاري ٻڌندو هو، تنهن ۾ ڪانگ [چنچ] ٺونگا پيا هڻن.

اُسَ تَن ڏِن ڪو ڪِيا گرَ ٻيٺا،

رام نام ڪاهي نه درڙيٺا (اِڪ رهاءُ)

اَرٿ:- هن سرير ۽ تن جو ڇو تو (گر ٻيٺا) اهنڪار ڪرين، رام نام ڇو نٿو [درڙ ٻٺا] پڪو ڀروسو رکين؟

٢- ڪَهتَ ڪبير سُنُهُ مَن ميري،

اِهي حوال هوئگي تيري.

اَرٿ:- سري ڪبير صاحب جن فرمائين ٿا ته منهنجا من ٻڌ، اِها ساڳي حالت تنهنجي به ٿيندي.

راڳ گوڙي گئاريري آشٽپدي ڪبير جي ڪي

شبد [٣٦]

اِڪ اونڪار ستگر پرساد.

[ڀڳوان کان سنسار جا سک گهري وٺڻ نه گهرجن.]

١- سُکَ مانگَت دُکَ آگيٖ آوئي،

سو سُکُ هَمَهُ نه مانگِيا ڀاوئي

اَرٿ:- جو سنسار جو سک گهري ٿو، تنهنکي ڀر لوڪ ۾ دک [آگيٖ] اڳيان اچي ٿو. اهڙو سک [مانگيا] گهرڻ مونکي نٿو وڻي.

بکئا اَجهہ سُرتِ سُکھ آسا،

کَئسي دوئي ديءِ راجا رام نِواسا (اِک رهاءُ)

اَرٿ:- جو اچا وشئہ سکھ ۾ لڳو پيو آهي يا سرت وشئہ سکھ ۾ اٽڪي ۽ آسا ته ڪري برهم آنند سکھ جي، سو اُنکي رام جي پراپتي ڪئن ٿيندي؟

٢- اِس سُکھ ني شِوَ برهم ڏرانا،

سو سُکھ دَميهہ ساچُ کر جانا

اَرٿ:- جنهن سکھ کان شو ۽ برهما ٻه ڊپ ۾ آهن، سو سکھ اسان سچو ڪري ڄاتو آهي.

٣- سَنڪادڪ نارد مُن سيکا،

تِن بي تَن مہِ مَن نهِي پيکا

اَرٿ:- سنڪ آدڪ ۽ نارد مني ۽ شيخ، اُنهن ٻنهي (وشين جي سنبند ڪري) پنهنجي سرير ۾ من کي ايڪاگر ڪو نه ڏٺو.

٤- اِس مَن کَئہ ڪوئي کوجهہ ڀائي،

تَن ڇوٽي مَن کَها سمائي

اَرٿ:- هي ڀائي! اُن سرير ۾ جو (من) جيو آتما

آهي تنهنکي ڳوليو، ته سر پر چنڊ ڪانپوءِ هو ڪيڏانهن وڃي ٿو؟

٥- گُر پرسادي چندر ٻڌ ناما،

ڀڳت کي پريم لِن مي هي جانان

اَرٿ:- گروءَ جي ڪرپا سان چندبوءِ نامديو پريما ڀڳتيءَ ڪري اُني من جي سروپ کي جاتو آهي.

٦- اِس مَن ڪَئُ نهي آون جانا،

جِس ڪا ڀرم گئيا تِن ساچ پڇانا

اَرٿ:- اِهو من جنم مرڻ ۾ نٿو اچي، جنهن جو ڀرم مٽجي ويو آهي، اُن کي اُني سچ جي پهچاڻ ٿوي ٿي.

٧- اِس مَن ڪئُ روپ نه ريکيا ڪائي،

حُڪمي هُويا حُڪم ٻُوجهه سمائي

اَرٿ:- هن من کي نڪو روپ ۽ نڪو ڪو (ريکيا) ڇهن. حڪم انوسار ٿيو ۽ حڪم کي (بوجهه) ڄاڻي گيان حاصل ڪري سمائجي ويو.

٨- اِس مَن ڪا ڪوئي جاني ڀيئُ،

اِهُ مَن لِيڻ پئي سُکديئُ

اَرٿ:- هن من جو (ڀيئُ) ڀيد ڪو ورلي ڄاڻي ٿو. اِهو (من) جيو آتما (سکديئُ) پرماتما ۾ لين ٿي ويو.

٩- جيئه ايڪ آر سگل سريرا،

اس مَن ڪئه روِ رهي ڪبيرا.

اَرٿ:- سري ڪبير صاحب جن فرمائين ٿا ته سيني سريرن ۾ هڪ ئي (جيئه) پرماتما وسي ٿو، جنهن کي مان (رو رهي) ڄڻيان ٿو.

گوڙي گئاريري - شبد [٣٧]

[آتما آنند سک جي پراپتيءَ لاءِ اُپديش.]

١- اهِ نسِ ايڪ نام جو جاڳي،

ڪيتڪ سِڌ ڀئي لِوَ لاڳي (اڪ رهاءُ)

اَرٿ:- جيڪي (اهه نس=ڏينهن رات) سدا نام جا پياسي ٿيا آهن، اُنهن مان (ڪيتڪ) ڪيترائي لوَ لڳائي رڌي سڌيءَ وارا ٿيا آهن، يا ڪليان روپ ٿيا آهن.

ساڌڪ سِڌ سگل مُن هاري،

ايڪ نام ڪلپتر تاري

اَرٿ:- (ساڌڪ) جگياسو، سڌ، سيني منيشرن کي رام نام هٿ نه آيو آهي، جو نام (ڪلپتر) ڪلپ برڇ جي نيائي ڀِ تارڻ وارو آهي.

٢- جو هر هري سه دوهِ نه آنا،

ڪهه ڪبير رام نام پڇانا.

أرٿ:- جي هري نام کي جپي هري روپ ٿيا آهن (يعني سروپ ۾ لين ٿيا آهن) سي (هوءِ نه آنا) ٻي طرح نه ٿيندا، (يعني جنم مرڻ ۾ نه ايندا) تنهنڪري سري ڪبير صاحب جن چون ٿا ته رام نام جي پهچاڻ ڪريو.

گوڙي ٻي سورٺ ٻي - شبد [٣٨]

[ڌرم جي ڪم ۾ ڪجهه پئسا ڏيڻ لاءِ ماڻهن ڪبير صاحب کان گهر ڪئي، تنهن تي صاحبن هيٺيون شبد چيو.]
سري گروارجن ديو ڪبير صاحب جي ٻاڻي کي وٺي ڪري گوڙي ۽ سورٺ راڳن ۾ هيٺيون شبد چون ٿا.

١- ري جيئڙا نلج لاج توهه ناهي،
هر تج ڪت ڪاهو ڪي جاهي

ارٿ:- هي [نلج] بي شرم، توکي لڄ نٿي اچي، جو هري پرماتما کي [تج] ڇڏي ٻين جي در تي وڃين ٿو.

جاکو ٺاڪر اوچا هوئي،
سو جن پر گهر جات نه سوهي

ارٿ:- جنهن جو ٺاڪر [اوچا] يعني هر طرح سمرٿ آهي، تنهنجو ٻئي در تي وڃڻ نٿو [سوهي] سونهي.

٢- سو صاحب رهئا ڀرپور، سدا سنگ ناهي هر دور

ارٿ:- أهو منش هميشه ڀرپور رهي ٿو، ڇو ته هري پرماتما سدا أن سان سنگ آهي ۽ أن کان پري نه آهي.

۳. کَولا چرن سرن هئ جاکي،

کَمہ جن کِئا ناهي گهر تاکي

اَرت:- جنهن پرميشور جي (کولا چرن) کمل چرنن جي سرن ورتي آهي، سو ياني ابتداء تہ اُنجي گهر ۾ چا نہ آهي، يعني سڀڪي آهي.

۴. سَي کوِئُو کَهئ جاسُ کي باتا،

سو سمرت نِجہ پتِ هئ داتا

اَرت:- سڀيئي پرميشور جو (جاس) جس ڳائين ٿا. (نج پت) منهنجو مالڪ (داتا) سمرت روزي ڏيڻ وارو آهي.

۵. کَهئ کبير پورن جگ سوئي،

جاکئ هِردئي اور نہ هوئي.

اَرت:- سري کبير صاحب جن فرمائين ٿا تہ جنهنجي هردي ۾ رام نام کانسواء بيو ڪجهہ نہ آهي، تنهنجون ڪامنائون (جگ سوئي) پرميشور (پورن) پوريون ڪري ٿو.

گوڙي ڪبير جي - شبد [۳۹]

[هڪ ماڻهو، جو پنهنجي پت جي مرڻ ڪري دکي ٿي رهيو هو، اُنکي سري ڪبير صاحب جو اُپديش]

١- ڪَوُن ڪو پُوت، پِتا ڪو ڪاڪو،

ڪَوُن مَرئي ڪو ديئہ سَنتاپو

ارٿ:- ڪير ڪنهنجو پٽ آهي ۽ ڪير ڪنهنجو پيءُ آهي؟ ڪير مري ٿو ۽ ڪير (سنتاپو) ڏک ڏئي ٿو؟

هَر ٺگ جَگ ڪَئہ ٺگئوري لائي،

هري ٻيوگ ڪَئسي جيئه ميري مائي (اک رهائي)

ارٿ:- هري روپي ٺگ ساري جڳت کي ٺڳي رهيو آهي. هي يائي! هريءَ جي (ٻيوگ) وڇوڙي ۾ مان ڪيئن جيئان؟

٢- ڪَوُن ڪي پُرک ڪَوُن ڪي ناري،

اِئا تَت ليہ سريرِ بِچاري

ارٿ:- ڪير ڪنهنجو پتي آهي ۽ ڪير ڪنهن جي استري آهي؟ هن تت جو (بچاري) ويچار ڪر ته سرير ۾ ڪنهنجو نه آهي.

٣- ڪَهِ ڪبير ٺگ سَئہ مَن مانِئا،

گَئي ٺگئوري ٺگ پِهچانئا.

ارٿ:- سري ڪبير صاحب جن فرمائين ٿا ته منهنجو

من هري روپي نڳر ڪ-ي (ماتا) مهي رهيو آهي. نڳري لتي پوء مون نڳر کي سڃاڻي ورتو.

گوڙي ڪبير جي شبد [٤٠]

اُپديش:- [پرميشور جي سهائتا ڪري جنم مرڻ کنهي تو ء مڪتي ملي ٿي]

اَب موڪَئُ ڀئي راجا رام سهائي،

جَنمُ مَرن ڪَٽِ پرم گتِ پائي (اڪ رهاءِ)

اَرٿ:- (اَب) هاڻي هن ديهه ۾ مون سان پرميشور سهاء ٿيو، جنهنڪري جنم مرڻ کنهي ويو ء (پرم گت) مڪتيء جي پد کي رسيو آهيان.

١- سادهُو سنگت ديئو رلاءِ،

پنچ دوت تي ليئو ڇڏاءِ

اَرٿ:- ڪام، ڪروڌ آدي پنجن دوتن کان ڇڏائي مونکي ساڌ سنگت ۾ (رلاءِ) ملايائين.

اَنمرت نام جپئُ جپ رسنا،

اَمول داس ڪر ليندو آپنا

اَرٿ:- زبان سان امرت روپي نام جپائي، ڪرپا ڪري مونکي پنهنجو اَملهه داس ڪيائين.

٢- سَتگُر ڪينو پر اُپڪار، ڪاڍ لين ساگر سَنسار

ارٿ:- ستگرو پر اُپڪار ڪيو، جو سنسار ساگر مان ڪڍي پار ڪيائين.

چرن ڪَمل سِئُ لاگي پريت،

گوبند بَسئي نتا نِت چيت

اَرٿ:- پرڀوءَ جي ڪنول چرنن ۾ منهنجي پريت لڳي آهي ۽ گووند سدائين منهنجي چت ۾ وسي ٿو.

٣- مائئا تپت بُجھا آنگئار، مَن سنتوکُ نامُ آڌارُ

اَرٿ:- (١) مايا جو (آنگئار) انگر، جو تپائڻ وارو هو يعني اگيان، سو (بجهئا) لهي ويو (٢) مايا جي تپت ڪري جو مان تپيس ٿي سو هاڻي ٺري پيو آن ۽ نام جي آسري من ۾ سنتوک ٿيو آهي.

جَل ٿَل پُوري رهي پرڀَ سُئامي،

جَت پيکئُ تت آنتر جامي

اَرٿ:- جل ۾ ۽ ڌرتيءَ تي هرهنڌ پرڀو (پوري) وياپڪ آهي. جيڏانهن نهاريان ٿو تيڏانهن پرڀو حاضر حضور آهي.

٤- اَپني يُگت آپ هي ڌِرڙائي،

پُورب لِکتُ مِلئا ميري ڀائي

اَرٿ:- مونکي پنهنجي ڀڳتيءَ ۾ پاڻ ئي (درڙائي) پکو ڪيائين. هي ڀائي! اڳئين جنم جي لکئي موجب اها ڀڳتي مونکي پراپت ٿي.

جِسُ ڪِرپا ڪَري تِسُ پُورَن ساجَ،

ڪبير ڪو سُئامي غَريب نِواز.

اَرٿ:- سري ڪبير صاحب جن فرمائين ٿا تہ اسانجو پريو جنهن تي ڪرپال ٿئي ٿو تنهنجا سڀ ڪارج پورا ڪري ٿو. هو غريبن کي نوازيندڙ آهي.

شبد (٤١)

[سوتڪ بابت سري ڪبير صاحب جن جو اُپديش]

١- جَلِ هَيِ سوُتَڪُ ٿَلِ هَيِ سوُتَڪُ،

سوُتَڪَ اُپت هوئي

جَنَمي سوُتَڪُ موُئي ڦُنِ سوُتَڪُ،

سوُتَڪُ، پرَج بِگوئي

اَرٿ:- جل ۾ سوتڪ آهي ۽ ڌرتيءَ تي بہ سوتڪ آهي، جتي هميشہ جيو جنت (اُپت) اُپجن ٿيندا ٿا رهن. جمڻ ۽ مرڻ تي سوتڪ لڳي ٿو. انهيءَ سوتڪ (پرج) پرجا کي بہ (بگوئي) خراب ڪري ڇڏيو.

ڪهه ري پنڊ يئا ڪئون پوريتا،

آئسا گيان جيهه ميري ميتا (اڪ رهاءُ)

ارٿ:- هي پنڊت! ٻڌاءِ ته سهين ڪير (پوريتا) پورڻ آهي؟ هي منهنجا متر! اهڙو گيان ويچار.

٢- نئنهه سوُ تڪ ٻئنهه سوُ تڪ، سوُ تڪ سروني هوئي

اوُت ٻئنت سوُتڪ لاگيءِ، سوُتڪ پري رسوئي

ارٿ:- (نئنهه) اکين کي سوتڪ آهي (جي اپورڻ نگاه سان نهارين ٿيون). (ٻئنهه) رسنا کي سوتڪ آهي، (جا شيءِ واڻي نٿي ٻولي). (سروني) ڪنن کي سوتڪ آهي (جي ٻرنندا ٻڌن ٿا). هيءَ جيو اٿي ويهي ٿو (ڪوئي ڪرم واسطي) تنهن کري سوتڪ لڳيس ٿو. اهڙي طرح رسوئي کي به سوتڪ لڳي ٿو.

٣- ڦاسن ڪي ٻڌ سڀڪو ڪوءُ جاني،

ڇوُٽن ڪي اڪ ڪوئي

ارٿ:- ڦاسڻ جو طريقو ته هرڪوئي ڄاڻي ٿو پر ڇٽڻ جي ڪنهن ورلي کي خبر آهي.

ڪهه ڪٻير رام رِدي ٻچاري،

سوُتڪ تنهي نه هوئي.

اَرٿ :- سري ڪبير صاحب جن فرمائين ٿا تہ جو نشڪام ٿي ردئي ۾ هري نام جو وچار ڪري ٿو تنهن کي سوڪ نہ لڳي.

گوڙي شبد (۴۳)

اُٿانڪا :- سري ڪبير صاحب وٽ پنج جٽا آيا. اُنهن مان هرهڪ پنهنجو سوال هيٺين شبد ۾ جاڻايل مهراجن کان پڇيو. ڪبير صاحب پنهنجي گرو سري رامانند صاحب وٽ پنجن ئي کي اُنهن سوالن جي نبيرڻ لاءِ وٺي آيا.

جهگڙا ايڪ نبيرهُ رام،
جَوَ تُم آپني جن سُوَ ڪامُ (اِڪ رهاءُ)

اَرٿ :- هي رامانند سوامي! هڪڙو جهگڙو اچي پيو آهي سو نبيريو، جيڪڏهن تہ توهانجو ڪم آهي پنهنجي داس کي اُڌارڻ جو.

۱- اِهُ مَنُ بَڏا ڪِ جا سَئُ مَنُ مانئا،
رام بَڏا ڪَيِ رامهِ جانئا

اَرٿ :- هي من وڏو آهي يا جنهن سان من (مانئا) لڳي رهيو آهي؟ رام وڏو آهي يا رام کي جاڻڻ وارو؟

۲- برهما بَڏا ڪ جاسُ اُپائئا،
بيدُ بَڏا ڪِ جَهان تي آئئا

أرٿ :- برهما وڏو آهي يا جنهن اُن کي اُپايو آهي؟ ويد وڏا آهن يا جنهن ويدن کي پرگهٽ ڪيو؟

٣- ڪهه ڪبير هم ڀئا اُداس،

تيرٿ بڙا ڪ هر ڪا داس.

أرٿ :- سري ڪبير صاحب چون ٿا ته تيرٿ وڏو آهي يا هريءَ جو داس؟ اِنهن ڳالهين جي نه سمجهڻ ڪري مان اُداس ٿي پيو آهيان.

راڳ گوڙي چيتي - شبد (٤٣)

اُٿانڪا :- هڪ ڏينهن سخت طوفان لڳڻ ڪري جهوپڙيءَ جون تونئيون ۽ ڇپر سڀ اُڏامي ويا ۽ برسات به زور سان آئي، پر پوءِ سورج جي پرڪاش ٿيڻ تي ماڻهو خوش ٿيا. پريمي لوڪن سري ڪبير صاحب کان پڇيو ته لوهانکي طوفان ڪري تڪليف ته ڪانه ٿي؟ چيائون ته اِهڙي لوڪن کي به طوفان اچي ٿو جنهنڪري مهاتما سک ٿا پائين.

ديکؤ ڀائي گيان ڪي آئي آنڌي،

سبهي اُڏاني ڀرم ڪي ٽاٽي، رهي نه مايا باندي (رهاءُ)

أرٿ :- جنهن جگياسوءَ کي اهڙو ويراڳ روپي (آنڌي) طوفان اچي ٿو، تنهنجي ڀرم جا سڀ (ٽاٽي) پردا نورت

تي وڃن ٿا ۽ ماڻا جي (باڻدي) پرڻتي لڳي وڃي ٿي،
(يعني ڪوئيون واسناڻون پڇي وڃن ٿيون.)

۱- ڏچتي ڪي ڏه ٽُون گراني، موهه بلينڊا ڏوٽا

ترسنا ڇان پري ڏر اوپر، ڏرمت ڀاندا ڦوٽا

اَرٿ:- (ڏچتي) ٻن پرڪارن جو چت هو، يعني
مايا جو موه ۽ ڀرم، اهي ٻه (ٽُون) ٽوٽيون هيون سي
ڪري پيئون ۽ موه روپي (باينڊا) ڊلو ٽُٽي پيو. ترشنا
روپي (ڇان) ڇپر ڪري پيو، يعني ترشنا ناس ٿي ۽
ڪوئي مت روپي ڀانڊو ٽُٽي ويو.

۲- آندي پاڇيءَ جو جاُن ٻر ڪيءَ، تهِ تيرا جَن ڀيڻان
ڪهِ ڪٻير من ڀئا پرگاسا، اُديءَ ڀان جب چيندا.

ارٿ:- (آندي) طوفان ڪان پوءِ جا برسات پيئي،
تنهن ۾ شانتي آئي، (اَشُد وستوءَ جي تياڳ ۽ شُد وستوءَ
جي گرهڻ ڪري). سري ڪٻير صاحب جن چوندا ته مون
جڏهين (ڀان اُديءَ) سورج اُپرِيل [چينا] ڏٺو، تڏهين من
۾ [پرگاسا] پرڪاش ٿيو.

گوڙي چيتي شبد [۴۴]

ايڪ اونڪار ستگور پرساد

اُٿانڪا:- ڪاشيءَ جا پنڊت هڪ جاتريءَ جو سامان
ٺڳي ڪري ڪڻي ويا. اُن بابت جاتريءَ وڃي ڪٻير

صاحب ڪي داسن ڏني تنهنتي مهراج هيٺيون شبد اُچاريو.

١- نَرَ جَسُ سُنهه نَ هَرِگُنَ گاوهِ،

باتن هي آسمان گراوهِ

اَرٿ:- نه هريءَ جو جس بدن تا ۽ نه هريءَ جا گڻ ڳائين ٿا. اهڙيون ڳالهيون ڪن ٿا جو چڻ ته آسمان کي ڪيرائين ٿا.

ائسي لوگن سئُ ڪِئا ڪهيئي،

جو پرڀ ڪيئي ڀڳت تي باهج،

تِن تي سدا ڏراني رهيئي (اڪ رهاءُ)

اَرٿ:- اهڙن ماڻهن کي ڇا چئجي يعني ڪجهه به چوڻ نه گهرجي (ته ڪهڙن ٿا هلو). جنکي پرماتما ڀڳتيءَ کان (باهج) خارج ڪيو آهي، تنکان سدائين ڊپ ڪندو رهجي.

٢- آپ نه ديهه چرو ڀر پاني، تِهه نندهِ جِهه گنگا آني

اَرٿ:- پاڻ ته هڪ (چرو) اپ پاڻيءَ جي به نٿا ڏين، پر گلا اهڙن پرشن جي ٿا ڪن، جن گنگا کي آڻي پرگهٽ ڪيو (پاڻي جي نور تيءَ واسطي).

٣- بيٺت اُٺت ڪُٽلتا چالهِ،

آپُ گئي اؤرن هوُ گهالهِ،

اَرٿ:- اُتندي وهندي (ڪتلنتا) ڪوٽپائيءَ سان هلن ٿا، پاط نہ خراب ٿيا پر وري ٻين کي بہ ٿا پاط ڏانهن (ڳالھ) گھلين يعني ڪارين.

٤- چاڙِ ڪُڇرچا آن نہ جانهہ،

برهماڏُو ڪو ڪَهِڻو نہ مانهہ

اَرٿ:- بنا خراب چرچن جي ٻيو ڪجھ نہ ڄاڻن. برهما جو چوط بہ ٿا مڃين.

٥- آپُ گَئي اَئُرن ڏُو کوَهہ

آگرِ لڳاءِ مَندر مَئِ سووهہ

اَرٿ:- پاط تہ خراب ٿيا پر وري ٻين کي (ڪووهہ) خراب ٿا ڪن. وشئہ روپي آڳ سربر کي لڳائي بي فڪر ٿي مندو بہ سمهن ٿا.

٦- اَورنَ هَست، آپ ڏهِہ ڪاني،

ٿِن ڪَئُہ ديکہ ڪبير لَجاني.

اَرٿ:- ٻين تان (يعني چڱا ڪم ڪندڙن تان) هست ڪلون ٿا ڪن ۽ پاط اُنهن شيءِ ڪهن ڪان (ڪاني) خالي آهن (يعني شيءِ ڪم ڪوہ ٿا ڪن) تنکي ڏسي سري ڪبير صاحب چون ٿا تہ مونکي شرم ٿو اچي.

ٻيو ارٿ [سنتن جا گڻ]

١- هر وقت هريءَ جو جس (سنهه) ٻڌن ٿا ۽ هريءَ جا گڻ ڳائين ٿا. مهاتما سهج سڀاءَ اهڙيون ڳالهيون ڪن ٿا جي جڳياسوءَ جي (آسمان) آيمان کي کيرائي تيون ڇڏين. اهڙن ست پرشن کي ڪڻ ڇڻون ته توهان مرهيءَ چوڪ آهي، جي پرڀوءَ جي يڪتي ڪن ٿا سي دنيا کان (ٻاهج) ٻاهر آهن، اُنهنجي دپ ۾ سدا رهجي.

٢- اهڙا ماڻهو آيمان کوڻ ٿا ڪن ته (اڳن ديهه) کو هر پاڻ ڏيڻ وارا آهن، جن پنهنجي (گنگا) ورتيءَ کي سنسار ۾ (آئي) لڳايو آهي، تنجي اُهي اندا ڪن ٿا.

٣- اُنهنجي هلت چلت سهج سڀاءَ اسانجي (ڪتلتا) ڪولپائي کي [جالهه] مٽائي ٿي ڇڏي. پاڻ ته ڪوڻ ڪمن کان پري رهن ٿا پر ٻين کي به پري ڪن ٿا.

٤- ڪوڙي چرچا ۽ دويت ڀاءَ کي ڇڏي ڏنو اٿن ۽ من پنيان اٿا هلن.

٥- پاڻ ته سنسار کان هٽي ويا آهن، پر ٻين کي ٻـ [ڪووهم] هٽائين ٿا. گيان روپي اگني لڳائي ديهه آيمان جي اورتي ڪري پرماتما ۾ لڳي رهيا آهن.

٦- ٻين تي ڪلن ٿا ۽ پاڻ ڪناري آهن يا ڪرشن روپ آهن. تن مهاتمائن جي رهڻيءَ کي ڏسي سري ڪبير صاحب چون ٿا مونکي شرم اچي ٿو جو هو مونکان ٻـ اوچا آهن.

راڳ گوڙي ٻئراڳڻ ڪٻير جي - شٻد [٤٥]

ايڪ اونڪار ستگور پرساد

اُٿانڪا:- هڪ ماڻهوءَ پنهنجي ڀيءُ جي جيئري سندس ڪا به سنڀال ڪانه تي لڌي، پر جڏهن هو مئو، تڏهن ماڻهن جي گهڻي چؤڀڇؤ تي شرمائجي هن سري ڪٻير صاحب ۽ برهمڻن کي ڪوٺ ڏني ۽ پيءُ جو سراڌ ڪيو، جنهن تي صاحبن هيٺينءَ طرح چيو،

١- جيوت پتر نہ مانئي ڪوئو، مؤئي سراڌ ڪراهي

پِتر ڀي ٻپري ڪهہ ڪِئہ پاوهِہ،

ڪئوُئا ڪوُکر کاهي

اَرٿ:- (١) جڏهين تنهنجو پيءُ جيئرو هو، تڏهين هنکي [مانئيءَ] مان ڪونہ تي ڏنئہ. جڏهين هو مري ويو آهي، تڏهين سراڌ ڪيو اٿيئي. (٢) [جيوت پتر] سخت لوڪ پوجني يوگ، اُنهنکي ڪو [مانئيءَ] مجي ڪونہ ڏنو ۽ هو پنهنجي [موئي] مئلن پترن کي مان ڏيا ڏين. تنهنجو پيءُ ڏکي تي مئو، ٻڌاءِ تہ سراڌ هنکي ڪئن ملندو ۽ اهو [ڪئوُئا] ڪانو ۽ [ڪوکر] ڪتا کائيندا.

مو ڪئہ ڪُسل بتاوهہ ڪوئي،

ڪُسل ڪُسل ڪرتي جگ بنسئي

ڪُسل ڀي ڪئسي هوئي (اِڪ رهائو)

اَرٿ:- اسانکي [ڪسل] آنند جو ڪو رستو ٻڌايو، آنند آنند چوندي ماڻهو مري ٿا وڃن، پر آنند ٻه ٿئي ڪٿي؟

١- ماٽي کي ڪرِ ديوي ديوا، تسُ آگئي جيءُ ديهي
آئسي پتر تماري ڪهيئه، آپن ڪهِما نه ليهي

اَرٿ:- مٽيءَ جو ديوي ديوتا ٺاهي اُن اڳيان [جيءُ] ٻڪرو ٻل ٿا ڏيو. جيڪڏهن هو شڪتيءَ وارا آهن ته پوءِ اُنهن کان پنهنجي اِڇا موجب ڇو نٿا گهري وٺو.

٢- سر جيءُ ڪٽه، نرجيءُ پوجه، انتڪال ڪئه ڀاري
رام نام ڪي گت نهي جاني، ٻئه ڏوبي سنساري

اَرٿ:- توهين [سر جيءُ] ٻڪرا ڪهي [نرجيءُ] استانن کي پوڄيو ٿا، سو انتڪال ۾ ڏاڍي پيڙ پوندي. رام نام جهڙ جي توهان کي ڪا سڌ ڪانهي، جنهنڪري ڀوساگر ۾ ٻڏندا ۽ اُن کان پار پئي نه سگهندا.

٣- ديوي ديوا پوُجهہ ڏولهہ، پار برهم نهي جانا،
ڪهت ڪبير اڪلُ نهي چيتئا، بِکِما سِنه لپٽانا.

اَرٿ:- اها [ڏولهہ] مونجهہ آتو ته ڪهڙي وڏيءَ شان ديوتا جو جاپ ڪجي پر پرميشور جي ڪا خبر نه آتو

سري ڪبير صاحب جن فرمائين ٿا ته، تـوهان [اَڪل] پرماتما جو چنتن نہ ڪيو ۽ وشين ۾ [لپٽانا] غلطان آهيو.

گوڙي - شبد [۴٦]

[پرميشور جا پيارا هرڪ شوڪ کان پري ۽ آنند ۾ آهن]

١- جيوَت مرئي، مرئي ڦُنِ جيوئي، اَئسي سُنِ سمائنا

آنجن مانهِ نرنجن رهيئي، پهر نہ پَوُ جال پائنا

اَرٿ:- پرماتما جا پيارا سنساري اوکن کان دکا آهن ۽ ٻاڻ ماري [ڦن] وري جيئرا ٿيا آهن ۽ اهڙي طرح (سن) ست پد ۾ سمايا آهن، يا وري پرماتما ۾ لڳي رهي اٿن. هو مايڪ پدارٿن ۾ [نرنجن] نرليپ رهن ٿا ۽ وري سنسار ۾ پنهنجي من کي ڦنا وجهن.

مبهري رام اَئسا ڪبير بلوُ ئيئي،

گُرمت منوَ ئا استر راکُهہ، ان بد آنمرت پيئوئيئي

اَرٿ:- منهنجا [رام] پيارا! اهڙو جو ويچار روپي ڪدر آهي تنهنکي [بلوئيئي] ولوڙ يعني رام جو ويچار ڪر. گرو جي سکيا وٺي من کي اَستر رکہ اهڙي طرح امرت پيءُ.

٢- گُرڪي ٻاڻ بجرڪل ڇيدي، پرگٽئا پد پرگاسا،

سَکت آڌير جيوڙي پرم چوُڪا، نہچل شِوَ گهرِ باسا

اَرٿ:- گروءَ جي [باڻي] اُپديش روپي باڻ زبردست ٻجهر بنائي [ڪل] اوديا کي [ڇيدي] ناس ڪري ڇڏيو، جنهنڪري [پرڳاسا] پرڪاش روپ پد [پرڳٽيا] ظاهر ٿيو. [سڪت] مايا جي اوديا روپي [اڌ بر] اڌ بري ۾ جو [جيوڙي] نوريءَ ۾ سرپ ڀاسڻ ۾ آيو ٿي اهو پرم گرن جي ڪرپا سان پرڪاش ٿيڻ ڪري [چوڪا] ناس ٿي ويو، اچل [شو] ڪليان روپ گهر ۾ [باسا] واسو ٿيو.

٣- تن ٻن باڻي ڌ نڪر ڇڏائيءِ لاءِ جگر بيڌ ٿا پائي

ڏهه دس پوڏي پون جهلاويءَ ڏور رهي لو لائي

اَرٿ:- مايا ڌ نش باڻ ڪانسواءِ ئي سيني جي دلين کي [بيڌ ٿا] ڦوري ڇڏيو يعني پنهنجي وس ڪري ڇڏيو. ڏهن ڏساڻن ۾ [ڀوڏي] سربر روڀي گڏيءَ کي [پون] پرالبڌ جهلايو، جنهنڪري اوڪن جي چت جي ڏور يعني ورتي مايا ۾ لڳي رهي يعني جني پرالبڌ اُنهن کي رکي ٿي اُتي رهن ٿا.

٤- اُنمن منوءُ ٿا سن سمانا، دُبڌا دُرمت ڀاڳي

ڪهه ڪبير اَنيو اِڪ ديکئا، رام نام لو لاڳي.

اَرٿ:- من کي مايا ڪان [اُنمن] اُلٽو ڪيو ڌ ست پد ۾ سمائجي ويو، [دبڌا] ٻيائيءَ جي ڪوڙي مت [ڀاڳي] ناس ٿي.

سري ڪبير صاحب جن فرمائين ٿا ته مون انيڪ اسچرج اهو ڏٺو جو رام نام ۾ لنؤ لڳي وئي.

گوڙي ٻئراڳڻ ٽپدي - شبد [٤٧]

[پريمي لوڪن جي پڇڻ تي ڪبير صاحب جن
اُنهن کي جوڳ جو رستو ٻڌايو]

١- اُلٽَت پَون چَڪر کَٽُ ڀيدي، سُرت سُن آنراڳي
آوئي نه جاءِ، مَرئي نه جيوئي، تاسُ کو جهه ٻئراڳي

ارٿ:- (١) جوڳي [پون] اُپان وايو کي اُلٽو ڪري [کٽ] ڇهن چڪرن [گد يا چڪر، نابي چڪر، هردو چڪر ڪنٺ چڪر وغيره] کي ڀيدي، [سرت] ورتيءَ کي [انراڳي] ٻين خيالن کان هٽائي، [سن] دسم دئار ۾ لڳائين ٿا يا ٽڪائين ٿا. (٢) سنسار ۾ بي فائدو [پون] سواس وڃن ٿا تنکي [اُلٽت] اُلٽائي نام جپڻ ۾ لڳاءِ ته [چڪر کٽ] ڇهه چڪر يعني من ۽ پنج گيان اِندريون، جنکي ڪام ڪرودِ آدي پرميشور جي پاسي وڃڻ نٿا ڏين، سي [ڀيدي] وس ڪرين ۽ [سن] اَڦر پد ۾ سمائجين. هي ٻئراڳي! جو جمڻ مرڻ ۾ نٿو اچي اُنهي کوجنا ڪر.

ميري مَن، مَن هي اُلٽ سمانا،
گرُ پرسادِ اَڪَل ڀئي آوري نانَ ٿا بيگانا (اڪ رهاءُ)

اَرٿ:- هي ڀائي! من کي سنسار کان هٽائي پرماتما ۾ لڳاءِ، گروءَ جي ڪرپا سان [اَڪل] ٻڌي ٻي طرح ٿي يعني گيان واري ٿي [ناتر] نه ته اگيان گراهي هئي.

۲- نوري دور دور ٿِن نوري، جن جيسا ڪرماتا

آلوتي ڪا جيسي پيئا بريڏا جن پيئا تن جاتا

اَرٿ:- ڪام آدڪ جي [نوريءَ] نزديڪ هئا سي دور ٿيا ۽ پرماتما جو دور هو سو [نوريءَ] ويجهو ٿيو جن جن مجيو تن اُنهن کي نظر آيو. جيئن [آلوتي] مصريءَ جو [بريڏا] شربت جن پيتو تنکي سواد جي جاڻ پيئي.

۳- تيري نرگن ڪٿا ڪاءِ سُر ڪهيئي

آئسا ڪوءِ ٻيبيڪي

ڪَهِ ڪبير جن ديئا پليتا، تن تيسي جهل ديکي.

اَرٿ:- اهڙو ڪو (ٻيبيڪي) وچاروان پرش هجي جنهن سان تنهنجي (نرگن) ٻي نظير ڪٿا ڪجي. سري ڪبير صاحب جن فرمائين ٿا ته جنهن اندر روحي (پليتا) چقمق لڳايو آهي يعني دويت کي ٽوڙيو آهي، تنهنکي ئي اهڙو (جهل) آنند ايندو.

گوڙي شبد [۴۸]

اُٿانڪا:- سري ڪبير صاحب جن کان پڇيائون ته توهانجو گرو رامانند صاحب ڪٿي سمايو ۽ هنجي استٿي ڪهڙي

هٿي ۽ جيڪي نرگن جي اُپاشنا ۾ لڳن ٿا تنهي کهڙي
گتي ٿئي ٿي؟ جنهن ني هيٺين طرح شبد چيائون.

۱- تهر پاوس سند ڏوپ نهي ڇهيئا،

تهر اُتپت پرلئہ ناهي

جيون مرت نہ دکہ سکہ ٻئاپئي،

سن سماد دوئو تهر ناهي

اَرٿ:- اُتي (پاوس) برسات جي موسم، (سند) سمدر، (ڏوپ) تموگڻ روپي ڏوپ، (ڇهيئا) ستوگڻ روپي ڇايا، اُتپتي ۽ پرلئہ جو سماگم نہ آهي. (جيوت مرت) جم ۽ موت دکہ سکہ اُتي نہ آهي ۽ سن سماڌي ٻئي اُتي نہ آهن.

سهج کي اکت ڪٿا ڏئي نراري-

ڌل نهي چڊئي، ڄاءِ نہ مڪاتي،

هلڪي لڳئي نہ ڀاري (اک رهاءُ)

اَرٿ:- گيان جي (اکت) مشڪل وارتا (نراري) علحدي آهي. آتم وستوءَ کي (ڌل) ساهمي ۾ ڪئي رکي سگهبو ۽ اها (مڪاتي) ڪنهن جي نہ آهي ۽ نہ هلڪي آهي ۽ نہ ڳوري.

٢- اَرڌ اُرڌ ڏوڙ تهه ناهي، رات ڏِنس تهه ناهي
جل نهي، پون پاوڪ ڦُن ناهي، سَتگُر تهان سماهي

اَرٿ:- جتي (اَرڌ) هيٺ [اُرڌ] مٿي ٻئي نه آهن، رات ڏينهن نه آهي. پاڻي، هوا ۽ اَگني پڻ نه آهن منهنجو ستگرو اُتي سمائجي ويو.

٣- اَگم اَگوچر رهئي نِرنتر، گُرڪرپا تي لهيئي
ڪَهُه ڪبير ٻَلِ جاءِ گُر اپني،
سَت سَنگت مِل رهيئي.

اَرٿ:- (اگم) جنهن جي گمتا نه آهي ۽ [اَگوچر] جو اِندرين جي وشيہ نه آهي، سو هردي اندر رهي ٿو ۽ گوروءَ جي ڪرپا سان ملي سگهندو. سري ڪبير صاحب جن فرمائين ٿا ته مان پنهنجي گروءَ تان ٻلهار وڃان. اسانکي سدا ست سنگت سان ملي رهڻ گهرجي.

گوڙي شبد (٤٩)

اُٿانڪا:- هڪڙي وڻجاري سري ڪبير صاحب جن کي وينتي ڪئي ته منهنجي مرضي آهي ته مان ٻه چار ٻَڻ نيڪال ڪري پنسا سنتن جي ٻلي ڪم ۾ آڻيان. صاحبن چيو ته سنتن کي انهيءَ اُپاڌي ڪرڻ جي ضرورت ڪانهي. ...

١- پاپ پن ڏهه بئل بساهي، پون پو نجي پرگاسئو
ترشنا گوڻ ڀري گهت پيتر، ان بڌ ٽانڊ بساهئو

ارٿ:- ماڻهن پاپ ۽ پنج روپي ڪرمن ڪان ڏهه بئل (سوکم ۽ استول سرير) (بساهي) خريد ڪيا آهن ۽ پون روپي (پونجي) موڙي آهي ان سان گڻ اوگڻ روپ مال خريد ڪيو اٿن. انهڪرن روپي ڳوڻ ترشنا سان ڀري پيئي آهي. انهيءَ ريت (ٽانڊ) سوداگريءَ جا مال ماڻهن خريد ڪيا آهن.

آئسا نائڪ رام همارا،
سگل سنسار ڪيئو بنجارا (اڪ رهاءُ)

ارٿ:- اسانجو رام سيني جو (نائڪ) سردار آهي ۽ ساري سنسار جي ماڻهن کي (بنجارا) سوداگر ڪيو اٿس.

٢- ڪام ڪروڌ ڏهه پئي جڳاتي، من ترنگر بٽوارا
پنچ تت مل دان نبيرهِ، ٽاندا اترئو پارا

ارٿ:- ڪام ۽ ڪروڌ ٻئي (جڳاتي) محصول وٺڻ وارا آهن. من جا (ترنگر) ڪوڙا سنڪلپ شڀ گڻن روپي مال کي (بٽوارا) لٽڻ وارا آهن. (پنچ تت) تت وچارا سنتن سان ملي (دان) محصول کي نبيري ڇڏيو. (جيو آتما واپاري)

(ٿانڊا) سوداگريءَ جي مال جو واپار ڪري سنسار ساگر ڪان پار ٿي ويو.

٣- ڪهت ڪبير سنهو ري سنتو آب آئسي بن آئي
گهاتي چدت بنٽل اڪ ٿاڪا چلو گون چتڪائي.

ارٿ:- سري ڪبير صاحب جن فرمائين ٿا ته هي سنتو بڌو، هاٽي اهڙي جڳتي بني آئي آهي جو (گهاتي) وڻراڳ روپي ٻيڙو يعني ترڀا اوستا کي (چدت) ڀڃيل ڪري (بنٽل) اسٿول سرير تڪجي پيو. (گون) ترشنا واري ٻوڙ کي ٻه سوڪم سرير (چتڪائي) ڇڏي ويو (يعني اڄو ٻه ايمان دور ٿي ويو.)

گوڙي پنج پدا - شبد (٥٠)

اٿانڪا:- هڪ دفعي سري ڪبير صاحب وٽ ڪن ماٿهن اچي ڳالهه ڪئي ته فلاڻي گهر مراج موڪلاڻي ٿيڻي آهي يعني ڪنوار کي ساهري گهر وٺي ويندا. تنهن تي صاحبن چيو.

١- پيو ڪري دن چار هي ساهرڙي جاٽا،
آنڌا لوڪ نه جاڻي مورکه ايڻاٽا

ارٿ:- [پيو ڪريءَ] هن لوڪ ۾ چار ڏينهن رهي پوءِ اوس پرلوڪ وڃڻو آهي. اها آنڌي مورکه [ايڻاٽا] اي سمجهه کي خبر نٿي پوي:

ڪَهُ ڏَڏِيتا پاڏيءَ ڏَن ڪتبي ،

پاڏوُ گهر آئي مُڪلاڏوُ آئي (اڪ رهاءِ)

اَرٿ:- ڇو نه اُنهن استرين مان ڪهڙي [ڏن] استري [ڏڏيتا] ساڙهي بڌي بيٺي آهي يعني ساهري گهر ويندي؟ هنجي گهر ۾ [پاهو] جم روپي مهمان آيو آهي [موڪلاڏو] موڪلائڻ واسطي يعني پاڻسان وٺي وڃڻ لاءِ.

٢- اوِهَ جِ دسيءَ ڪوُڙي، ڪوُن لاَڄ وَهاري

لاَڄ گهڙي سِهُ ڏوُتِ پڙي اُٿ چلي پنهاري

اَرٿ:- کوه جي مٿان جي [لاڄ] نوڙيءَ سان پاڻي پرينڊو ڏسڻ ۾ اچن ٿيون، ان مان ڪهڙي آهي (١) جنهن [پنهاريءَ] پاڻي پرينڊڙ استريءَ جي نوڙي گهڙي کان ٽٽي ويئي آهي، سا نراس ٿي گهر ۾ آئي آهي، اُها ويندي. (٢) جڏهين نوري گهڙي مان ٽٽي پيئي يعني جڏهين سواس سرير کان الڳ ٿيا، تڏهين ڪرم روپي پرڻ واري استري جم وٽ هلي ويئي.

٣- صاحبُ هوءِ دِئيالُ ڪِرپا ڪَري آپنا ڪارجُ سَواري

تا سوهاگڻ جائيٺيءِ گرسبدُ بيچاري

اَرٿ:- پرميشور دِيال ٿئي ۽ ڪرپا ڪري پنهنجو

ڪم ڀاڻ سنواري. سو ڀاڳڻ تڏهين ڄاڻجي جڏهين گروءَ جي شبد جو ويچار ڪري.

٤. ڪِرت ڪي ٻانڌي سڀ ڦري ديکهہ ٻيچاري
ايسنو ڪِئا آکيئي ڪِئا ڪري وِچاري

اَرٿ:- ويچار ڪري ڏس تہ سڀ جيو اِڀين ڪرمن موجب ٻڌجي پيا ڦرن، هن جيوَ روپي استريءَ کي ڇا ڇئجي، هيءَ ويچاري ڇا ڪري؟

پئي نِراسي اُڻ ڇاهي چِت بَنڌ نہ ڏيرا
هَر ڪي چرڻي لاگِ رهُ ڀجہ سَرڻ ڪبيرا.

اَرٿ:- هوءَ نراس ٿي هاءِ ٿي وڃي، جڏهين چِت کي (گُرو شبد سان) (ڏيرا) ڏيرج ۾ ڌي ٻڌي يعني گُر شبد جو ويچار ٿئي ڪري، سري ڪبير صاحب جن فرمائين ٿا تہ هريءَ جي سرڻ پڪري اُنهي چرڻن ۾ لڳي ڀڄن ڪريو.

گؤڙي شبد [٥١]

اُٿانڪا:- هڪ دفعي جوڳي، پرم هنس، اَلکئيءَ پنڊت، جي پنهنجي مت اُنوسار هليا ٿي، سي ڀاڻ ۾ جهيڙو ڪرڻ لڳا. هر ڪو چوي تہ منهنجو مت وڏو آهي. اهي جهيڙي جي نبيرڻ لاءِ سري ڪبير صاحب جن وٽ آيا، جنهن تي مهراڄن هي شبد چيو.

۱- جوڳي ڪيهه جو گر پڻ ميڻا، آئُو ته ڏوڄا پائي
رلبت محبت ايڪي سبدي، ايڻ ڪيهه سڌ پائي

اَرٿ :- جوڳي جون نہ اساڻو جوڳ ئي پلو آهي پيو
ڪو پيٽ اُن جهڙو نہ آهي. وري (رلبت) جيئني،
(محبت) پرم هنس ؛ (ايڪي سبدي) آلڪيءَ جون نہ
اسان سڌي پاڻي آهي.

هر بن پرم پيالو پي آئيا،
جاڳو جاڳ آپ چيتڪارن تي ڏاڏي پهر قنڊا (رهاءِ)

اَرٿ :- هس مورک آدمي هري نام کا نسواءِ پرمن بر
پاهي رهيا آهن. جتي پاڻ چونڪاري لاءِ وچن نہ اُني
پاڻ کوڻن قندن ۾ قاسجي تا پون.

۲- جهه تي اُپجي تهي سماني، اهه پڌ بسري تبهي
پعدت گڻي سو ر مرداتي، ايهه ڪيهه پڌ مردي

اَرٿ :- جهڙن (جوڻي پگ) مان پيدا ٿيو، اُن جي پوڳ
رس ۾ لڳي رهيو. انهي پرڪار جي رس کي جڏهين
وساريندو تڏهين اسرداما ۾ لسين ٿيندو. پعدت، گڻي،
سورما جون نہ اسين ئي دالار ؛ وڏا آهيون.

٣- جسمه ٻجهائي سوئي ٻڌ ڄاڻي،

ٻن ٻڌ ڄاڻي ڪٿهر رهيئي

ستگر ماڻي انتر ٻڌ ڳوڙڪي، ان ٻڌ ماڻڪ لهيئي

ارٿ:- ٻرماتما جيڪي (ٻجهاڻي) سمجهه ڏني سوئي سمجهندو. سمجهڻ ٻنا ڪيئن رهجي؟ ستگرو ماڻدو ٻڌهين ني اگيان روٿي اندر (چوڪيءَ) ناس ڪيندو، انهيءَ طرح (ماڻڪ) گيان ٻراپت ڪيندو.

٤- تجهه ٻاوي داهني ٻڪار هر ٻد درڙ ڪر رهيئي

ڪهُه ڪبير گونگي گڙ کائيا،

ٻوڇي تي ڪِٿا ڪهيئي.

ارٿ:- (ٻاوي داهني) سڄي کٻي يعني هيڏانهن هوڏانهن جيڪي وڪار آهن تنکي ڇڏي ڏي، ۽ هري ٻد کي (درڙ) ٻڪو ڪر. ڪبير صاحب جن فرمائين ٿا جيئن گونگو گڙ کائي ته مزو اچيس پر ٻڇيس ته ڪو به جواب نه ڏئي سگهندو.

[٥٢] شبد - راڳ گوڙي ٻوربي ڪبير جي

ايڪ اونڪار ستگر ٻرساد.

[هڪ ٻنهنجي متر جوڳيءَ جو مرتڪ سرير ڏسي

[سري ڪبير صاحب جو ھيٺيون شبد چوڻ.]
[ڀيريون ارٿ - جوڳيءَ جي دشا]

١- جھ ڪَيھ آدا تَهان ڪِيھ ناھي،
پَنچ تَت تَھ ناھي
اِڙا پِنگلا سُکمن بندَي، اي اَوگن ڪَت جاھي

ارٿ:- جتي اڳي ڪيچ ٿيندو ھو، اُتي ھاڻي ڪيچ ڪونهي، پنجن تتن جو سرير بہ ڪونهي. جو سواسن کي (اِڙا) سڄي ناسڪا (پنگلا) کٻي ناسڪا ۽ (سکمن) جتي ٻنهي ناسڪائن جو ميلاپ آھي اُنهن ۾ ڪٽڻ وارو ھو، سو ڪيڏانهن ويو؟

ڏاگا ٽوٽا، گگن بِنَس گئِيا، تيرا ٻولتَ ڪَها سَمائي
ايھ سنسا موڪُھ اَن دِن ٻِيائي
موڪُھ ڪون ڪَهيءِ سَمجهائي (اِڪ رھاءُ)

اَرٿ:- سواس روپي (ڌاڳا) ڌاڳو ٽٽي پيس، (گگن) دسم دوار ڪوپري (بنس) ناس ٿي ويس. تون ۽ مان ڪرڻ وارو ڪٿي وڃي سمايو يعني ڪيڏانهن ويو؟ اِھو سنسو مونکي رات ڏينهن ٿئي ٿو، جنهن جي سمجهاڻي مونکي ڪو ڏيئي نٿو سگهي.

٢. جهه پرپنڊ پنڊ تهه ناهي، رچڻ هار تهه ناهي
جوڙڻ هارو سدا آتيتا، اهه ڪهيئي ڪس ماهي

ارٿ:- جنهن (سريربرهندي جوڳ جي سمرٿا ڪري) ساري (پرپنڊ) برهمنڊ جي خبر ڏني ٿي، هاڻ تنهن جڳهه نه (پنڊ) سرير رهيو ۽ نه (رچڻ هار) جوڳي. (جوڙڻ هارو) جوڳيءَ جو واستو سروپ، ته (اَتيتا) اسنگ آهي، ۽ اُن سرير ۾ ڪهڙي هنڌ ڇڏجي ته هيئن ڪندو هو.

٣. جوڙي جڙيءَ نه توڙي ٽُٽيءَ،
جب لگ هوءِ بناسي
ڪاڪو ٺاڪر ڪاڪو شيوڪ،
ڪو ڪاهُو ڪئي جاسي

ارٿ:- جوڳيءَ جي پراڻن کي اُن سرير سان ڪو جوڙڻ چاهي ته نه ملندا. جوڳي، جا ورتي لڳائيندو هو، سا نه ٽٽندي هئي جيستائين او نه مئو هو. ڪير ڪنهنجو ٺاڪر آهي، ڪير ڪنهنجو شيوڪ آهي. هاڻي ڪير ڪنهن وٽ ويندو؟

٤. ڪهه ڪبير لِوَ لاگر رهي هئي،
جهانَ بسي دِن راتي

اُٺا ڪا مرم اوهي پر جاڻيءَ،

اوهه تڻهه سدا اَبناسي.

اَرٿ:- سري ڪبير صاحب جن فرمائين ٿا ته هنجي لنوَ اُتي لڳي رهي آهي جتي پرماتما سدا وسي ٿو ۽ انجو (مرم) ڀيد به اُهوئي پر ڀي چڱيءَ طرح ڄاڻندو هو ته سدا ناس رهت آهي.

[ٻيو ارٿ - گيانوان جي دشا]

۱- گيان ڪال ۾ جنهن هردي ۾ ڪجهه بنيل معلوم ٿيو ٿي (ته هي ڏيهه، هي پٽ، مال وغيره آهي) تنهن ۾ برهم جي گيان ڪري ڪجهه به پرتيت نٿو ٿئي. پنجن تتن يعني سرير جو ايمان سو به نٿو رهي. اگيان ڪال ۾ اڙا، پنگلا، سکمنا ڪان سمجهائين ٿي ته مکتي ملندي، سي هاڻي اوگهٽ روپ ڏسڻ ۾ اچن ٿا. هاڻي ڪهڙي ضرورت آهي ايڏانهن وڃڻ جي؟

موهه رہي ڏاڍو ٿئي ٿيو ۽ لوپ روپي (گگن) آڪاس پڻ ناس ٿي ويو، تنهنجو منهنجو ڪندو هو سو ڪيڏانهن ويو؟ اهو سنسو مونکي رات ڏينهن ٿئي ٿو، جو مونکي ڪو ڪونه ٿو سمجهائي سگهي.

۲- جنهن اگيان ڪال ۾، برهمنڊ جي رچنا بنائي ويٺو هو، اُن جڳهه سر ڪي معلوم نٿو ٿئي نه برهمنڊ وري ڪٿي پرتيت ٿيندو؟ (جوڙڻ هارو) جيو آتما انهي ڪان

سدائين اسنگ آهي، (ٻوءِ هي جيو آهي، هي ايشور) اهي ڪنهن ۾ ڇپيا وين.

٣- اگيان اوستا ۾ ورتي پرماتما سان جڙي نٿي. ورتيءَ کي اگيان کان هٽائڻ جي ڪوشش ڪجي ته ٻه نه هٽي، جيستائين اگيان اوستا آهي. مان پارت جي شيوا واسطي آهيان، اهو ايمان ڪيڏانهن ويو؟

٤- سري ڪبير صاحب فرمائين ٿا ته گيانوان جي ورتي لڳي آهي واهگروءَ ۾، جتي هو رات ڏينهن وسن ٿا. ودوان جو پيد ودوان ئي ڄاڻندو، هو سدا ابناسي آهي.

گؤڙي - شبد [٥٣]

[هڪ جوڳيءَ کي سچي مندرا ۽ ڪنٿا پائڻ لاءِ
سري ڪبير صاحب جن جو اُپديش.]

سُرت سِمرت ڏءِ ڪَني مُندا، پَرمِت ٻاهر ڪنٿا
سُن گُفا مهِ آسڻ بِسڻ، ڪَلپ بِرجِت پنٿا

اَرٿ:- ويد ۽ سمرتين جو اُپديش ٻڌڻ، اهوئي ڪنن ۾ مندرائون پهرڻ آهي. ڪنٿا اُها پهريو، جو ٻاهريون (مت) ڏيکاءُ ڦٽو ڪري اندر ۾ آنند وٺو. (سن) اڦراوستا ۾ استٿت ٿيڻ، اها غفا آهي. (ڪلپ) ڪلپنا کي (برجيت) ڇڏي ڏيڻ، اهوئي پنٿ آهي.

ميري راجن مئي بيراڳي جوڳي
مرت نہ سوڳہ ٻئوڳي (اک رهاءُ)

اَرٿ:- مان وئراڳوان ٿي پرماتما سان جڙان ٿو، ونجوڳ جي شوڪ کري مان مران نٿو.

کنٻ ٻرهمنڊ مهہ سگي،
مهرا ٻتوڏا سپ جگہ پسما ڌاري
ڌاڙي لاڳي ترپل پلٽيئي چوٽيئي هوءِ پساري

اَرٿ:- کنٻ برهمنڊ ۾ جا چيتن سنتا ڏسي رهيو آهيان سان سنگي آهي. مان راڻا جيان تو سو ٻتئون آهي. مون جگت کي (پسمان) ناسونت سمجهيو آهي سا (ڌاري = آڌاري) جهولي آهي. مان ڪٿي (ڌاڙي) سماڌي لڳائي ويهي رهندو آهيان، (ترپل) ترڪٽي رستي (يعني گياتا-گيان-گيئہ) اُن جو اُپاءُ ٿيو. منهنجي ٻڌي جگت جي (پساري) پرپنچ کان هٽي ويئي.

من پون دہ ٿونبا کري مئي، جگہ جگہ سارد ساجي
ترپئي تنتي ڌُونس ڏاهي، آنهد ڪنگري باجي

اَرٿ:- من ۽ پران کي ۾ تنبا بنايا اٿم ۽ جگہ جگہ ۾ پرماتما کي وياپڪ روپ سمجهيم، سا آهي (سارو) ڪانئي.

اُنهن جا منهنجي (آنتي) ورتي لڳي رهي آهي سا تني تي ۽ چيتن سنتا روپ ڪنگري (انهد) ايڪ رس ٻرگهت ٿي رهي آهي.

سن من مگن ڀيءَ هيءَ پوري، مائيا ڏول نه لاڳي
ڪهه ڪبير، تاڪئہ پنرپ جنم نهي
کيل گئيئو ٻئراڳي.

ارٿ:- اُن جو آواز ٻڌي ڪري من مست ٿيو وڃي، جنهنڪري مايا (ڏول) ڏولائي نه سگهندي. سري ڪبير صاحب جن فرمائين ٿا ته جو (ٻئراڳي) وئراڳوان هن کيل ۾ رچي رهيو آهي سو وري جنم ۾ نه ايندو.

گوڙي شبد [٥٤]

اُٿانڪا:- ڪن ايماني برهمڻن سري ڪبير صاحب کي چيو ته تون جلاهو ٿي ڪري ماڻهن کي اُپديش ڏئي مرجادا کي بگيري رهيو آهين. تنهن تي مهراجن چيو ته اسين سڀ جلاها آهيون ۽ ڀڳوان به جلاهو آهي. لوڪن پڇيو سو وري ڪئن؟ صاحبن چيو ته ويدن جو واڪ آهي ”تُوَ نگہ ۽ تت“ جيو ۽ ايشور ۽ هينئيون شبد چيائون.

١- گجہ نوَ، گجہ دَس، گجہ اڪيس، پُريئا ايڪ تنائي
سات سوُت، نوَ کنڊ، ٻهتر پاٽ، لگو آڏ ڪائي
گئي بُناوِن ماهو، گهر ڇوڙيءَ جاءِ جُلادو (اڪ رهاءُ)

ارٿ:- ڳجھي ٻناوٽ ماڻهو، (ماھو) ٻُڌي جيو آتما وٽ وڃي نه (ٻناوٽ) ويچار ڪري ٿو هي جو پراڻ، اِندريون وغيره سريرَ ۾ مليا آهن، سي ڪهڙي ڪم واسطي؟ تڏهين (جلاهو) پرماتما اڪر اوستا روپي گهر ڇڏي ٿو نوءِ (ڳجھ نوءِ) ۹ دنار سرير جا، (ڳجھ ڏس) ۱۰ گيان ۽ ڪرم اِندريون، (ڳجھ اِڪيس) ۱۰ تت، ۱۰ پراڻ ۽ من اِهي مڙ يئي چاليھ گز سرير جا ٿيا، جن ۴۰ گزن جي (تناڻي) تاڃي ڪپڙي جي تيندي آهي. (سات سوت) ٦۰ وڏيون نار يون، (نوڪنڊ) ۹ سنڌ، (بھتر پاٽ) ۷۲ تندن جو پيٺو (اَڌ ڪائي) اڌ ڪتائيءَ ڪري لڳو آهي.

نوٽ: سرير کي ڪپڙي جي ۴۰ گزن واري تاڻ سان مشابهت ٿا ڏين.

ڳجھ نوءِ = ٻه اکيون، ٻه ڪن، منهن، نڪ، گدا، لنگ ۽ سوراخ وارن وارا.

ڳجھ ڏس = پنج گيان اِندريون ۽ پنج ڪرم اِندريون.

ڳجھ اِڪيس = ۵ سوکم تت، ۵ استول تت، ۱۰ پراڻ ۽ هڪ من.

۵ سوکم تت = شبد، سپرش، روپ، رس ۽ گند.

۵ اَستول تت = آڪاس، وايو، اگني، جل ۽ پرتوي.

۱۰ پراڻ = ناگ، ڪورم، ڪرڪل، ديودت، ڌننجيه ۽ پراڻ، اپان، اُديان، ويان، سمان.

۱- من.

۲- ڳجهي نه مِٽيئي، تول نه تُليئي، پاڇَنْ سير آڍائي جوُ ڪَرِ پاڇُن بيگر نه پاويءِ، جهگڙُ ڪريءِ گهر ھائي

اَرٿ :- سوال - ھيءَ ڏيھہ گڙن سان نہ (ميھيءَ) ماپي وڃي آھي ڇا؟ جواب - ھائو. ٣½ ھٿ اُنجي ماپ آھي. سوال - تور ڪري نہ توري وڃي آھي ڇا؟ جواب - ھائو. ٣½ مڻ ڪچا اُنجي تور آھي، (ٻاچن) خوراڪ ٢½ سير ڪچا (تنھنجي سر ٻڌ جي رکيا لاءِ). جيستائين خوراڪ چاڌ اٿي مليس، تہ ھي سوَسٽ روپ گھر وارو جھگڙو ڪري ٿو.

نوٽ :- ھڪ سير ڪچو = ڏيڍ پاءُ پڪو.

٣- ڊِنَ ڪي ٻڏنَ خصم ڪي ٻرَڪَس،

اھَ ٻيلا ڪَٽ آئي

چوٗ ٿي ڪونڊ ي پيگيءُ ٻرِيئا، چاڙھو جُلادو رِيسائي

سوال - شڌ ٻڌي من ڪان پڇي ٿي تہ مرتيوءَ جو سمو ايندءِ تڏھين ڪيئن ڪندءِ؟

اَرٿ :- جواب - ڏينھن جي (ٻڏمٽ) سماپت ٿيڻ تي ٻرھاتما اِندرين کي (ٻرڪس) ٻرخواست ڪري ڇڏيو، وري منش جنم جو سمو (ڪٽ آئي) ڪڏھين ايندو؟ ٻدارٿ روپي ڪونڊو ھٽيئي ڇٽي ويندو ۽ واسنا روپ (ٻريئا) نليون، جن تي ستو ٻڙھيو آھي، (پيگي) چمبري پوندي يون، يعني واسنا لڳي رھندي. توکي (ريسائي) شوڪ ٿيندو تہ مون چڱو ڪم ڪو نہ ڪيو.

۴- چوڇي نلي تنت نهي نڪسي، نه تر رهي اُرجهائي
چوتو پسارا ايها رهه بپري، ڪهم ڪبير سمجهائي.

اَرٿ:- رسنا روپي نلي ۾ مان (لنت) سواس - آواز نه نڪرندو. (تر) تائي روپي تر، جنهن سان پران ۽ اپان وايو بدل آهن سي نه (اُرجهائي) ڦاسندا، يعني اهسا ڳنڍ ڇٽي ويندي ۽ مرنيو ٿيندو. هي (بپري) بدي، اِني رهه ۽ پساري کي ڇڏي ڏي، سري ڪبير صاحب چوندا ته توکي سمجهه آئي نه؟

[ٻيو ارٿ]

۱- اَرٿ:- گنٿي بناون ماهو. (جنهن مائي ست ڪٽي جلاهي وت وڃي تسي لئن) مايا پرميشور وت وڃي جڳت جي پيدا ڪرڻ واسطي ۽ تڏهين پرماتما اَڪر اوستا روپي گهر ڇڏي ڏنو ۽ استول ڀاو کي پراپت ٿيو، يعني سرگڻ روپ ڌاريائين.

گنج نؤ = پرڪ، پرڪرتي، مهتت (سوڪم اهنڪار) ترڌا، (استول اهنڪار)، ۵ تن ماترا سبد، سپرش، روپ رس، گند (يعني سوڪم سر بر)

گنج دس = ڏهه ڏسائون پورب، پسچم، اُتر، دکن، نئرت، ايسان، وائو، اَگنهن، پاتال ۽ آڪاس.

گنج اِڪيس = ۷ پاتال لوڪ- اَتل، سُتل، اِتل، تلا تل، مهاتل رساتل ۽ پاتال.

٧ آڪاس - ڀُوُر، ڀُوَ، سُوَهه، مَهه، جَن، تَپ ۽ سَت

٧ پُريون - ڪبير، ورن، وشن، برهم، جم، شو ۽ اندر

تنائي = پرماتما برهما کان بنارايو.

سات سوت = برهما، وشنو ۽ شو، ٽنهي ديوتائن جو نهراءُ ٢٠-٢٠ ورهيه جڳت جي مرجادا استاپن ڪرڻ جو، اهي ٦٠ سوت آهن.

نو کنڊ = ڀارت آدي کنڊ. جئن ڪپڙي جي بنائڻ ۾ ٩ ڪانا ڪم آڻبا آهن، تئن کنڊ آهن.

بهتر پات = ٧٢ چؤڪريون اندر جون برهما جي هڪ ڏينهن يعني ڪلپ ۾ آهن.

ٽهر چوٿين جاءِ چلاهو = پرماتما نرگن سروپ يا نروڪلپ اوستا کي ڇڏي سرگن سروپ ڌاريو.

٢- سوال - برهمنڊ ماپيو نٿو وڃي ڇا؟ جواب - هائو - ڀڳوان وامن روپ ڌاري ٻل راجا کان ٢½ پير ڌرتيءَ جا ماپي ورتا.

سوال - برهمنڊ توريو نٿو وڃي ڇا؟ جواب - هائو. شيش ناڳ ڌرتي کنيو بيٺو آهي، اُن مان سمجهجي ٿو ته برهمنڊ توريو وڃي ٿو، او نام روپ آهي - پرٿوي اونڪار جي ٢½ ماترا جي آسري آهي-

جوڪر پاڇن - مايا چوي ٿي ته تون سوامي مون سان جهيڙو ڇو ٿو ڪرين، جڏهين تو وٽ پاڇن ٢½ ماترا جو پيو آهي. پرٿويءَ کي جو ٻل آهي آڪار،

أڪار ۽ مڪار جو، اُن سان سڀ ڪجهه ڪري سگهين ٿو.

٣- پرش مايا جو - اهو وقت ڪڏهين ايندو جڏهين وري اتپتي ٿيندي؟

اتر- جڏهين برهما جي ڏينهن جي سماپتي ٿيندي، يا پرليءِ ٿيندي.

٧ سمنڊ روپي ڪوندا مرجادا کي ڇڏي ٽا ڏين ته (برٿا) پربون (١۴ لوڪ) جل ۾ ٻڏي وڃن ٿيون.

٨- چندرما ۽ سورج، جن مان (تنت) ڪرائون نڪري رهيون آهن، سي بند ٿي وڃن ٿيون. (اتر) آڪاس ۽ سمار چڪر، جنهن جي آسري تارا گڙهلن ٿا، اهو ڇٽي ويندو. پرماتما ٿوڇوي مايا کي ته جيڪڏهين تون قرنو نه ڪرين ها ته ايڏو برهمنڊ جو پسارو ٿئي ئي نه ها. تون اَپيد ٿي رهه.

گوڙي شبد [۵۵]

اُٿانڪا - ڪن برهمڻ سري ڪبير صاحب کان پڇيو ته (١) گيانوان پرميشور سان اَپيد ٿي وري اُن کان جدا ٿئي ٿو يا نه؟ (٢) گيانوان برهم گيان جي پراپتيءَ کان پوءِ وري سمرن ڪري ٿو يا نه؟ (٣) ڪهڙي اُپاءُ سان گيان جي پراپتي ٿئي ٿي؟

١- ايڪ جوتِ ايڪا مِلي، ڪِنبا دوءِ مَ هوءِ

جِت گهُٽ نام نه اُوپجيءَ، ڦُوٽ مَريءِ جن سوءِ

ارٿ:- جڏهين گياانن جي جوت جوتي سروپ سان ملي هڪ ٿي وڃي ٿي، ته پوءِ وري اُن کان (ڪنبا) جدا نٿي ٿئي. جنهن جي ردي ۾ نام جو اُچارڻ نٿو ٿئي، سو ڦاٽي ٿو مري.

ساروَل سندر رامئيئا،

ميرا من لاڳا توهه (اڪ رهاءُ)

ارٿ:- هي منهنجا سندر رام! منهنجو من توسان لڳي رهيو آهي.

١- ساڌ ملئي سڌ پائيئي، ڪ ايهه جوگ ڪ ڀوگ

دهه مل ڪارج اوپجئي، رام نام سنجوگ

ارٿ:- جڏهين اهو (ساڌ) ساڌن ملي، تڏهين سڌي پراپت ٿيندي. (ڪ) ڪهڙي ضرورت آهي اشٽانگ يوگ ۽ سنسار جي ڀوڳ جي؟ (١) جڏهين پورن گرو ۽ اڌڪاري شش هجن ۽ رام جو اُچارڻ ٿئي تڏهين ڪارج راس ٿئي ۽ ايشور سان ميلاپ ٿئي. (٢) جڏهين گيان ۽ وئراڳ ملندا تڏهين پرماتما سان ميلاپ ٿيندو يا ايڪ ٿي وڃبو.

٢- لوگ جاني اهه گيت هئي، اهه تئه برهم بيچار

جئه ڪاشي اپديش هوءِ، مانش مرتي بار

ارٿ:- لوڪن جي ليکي ته هي شبد ڪو معمولي

گيت آهي، پر هي سرو شڪتيوان جو وچار تي رهيو آهي، جهڙي طرح (ڪاشي) پرڪاش روپ جو اُپديش مرڻ سمي تنهي تہ مڪت تي وڃي.

٨- ڪوئي گاوي ڪو سڻي، هرِ ناما چِت لاء

ڪَهُ ڪبير سنسا نهِين، انت پَرم گَتِ پاء.

ارٿ:- سري ڪبير صاحب چون ٿا تہ ڪوئي بہ اُنکي ڳائي يا ٻڌي هري نام ۾ چت لڳائي، تہ اُن ۾ ڪو سنسو ڪونهي تہ انت ۾ اُنکي پرم گتي ملندي.

گوڙي شبد [٥٦]

اُٿانڪا:- پريمي لوڪن سري ڪبير صاحب کي چيو تہ هرڪوئي پنهنجي پنهنجي ڪرت ۾ لڳو پيو آهي، جئن هندو ڌرم ۾ ڪو دان ۽ تيرٿ ڪرڻ ۾ ۽ ڪو مورتي پوڄڻ ۾ وغيره. ٻڌايو تہ ڪهڙي رستي کي هلڻ سان هن جيو جو نستارو ٿيندو؟ مهراجن جواب ڏنو تہ رام نام جپڻ سان ئي مڪت ٿيندو.

١- جيتي جتن ڪَرِتِ تي ڏُبي،

ڀَوَ ساگرُ نهِي تارِئو ري

ڪرم ڌرم ڪَرتي بهُ سَنجم،

اهنبڌِ مَنُ جارئو ري.

ارٿ:- يگه آدي ڪريا، اُنهن ڪنهن ڪي سنسار مان ڪونه تاريو آهي. تنترميءَ ڪريائون گهٽي جڳتي سان ڪرڻ ۾ لڳي رهين؛ (اَهنڀڌ) اهنڪار واري ٻڌي تنهنجي من کي (جارئو) جلائي ڇڏيو.

ساس گِراس ڪو داتو ٺاڪُر،

سو ڪِئُ مَنهُ بِسارِئو ري

هيرا لعل اَمولُ جَنم هيءُ

ڪؤڏي بدلي دارِئو ري (اڪ رهائو)

ارٿ:- پرماتما جو هروقت روزي رسائي ٿو، تنهنکي من مان ڇو وساريو اٿيئي؟ هي منش جنم جو اَمولڪ آهي سو مفت وشيه سک ۾ اجايو ٿو وڃائين.

۲- تِرشنا تِرکا پيُوکہ ڀَرمِ لاگي، هِردئِ نامِ بيِچارِئو ري

اُنمتَ مانَ هِرئو مَن ماهي،

گُرکا سَبدُ نہ ڌارِئو ري

ارٿ:- توکي اِڇائون (ترکا) اُڃ، بک وغيره لڳي رهيون؛ هردي ۾ توکو ٻچار نہ ڪيو. (اُنمت مان) مان جي مستيءَ ۾ تون (هرئو) لٽيو وئين؛ گرن جو شبد حاصل نہ ڪيءَ.

۳. سَواد لُيتَ اِندري رس ڀرڀرنو ،
مَد رَس اَمِت بِڪارنو ري
ڪَرم ڀاڳر سَنتن سَنگاني،
ڪاشٽ لوهه اُڌارنو ري

ارٿ:- توهان پدارٿن جي سواد ۾ (ليت) لوڀجي وئين جنهنڪري اِندريون اوڏانهن ڇڪجي ويئون ۽ (مدرس) وشيه سک ۾ (بڪارنو) خراب خوار ٿئين. جڏهن ڪو اُتم نصيب کليو ۽ سنتن جو سنگ مليو ته تنهنجو اُڌار اهڙي طرح ٿيندو جيئن لوهه ٻيڙيءَ لڳي تري وڃي ٿو.

۴. ڏاوت جون جنم ڀرم ٿاڪيءَ
آپ دُک ڪَرم هارنو ري
ڪَهي ڪبير گُر مِلَت مَهارَس
ڀريم ڀَڳت نِستارنو ري.

ارٿ:- هي سنتو! مان جونين ۾ ڀرم ڪري گهڻو (ڏاوت) ڀڄڪي ٿڪو آهيان ۽ هاڻي دک ڪري مون جنم وڃايو آهي، مونکي بچايو. سري ڪبير صاحب جن فرمائين ٿا ته ستگرو ملنده جنهنڪري (مها رس) برهم گيان جو سک پراپت ٿيندو ۽ تنهنجي پريما ڀڳتي هوندي ته توکي نستاريندي.

گوڙي شبد (٥٧)

اُپديش:- [ڪيئن هي جيو ڪٽنب جي موه ۾ ڦاسجي بڌائمان ٿئي ٿو ۽ اُن مان ڇٽڻ جو اُپاءِ ڏسين ٿا.]

١. ڪالبوت ڪي هستني مَن بئوراري

چِهت رچئو جگديس

ڪام سُئاءِ گَجَ بَس پَري مَن بئُوراري

آنڪسُ سهئو سِيس

ارٿ:- هي (ٻئرا) چريا مَن! سمجھ ته جئن (ڪالبوت) ڪاغذ جي نهيل (هستني) هاٿياٽي ڏسي هاٿي ڪام وس ٿي ڦاٽڪي ڦاسائي ٿو ۽ سر تي ڪُنڍو سهي ٿو، تئن هي جيو پرماتما جيڪا سرشٽي رچي آهي، تنهن ۾ ڦاٿل ڪي ڦاسائي تڪليف ۾ وجهي ٿو.

بِکئي ٻاچ ڊر راچ سمجھ مَن بئُوراري

نِرپئي هوءِ نه ڊر پجي مَن بئُوراري،

گهئو نه رام جهاز (١ڪ رهاءُ)

ارٿ:- هي چريا مَن! سمجھ، ڏار، وشين ڪان ڀڄي هري پرماتما سان نتو رچي وڃين؟ (١) ڀين جو ڀؤ ڇڏي هريءَ جو ڀڄن نتو ڪرين؟ (٢) هريءَ کي ڀڄي نرڀؤ نٿو ٿين ۽ رام روپي جهاز کي هٿ ڪرين؟

٢. مَرڪَتِ مُشتي اناج کي مَن ٻُراري

ليني هاٿ پسارِ

چوُنَن ڪو سَهِسا ٻرڏا مَن ٻُراري ناچِئو گهر گهر دارِ

ارٿ:- جڏهن (مرڪت) باندر (مشتي) مٺ اناج واسطي
دلي ۾ هٿ پسار ڀندو آهي، (تڏهن هن جيو پنهنجي من
جي ورتي استريءَ ۾ لڳائي آهي) جنهنڪري هنجي
چوٽڪاري ۾ سنسو پيو ؛ جڏهن باندر کي در در تي پنڪڻو
پيو تو (تڏهن هي جيو جنم مرڻ ۾ پيو پنڪي).

٣. جِمُ نَلني سوُئَتا گهڻو مَن ٻُراري، مائما لهُ پڪهارُ

جِمَسا رنگ ڪَسُنڀ کا مَن ٻُراري

تِمُ پسرِ ئو پاسار.

ارٿ:- جئن (نلني) ڪاني کي (سوئتا) طوطي پڪڙي
ورتو، هي چريا من! تڏهن تو مايا کي پڪڙيو آهي. جهڙي
طرح ڪيتيءَ ۾ (ڪسنڀ) ڪيسوڦلن جو رنگ ڏاڍو سنڌر
ڏسڻ ۾ اچي ٿو پر ڪجهه ڏينهن سنسار جي پدارٿن جو
سک جتاءُ نٿو ڪري.

٤. ناوَن ڪَمُ تيرٿ گهڻي مَن ٻُراري

پوُجن ڪَمُ ٻهُ ديو

ڪَهُ ڪبير ڇُوٽن نهي مَن ٻئراري،

ڇُوٽُن هَر ڪي شيو.

ارٿ:- سري ڪبير صاحب جن فرمائين ٿا تہ اشنان لاءِ تيرٿ گهڻا ۽ پوڄڻ لاءِ ديوتا بہ گهڻا آهن. اِنهن ڪرمن ڪرڻ سان ڇوٽڪارو نہ ملندو، پر هريءَ جي شيوا ڪرڻ سان ئي ملندو.

گوڙي شبد (٥٨)

اُٿانڪا:- هڪ ايماني راجا پنهنجي ايشورج جون ڳالهيون ڪري ۽ پنهنجي ڌن پدارٿ ۽ هاٿين گهوڙن جو اَيمان ڏيکاري سري ڪبير صاحب جن کي چوائي موڪليو تہ توهان اسان وٽ اچين ٿا؟ چيائونس تہ اِهو ڌن ناسونت آهي، پر موهوت رام نام روپي ڌن آهي جنهن کي اَگني جلائي نہ سگهندي. اُن ڌن کي پائي، مان پڻ ڌن جي اِڇا نٿو ڪريان.

١. آگنِ نہ دَهئي پَوَنُ نهي مَگنئي، تَسڪُرُ نيرِ نہ آوئي

رام نام دَنُ ڪَرِ سَنڇُنئي، سو دَنُ ڪَتهي نہ جاوئي

ارٿ:- منهنجي ڌن کي اَگني نہ (دهيءَ) جلائي سگهندي؛ هوا نہ (مگنيءَ) اُڏائي سگهندي (تسڪر) ۽ چور اُن جي ويجهو نہ ايندو. رام نام جو ڌن جو (سنچئي) ڪنو ڪجي ٿو سو ڪيڏانهن اجايو نٿو وڃي.

ڌمرا ڏن ماڌو گوبند ڌرڻي ڌر،
اهئي سار ڏن کهيئي
جو سکه پريپ گوبند کي شيوا،
سو سکه راج نه لهيئي (الک رتنا)

ارٿ:- منهنجو ڌن گوبند (ماڌو) برهم وديا جو سوامي ۽ (ڌرني ڌر) جڳت جو آڌار آهي. اهوئي سڀ کان (سار) چڱو ڌن چئجي ٿو. جو سکه پريوءَ جي شيوا ۾ آهي، سو راجائي ۾ به نٿو ملي.

٢. اِس ڌن کارڻِ شِوَ سنڪادڪ، کوجت ڀئي اُداسي
مَن مُڪند جِهبا نارائڻ، پري نه جم کي ڦاسي

اَرٿ:- انهيءَ ڌن واسطي (کوجت) کوجنا ڪندي شو مهراج ۽ سنڪادڪ وغيره اُداسي ٿيا. من سان ڀڳوان (مڪند) مکتي ڏيڻ واري جو ڌيان ڪرڻ ۽ (جهبا) زبان سان پرميشر جا گڻ ڳائڻ ڪري هي جيو جنم مرڻ جي چڪر ۾ نٿو اچي.

٣. نِج ڌَن گيانَ ڀڳت گُر ديني، تاسُ سُمتِ مَن لاگا
جلتَ آنپ تِرپتِ مَن ڌاوت، ڀرم بندن ڀئه ڀاگا
ارٿ:- منهنجو خاص ڌن آهي ايشور کي ڄاڻڻ.

مونکي ڳروءَ کان ڀڳتي ملي، جنهنڪري من ۾ چڱي مت آئي. جنهن جلندڙ کي (آب تپ) ٻاڻيءَ جو آسرو آهي، تنهن (من تاوت) پتڪندڙ من کي نام جو آسرو آهي، اُن ڪري سنسن ۾ قاسط جو ڊپ لهي ويو.

۲. ڪهڙي ڪبير مدن ڪي ماتي

هردي ديکه بيچاري

تُم گهرِ لاکه ڪوٽِ اسوَ هستي، هم گهرِ ايڪُ مراري.

ارٿ:- سري ڪبير صاحب جن فرمائين ٿا تہ هي (مدن) وشين جي ڪمنا ۾ (ماتي) مست ٿيل! هردي ۾ ويچاري ڏس. تووٽ تہ لکين ڪروڙين هاٿي ۽ گهوڙا آهن پر مونوٽ هڪ ڀڳوان آهي.

گوڙي شبد (۵۹)

اُٿانڪا:- مٿيون اُپديش ٻڌي ٻرهمڻ سري ڪبير صاحب جن کان پڇيو تہ اسانکي دنيا جا پدارٿ مٺا ڇو ٿا لڳن؟ ڇيائون تہ اوهين ٻاندر وانگي پدارٿن ۾ اٽڪي ٿا پئو، تنهنڪري اوهانکي نام جو سواد نٿو اچي.

۱. جِمُ ڪَپِ ڪي ڪَر مُشٽِ چنَن ڪي

لُبڌ نہ تِئاگہ دئيو

جِو جو ڪَرم ڪِئي لالچ سِئُہ تي ڦِرِ گرهہ پرئو

ارٿ :- جنهن (ڪپ) ٻاندر ٻاڻيهي پنهنجي (مشٽ) مٽ
چڻن سان ڀري، اُنتي (ابڌ) لوڀجي ٿياڳ، اتو ڪري ۽ انهن
ٻاڻڪي قاسائي وڻو آهي، تنهن هي جيو جيڪو ڪم ڪرينتو
سو ڪامنا سان يعني ڦل جي اڇا سان، تنهنڪري لالچ
نوريءَ وانگي هنجي (گره) گردن ۾ پئجي رهي ٿي.

ڀڳتِ بن ٻرتي جنم گنئو. ساڌ سنگتِ ڀڄن
بن ڪهي نه سچ رهئو (اڪ رهاءُ)

ارٿ :- ڀڳتيءَ کانسواءِ جنم ئي اجايو آهي. ساڌن جي
سنگ ۽ ڀڳوان جي ڀڄن کانسواءِ ڪٿي ٻه سچ نه آهي.

٢. جنم اُدئان ڪسم پرڦلت، ڪنهن نه گهراڻ لئئو
تئسي ڀرمت آنيڪ جونِ مهه، ڦرِ ڦرِ ڪال هئئو

ارٿ :- جنهن (اُدئان) جهنگ ۾ (ڪسم) ڪيسو ڦل جي
(پرڦلت) ٽڙي پيهن تا، اُنهنجي (گهراڻ) سڳند ڪير ڪو نه تو
وٺي تنهن ڀڳوان جي ڀڳتي روپي سڳندي هن جيو حاصل نه
ڪئي آهي، جنهنڪري وري وري هو ڪال وس ٿئي
تو ۽ گهڻن جنمن ۾ ڀٽڪي تو.

٣. اِئا ڌن جو بن آرُسٽ دارا، پيکن ڪئم جر ڏئئو
تنِ دي ماهِ اٽڪِ جو اُرجهي، اِندري پرِ پر لئئو

اَرٿ:- اِهي ڏنِ، جواني ۽ پٽ اِستري وغيره پرميشر هنکي ڏنا، آزمايش وٺڻ لاءِ: پر هي اُنهن ۾ ڦاٿي آنکي (اُرجهي) ڦاسي ويو ۽ اِندرين هنکي پنهنجي طرف کنڇي ورتو، يعني وس ڪيو.

۴. اوڏ اَنل تَن تِرن ڪو مَندرُ، چو دِس ڏاٽ ٽٿو

کَهه ڪبير بِئي ساگر تَرن کَڻُ

ميئي ستگر اوٽ اَٿئو.

اَرٿ:- جنهن سرير روپي (ترن ڪو مندر) ڪکائي گهر کي (انل) باه چوطرف وڪوڙي ويندي آهي، تنهن هنکي (اوٽ) حياتيءَ ۾ وسئهه وڪارن روپي (انل) اگني وڌي وئي. سري ڪبير صاحب جن فرمائين ٿا ته سنسار ساگر مان تري پار پوڻ لاءِ مون ستگرن جو آسرو ورتو آهي.

گوڙي - شبد (٦٠)

[اَيماني لوکن کي سرير جي دشا تي سري ڪبير صاحب جن جو اُپديش]

۱- پاڻي مَٿلا ماٽي گوري،

اِس ماٽي کي پُتري جوري

اَرٿ:- (پتا جو بيرج) آهي ميرو پاڻي ۽ (ماتا جي رکت) آهي اڇي مٽي. اُن مان سرير ۾ تن- اگني، وايو آڪاس جو ٺهيل آهي.

مَيَ ناهي ڪڇُ آهِ نہ مورا

تَنُ ڌَنُ سَبُ رَسُ گوبند تورا (اڪ رهاءُ)

اَرٿ:- مان ڪجهہ بہ نہ آهيان ۽ منهنجو ڪجهہ بہ نہ آهي. تن آدڪ ۽ پدارٿ- انهن جو رس سڀ تنهنجو آهي.

۲- اِس ماٽي مهِ پَوَنُ سَماءِئا، جُوٽا پَرپنڇُ جورِ چلائِئا

اَرٿ:- اُن ۾ (پون) ساهہ وڌائين. (رڪت ۽ ٻيرج کي گڏ ڪري) جوتو (پرپنچ) پسارو ڪيائين.

۳- ڪِنهوُ لاکہ پانچہ ڪي جوري،

آنت ڪي بار گگرِيئا ڦوري

اَرٿ:- ڪن ٻنج لک ڪنا ڪيا. (۲) ڪن لاک جي (پانچ=پاچ) پيچي لڳائي، يعني معجون جي خوراک ڪري، سر ٻر جي رکيا ڪئي. (۳) ڪن (لاکہ) لکيو آهي يا نسچي ڪيو آهي تہ ۵ تتن مان ديهہ ٺهي آهي. آلت سمي هي (گگريئا) سرٻر (ڦوري) ڀڄي پوي ٿو.

۴- ڪهہ ڪبير اِڪ نيوَ اُساري،

کِنُ مهِ بِنَس جاءِ آهنڪاري.

اَرٿ:- سري ڪبير صاحب جن فرمائين ٿا تہ (نيو)

پيڙهه ڪٽي محلات ناهين تا. تن، ڏن ۽ محلات سڀ اهنڪار ڪري ساڻن ڪن ۾ (بنس) ناس ٿي وڃن ٿا.

گوڙي - شبد (٦١)

[نام ۾ يوڳ سڌ لاءِ اُپديش]

١- رام جپهو جيئه آئسي، ڌرو پرهلاد جپئو هر جئسي

اَرٿ:- هي پيارا! جئن ڌرو ۽ پرهلاد ڀڳت رام نام جپيو، تئن توهين به جپيو.

دين دئيال ڀروسي تيري

سڀ پروار چڙهائيا بيڙي (اڪ رهاءُ)

اَرٿ:- هي دين دئيال! مونکي تنهنجو ئي ڀروسو آهي، (١) تون منهنجي ساري (پروار) ڪٽنب کي پنهنجي نام جي بيڙي ۾ چاڙهه. (٢) دَيا ڪر ته پروار اندر بن جو يعني سڀ اکيون، ڪن وغيره نام ۾ رتل رهن.

٢- جا تِس ڀاوئي تا حڪم مناوئي

اس بيڙي ڪئو پار لنگهاوئي

اَرٿ:- جڏهين پرماتما کي وڻي ته پنهنجي حڪم ۾ هلائي ۽ هن بيڙي کي تاري پار ڪري.

٣- گر پرساد آئسي ٻڌ سماني، چوڪ گئي ڦر آون جاني

اَرٿ:- گروءَ جي ڪرپا ٿيندي تہ ٻئي اهڙي طرح (سمائي) ٺهرجي ويندي، جو جنم مرڻ وري (چوڪ گئي) نہ ٿيندو.

۴- ڪَهُ ڪبير ڀَجُ سارنگ پاني

اُروارِ پارِ سَپ ايڪو داني.

اَرٿ:- سري ڪبير صاحب جن فرمائين ٿا تہ پرميشر جو ڀڄن ڪريو، جو سڀني کي پار ڪرڻ وارو ۽ (داني) داتار آهي.

گوڙي - شبد (٦٢)

[هي جيو گرڀ مان نڪرڻ سان پرميشر جو نام ڀلائي مايا جي ڦندي ۾ ڦاسي وڃي ٿو.]

۱- جون ڇاڏ جَنمَ جگہ مَهِ آئيو، لاگت پَوَن خَصمُ بِسرائيو

اَرٿ:- جڏهين جيو گرڀ مان ٻاهر اچي ٿو تہ (پون) مايا جي هوا لڳڻ سان پرميشر کي ڀلائي ڇڏي ٿو.

جِيئَرا هَرِ ڪي گُنَ گاءُ (رهاءُ)

اَرٿ:- هي پيارا! هريءَ جا گڻ ڳاءِ.

۲- گرڀ جونِ مَهِ اُرڌ تَپُ ڪرتا،

تَہ جَٺَر اَگَنِ مَهِ رهتا

ارٿ:- تون جڏهين گرڀ اندر جيئرا اڳيئي ٻه رهندين ٿي، تڏهين تو ڀي پرميشور جو ڌيان ڪيو ٿي.

٣- لکَ چؤراسيهه جونِ ڀرم آئيو،

آب کي ڇُٽڪي ٺَؤر نه ڏائيو

ارٿ:- تون چؤراسي لک جونين ۾ (ڀرم) ڀٽڪي آيو آهين. هاڻي جيڪڏهين ڇٽڻ جو اُپاءُ نه وَرتئه، ته اڳتي رهڻ واسطي تو کي (ٺؤر) جڳهه نه ملندي.

٤- ڪَهُه ڪبير ڀڄُ سارنگ پاني

آوت ڏِسئي جاتَ نه جاني.

ارٿ:- سري ڪبير صاحب جن فرمائين ٿا ته (سارنگ پاني) پرميشور جو ڀڄن ڪر. هي جيو ايندو ڏسڻ ۾ اچي ٿو، پر (جات) وڃڻ مهل ڪا خبر نٿي پوي، (ته ڪيڏانهن ويو).

گوڙي پوربي - شبد (٦٣)

[ڌنوان ۾ وڃڻ اچڻ تي ڌلائمان ٿئي ٿو، پر جن کي ڀڳتيءَ جو آنند آهي، تن کي ڌلائمان ٿيڻ جو ڪو سبب ڪونهي.]

١- سُرگ باسُ نه ٻانڇيئي، ڏَرِيئي نه نَرڪ نِواسُ

هونا هَئي سو هوئي هَئي، منهِ نه ڪيجئي آس

ارٿ:- سرڳ ۾ (ٻاس) واسو ڪرڻ جي (ٻاڇنائي) چاهنا نه ڪرڻ کپي ۽ نڪي نرڪ جوئي ڏپ ڪجي. جيڪي ٿيڻو آهي سو اوس ٿيندو پوءِ (منهن) من ۾ آس ڇو ڪجي؟

رميڻيا گن گائيڻي،

جاتي پائيڻي پرم نڌان (اڪ رهاءِ)

ارٿ:- رام جو رهي رهيو آهي، تنهنجا ڳڻ ڳا ئجن، جنهن ڪري وڏين نڌين جي مالڪي حاصل ڪجي، يا نام جو خزانو هٿ اچي.

۲- ڪِئا جپ ڪِئا تپ سنجمو

ڪِئا برت ڪِئا اشنانُ

جب لگ جگت نه جانيئي، ڀاءُ ڀڳت ڀڳوان

ارٿ:- جپ، تپ، سنجم، ورت ۽ اشنان ۽ ٻيا اپاءُ ڪرڻ مان ڪهڙو فائدو ٿيندو؟ جيستائين انهن جي جڳتي نه ايندي ۽ ڀڳوان جي پريما ڀڳتي نه هوندي.

۳- سنپئي ديکه نه هرکيئي، بپت ديکه نه روءِ،

جيئن سنپئي تيئن بپت هئي، ٻڌي رچيا سو هوءِ

ارٿ:- پدارٿن جي سک کي ڏسي خوش نه ٿجي ۽

تڪليف کي ڏسي غمگين نہ ٿجي. سک خواه (بيحد) تڪليف، جيڪي (پڊني) پرماتما رچيو آهي، سو ضرور ٿيندو.

۴- ڪهہ ڪبير آپ جاڻتا، سنتن ردئي مجهارِ
شيوڪ سو شيوا پلي، جهہ گهٽ بسئي مرارِ

اَرٿ:- سري ڪبير صاحب جن فرمائين ٿا تہ هاڻي مون جاتو آهي تہ پرماتما سنتن جي ردي ۾ وسي ٿو. شيوڪ سو، جنهن جي شيوا پلي آهي، جنهن جي ڪري گهٽ ۾ پرماتما وسي ٿو.

گوڙي - شبد (٦۴)

[ڪو منش پنهنجي سنبنڌيءَ جي مرڻ ڪري روئڻ لڳو، تنهنکي سري ڪبير صاحب جن جو اپديش.]

١- ري من تيرو ڪوءِ نهي، کنچ ليئہ جن ڀار
برک بسيرو پنکہ ڪو، تئسو اهہ سنسار

اَرٿ:- هي جيوا! توسان ڪو بہ نيبهہ نہ آهي. تون پرائو پاپن جو بوجو پنهنجي سر تي (ڇو) متان کڻين، جئن پکي وڻ تي آرام ڪري پوءِ اُڏامي ويندا آهن، تئن جيو بہ سنسار ۾ بہ چار ڏينهن گذاري پوءِ هليا ٿا وڃن.

رام رس پيئا ري،
جهہ رس بسرِ گئي رس آؤر (اِڪ رهاءُ)

اَرٿ:- جن کي رام جو رس آيو آهي، سي پيا سپ
رس پلجي ويا آهن.

۲- اُؤرمئي ڪيترا روئيئي، جنهن آپا تن نه رهائي.
جو اُپجي سو بنس ٿيئي، ڏکر ڪري روويءِ بلاءِ.

اَرٿ:- ٻين جي مرڻ تي ڇو روئجي، جڏهين پاڻ ئي
ٻي بقا آهي؟ جو جمندو سو ضرور مرندو، پوءِ منهنجي
بلا نه ڏک ڪري روئي، يعني مان ڇو روئان؟

۳- جهه ڪي اُپجي تهه رچي، پيوت مرڻ لاڳ،
ڪهه ڪبير چت چيتنا، رام سمر ٻڌ راڳ.

اَرٿ:- جتان هي جيو اُتپن ٿئي ٿو، اُن سان
(رچي) پريت ڪري ٿو؛ ڪام آلر ٿي پوڳن ۾
لڳي ٿو. (پر سنت، رام جنهن کان هو پيدا ٿئي ٿو اُن
۾ ورتي لڳائي مايا جي وڪارن کي ناس ڪري ٿو)
سري ڪبير صاحب جن فرمائين ٿا ته. مون چت ۾ چتونا
ڪئي آهي ته وئراڳ ڌاري سمرن ڪجي.

راڳ گوڙي - شبد (٦٥)

هڪ مائي جو منهنجي پتيءَ جي پرديس ۾ وڇڻ
ڪري ڏکي ٿيڻ؛ سندس طرفان ٻين مائن جي سري
ڪبير صاحب کان آسيس گهرڻ، ته سندس پتي پرديس
مان جلد موٽي.

١- ڀڳت نهاري ڪامني، لوچن ڀري ليئه ساسا
اُر نه ڀيڄئي، پڳ نه کسئي، هر درسن کي آسا

ارٿ:- (ڪامني) استري پنهنجي سواميءَ جي اچڻ جو رستو ڏسي ٿي ۽ (لوچن) نيترن مان پاڻي ڳاري ٿي ۽ ڏکيا ساس کڻي ٿي. منهنجو (اُر) ردو سنساري پدارٿن کي پيار نٿو ڪري ۽ پرشارٿ روپي پير پنڌي نٿو هڻي ۽ هري پرماتما جي درسن جي پياس آهي.

اُڏهه نه ڪانگا ڪاري،
بيگ ملئجي آپني رام پياري (اڪ رهاءُ)

ارٿ:- (١) ڪارا ڪانو، تون اُڏامي نٿو ڀا هي پاپو (ڪام آدڪ) توهين وڃو نٿا، جنن مان جلدي پنهنجي رام سان ملان. (٢) ڪارا وار، توهين قائم رهو جو جوانيءَ ۾ ئي مونکي رام سان ملڻو آهي.

ڪهه ڪبير جيون پد ڪارن، هر کي ڀڳت ڪرئجي
ايڪ آڌار نام نارائن، رسنا رام رويجي

ارٿ:- سري ڪبير صاحب جن فرمائين ٿا ته جيون پد ملڻ لاءِ هريءَ جي ڀڳتي ڪرڻ کپي. زبان سان رام نام جپجي، جو هڪ ئي اسانجو آسرو آهي.

راڳ گوڙي - شبد (٦٦)

[سرگن ۽ نرگن پرماتما جي اُپاسنا ڪرڻ جو رستو
ڪبير صاحب ٻڌائين ٿا]

١. آس پاس گهن تُرسي ڪا برواءِ، ماجهه بنارس گائوري
اُنا ڪا سروپ ديکهه موهي گُئارن،
موڪهه ڇوڙ نه آءِ نه جاءُ ري

[ڀڳوان جو سروپ ڏسي (گئارن) راڌان موهجي پيئي، (جا
[پهريون ارٿ]

اَرٿ:- (بنارس) برساني ڳام ۾ جتي چوڌاري (گهن)
گهاٽا تلسيءَ جا (بروا) ٻوٽا آهن اُتي (اُنا ڪا) سري ڪرشن
ڀڳوان جو سروپ ڏسي (گئارن) راڌان موهجي پيئي، (جا
چوڻ لڳي تہ) اچ، مونکي ڇڏي نہ وڃ.

توهه چرن من لاگو سارنگڌر
سو ملئي جو ٻڏ ڀاگر (اڪرهاءِ)

اَرٿ:- (سارنگڌر) هي ڀڳوان! تنهنجي ڪمل چرڻن
۾ منهنجو من لڳي ويو آهي. جو وڏڀاڳي هوندو، تنهن
کي ئي چرن نصيب ٿيندا.

٢. بندرابن من هرن منوهر، ڪرشن چراوت گائوري
جاڪا ٺاڪرتهي سارنگڌر، موهه ڪبيرا نائوري

أرٿ :- ٻندرابن ۾ (من هرڻ) من موهيندڙ سندر شيام ڳائيون ٿو چاري. سري ڪبير صاحب چون ٿا ته هي پڳوان! تون منهنجو سوامي آهين، مان تنهنجو داس آهيان.

[ٻيو ارٿ]

١- مهاتمائن جي (آسپاس) رديءَ جي چوطرف (ترسي=تل- آسي = تلڪاگڙتا ، اسي = آهن) تلڪاگوڙ رهن ٿا يعني اهي سمدرسي آهن. اُنهيءَ رديءَ ۾ جو (بنارس) آتم رس بڻيو رهي ٿو، تنهنکي سدا ڳائيندا رهن ٿا. اُنجو سروپ ڏسي (گتارن) ٻڌي روپي گوارن موهي آهي. ٻڌي مهاتما کي چوي ٿي ته اهو آنند مونکي ڇڏي نه وڃي.

هي جڳت جا آسرا روپ! تنهنجي چرڻن ۾ منهنجو من اڙلين ٿي ويو آهي. اهو اُنکي ماي ٿو جنهنجو ٻوربلو ڀاڳ کلي ٿو.

٢- سنسار روپي ٻندراڻ ۾ (من هرڻ) آنند ڏيڻ وارو سري ڪرشن (ڳائو) اندرين جي چيشٽا ڪري رهيو آهي يعني هلائي رهيو آهي. تون جو ودوانن جو آسرو آهين، يا اُنهيءَ اُنيو ۾ اچي رهيو آهين، اُنهيءَ نرڳن کي سري ڪبير صاحب ٿا چون ته مان ٻه اُنيءُ ڪريان ٿو.

ڳوڙي پوربي - شبد (٦٧)

[رام نام جو مهاتم سڀني تيرٿن کان مٿي آهي]

١- پهِلَ بِستر ڪيئي ديءِ پهري، ڪِٿا تن مڏي باسا

ڪَها يَئِتا نَر ديوا ڏوڪي، ڪِئا جَل پو رِ ئو گِئاتا

ارٿ:- جيڪڏهن (پيل) نرمل ڪپڙا پهريندين ۽ بن ۾ واسو ڪندين ته ڇا ٿيندو؟ جيڪڏهن مندرن ۾ (دوڪي) ڏونهون دکائيندين ته ڇا ٿيندو؟ راڄ هي مهاتما آهي ائين سمجهي) جيڪڏهن تو پنهنجي (گتاتا) سرير کي جل ۾ بوريو ته ڇا ٿيندو؟

جيئُري ڄادگا مئي ڄاڏان، اَبگت سَمجهُ اِڏاتا

جَت جت ديکئه، پهُر نه پيکئه، سَنگِر مائِتا لپتانا (رهاءُ)

ارٿ:- هي جيئا! تون مرندين، مون انهيءَ ڳالهه کي ڄاتو آهي. هي (اَياڻا) بي سمجهه! تون (اَبگت) جنهنجو ڄاڻڻ ڪٺن آهي يعني پرماتما، اُنکي سمجهه. جتي جتي توهان کي ڏسان ٿو ته جنهن ڪرم ۾ لڳو ٿا ته مايا ۾ توهين زياده (لپتانا) پريتي ڪريو ٿا.

۲- گِئاني ڏِئاني پهُ اُپديسي، اِهُ جگ سَگلو ڌندا

ڪهُ ڪبير اِڪ رام نام بن، اِئا جگُ مائِتا آنڌا.

ارٿ:- گياني (ڌ ئاني) ڌيان لڳائڻ وارا (بهه اُپديسي) شاسترن جي بات کي سمجهائڻ وارا، اهي سڀ ڌندا پٽيندڙ آهن. سري ڪبير صاحب جن فرمائين ٿا ته (اِڪ) ڪيول ست آتما بنا بيا سڀ جيو مايا ۾ پڪڙي رهيا آهن.

گوڙي شبد (٦٨)

اُٿانڪا:- هڪ ڏينهن سري ڪبير صاحب جن ڏٺو ته هڪ استري ڪنهن ٻه ڏيپ ڪانسواءِ خوشيءَ سان ستي ٿيڻ لاءِ پيئي وڃي. اُني پنهنجي من کي سمجھائڻ لڳا ته جڏهن هي استري حب ڏيکاري رهي آهي تڏهن تون به هري پرماتما سان حب رک.

١- مَن ري چاڏهه پرمه پر گهٽ هوءِ ناچهر،

لاٿا مائٿا کي ڏانڍي

سوُرڪي سَدمڪه رن تي ڏرپئي،

ستي ڪي سانچي پانڍي

اَرٿ:- اوهين پرم چڏيو ۽ هڪ طرف تي نچو (يعني يگتي ڪرڻ ۾ لڳو). (اوهين جو پدارٿ جي چاهنا رکو ٿا) سو مايا اوهان کي ڏنڊ ڏنو آهي. اُهو سورمو کهڙو ڇمبو جو اُگتي وڃي (ڏرپيءَ) ڏيپ ڪري وري پنتي موٽي؟ اُها ستي کهڙي جا ڇکيا تي چڙهڻ وقت (پانڍي) گهر جا ٻرتن (سانچيءَ) ڪٺا ڪري سنڀالي رکي؟

١- ڏگر مگر چاڏ ري مَن ٻئرا،

آب تئه جري مري سِڌ پائيئي، ليئو هاٿ

سَنڌ ٿرا (اِڪ رهائو)

اَرٿ:- هي چريا من! (ڏگ مگ چاڏ) ڏلائمان نہ ٿي (۱) ستي جنهن هٿ ۾ (سنڌ ئرا) ناريل ڪنيو آهي سا جڏهن ٻاڻڪي ساڙي مرندي، (۲) سورمي جنهن هٿ ۾ ڪنب ورڪنيو آهي، سو هاٿي جڏهن مرندو، (۳) پاڻڪي جنهن گيا اوان سڏايو آهي، سو جڏهن مايا ۾ اَشڪتي ڇڏي اڳتي پير وڌائيندو، (۴) پاڻڪي جنهن وئراڳوان سڏايو آهي، سو جڏهن ساري سنسار جي واسنا ڇڏيندو، تڏهن هنڪي مڪتي ملندي.

۲- ڪام ڪِروڌ مائِيا ڪي لِيني، ائا ٻِڌ جَگت بِگوُتا

ڪَهہ ڪبير راجا رام نہ ڇوڙُون، سَگل اوچ تي اوچا.

ارٿ:- ڪام ڪروڌ جي وس ٿيڻ ۽ مايا ۾ پريت ڪرڻ ڪري جگت جا جيو (بگوتا) خراب ٿيا آهن. سري ڪبير صاحب جن فرمائين ٿا تہ رام جو سڀ کان اوچو آهي تنهنجو سمرن مان نہ ڇڏيندس.

گوڙي شبد (٦٩)

[پرماتما جي بندگي ڪرڻ ۾ محڪم اراده رکڻ گهرجي، پوءِ ڪهڙو بہ نتيجو اڪري.]

۱- فُرمانُ تيرا سِرئِ اوپِر، ڦِرِ نہ ڪَرتِ بِيچار

تُهي دَرياءُ تُهي ڪَريئا، تُجهئي تي نِستار

ارٿ:- هي پرماتما! مون تنهنجو حڪم وشواس ۾ پنهنجي سِر تي کنيو آهي، تنهنڪري مان دڪ سکہ جو

ويچار اصل ڪونه ٿو ڪريان، تون رحمدل آهين. تون ئي پار ڪرڻ لاءِ گرو روپي (ڪريئا) ملاح آهين. مون کي وشواس آهي ته بنده جو (نستار) اڌار ڪندين.

٢- بندي بندگي اختيار

صاحبُ روسُ ڌَرو ڪِ پيارُ (اِڪ رهاءُ)

ارٿ:- توکي بندگي ڪرڻ ۾ پنهنجو ارادو (اختيار) ڪو ڪرڻ گهرجي، پوءِ صاحب چاهي تو تي پيار ڪري يا غصو ڪري.

٢- نامُ تيرا آڌارُ جئسِ ڦُولُ جيئَ هَئِ نار

ڪهہ ڪبير غُلامُ گهر ڪا، جيئاءِ ڀاوي مار.

ارٿ:- نام تنهنجو مون لاءِ آسرو آهي (١) جهڙي طرح (نار) پاڻيءَ ۾ ڪنول ڦول (جيءُ هيءُ) پرڦلت ٿئي ٿو. (٢) جهڙي طرح (جيءُ) ٻچي کي، استري ڏسي خوش ٿئي ٿي. سري ڪبير صاحب جن چون ٿا ته مان تنهنجي گهر جو غلام ٿيو آهيان، سو وڻيئي ته جيئار، وڻيئي ته مار.

گوڙي شبد [٧٠]

اٿانڪا:- ماڻهن سري ڪبير صاحب وٽ سري ڪرشن جو ذڪر ڪيو ته ڪرشن نند جو پٽ هو. تنهن تي مهراج چيو ته هو جنم مرڻ کان رهت آهي، فقط نند جي ڀڳتي جي ڦل ڏيڻ واسطي اچي وٽس اوتار ورتائين. ڀڳوان جو

اوتار وني تو سو مايا شڪتي ڪري پاڻ پرڳهٽ ٿئي تو پر جنم نٿو وني.

١- لَکَ چَوراسِيهه جيئَ جون مهِ،

پَرمَٽ نَند ٻهُ ٿاڪو ري

يَڳڻِ هيتِ اَوتارُ ليئو هئَ،

پاڳُ ٻَڌو ٻپَرا ڪو ري

ارٿ:- چوراسي لک جونين ۾ ڦرندي ڦرندي نند جون واسنائون (ٿاڪو) گهڻيون ٿيون، پوءِ نند جي يڳتيءَ جو قلُ ڏيڻ واسطي سري ڪرشن سندس گهر ۾ اوتار ورتو جنهنڪري هو وڏ ڀاڳي ٿيو.

تُم ڄُ ڪَهتُ هئَ نَند ڪو نَندَنُ،

نَندَ سَ نَندن ڪاڪو ري

ڏَرنِ آڪاسَ ڏَسو ڏَس نامي،

تَب اِم نَندُ ڪَها تو ري (اڪ رهائم)

ارٿ:- اوهين جو چئو ٿا ته ڪرشن نند جو پٽ هو پلا اهو نند جڏهن ڌرتي آڪاس ۽ ڏهه ڏساڻون نه هيون تڏهن ڪٿي هو؟ يعني هي ٻه نه هو [پرايشور مها ڪال وقت ٻه هو.]

۲- سنڪٽ نهي پري، جون نهي آوي،

نام نرنجن جاڪو ري

ڪبير ڪو سوامي آئسو ناڪُر،

جاڪي مائي نه ٻاپو ري.

ارٿ :- جنهن ٻيا ماڻهو (سنڪٽ) مشڪلات ۾ پون ٿا ۽ جون ۾ اچن ٿا تنهن يگوان کي نه ٿو ٿئي. هو مايا جي سنٻنڌ کان رهت آهي. سري ڪبير صاحب جن فرمائين ٿا ته منهنجو سوامي اهڙو آهي جنهنکي نڪو ماءُ نڪو پيءُ.

گوڙي - شبد (۷۱)

اُٿانڪا :- مهاتما لوڪ، آهنڪار وڌي نه وڃي اُن لاءِ پاڻيهي پنهنجي نندا ڪرائيندا آهن ته سندن رهيا کهيا پاپ سڀ ڌوپي وڃن. هڪ ڏينهن ڪبير صاحب هٿ ۾ گنگاجل جي ٻوتل کڻي پاڻسان هڪ ٻرهمڻ جي ڪنيا وٺي ٻاهر گهمڻ نڪتا. اهو حال ڏسي ماڻهو سندن گلا ڪرڻ لڳا ته، ويشوا جي محبت ۾ شراب ٿو پيئي. اهو ٻڌي مهراج سمجهيو ته نندا سندس پاپ ڌوئي ٿي.

نِندءُ نِندءُ موڪئُ نِندءُ،

نِندا جن ڪَئُ ڪري پيا ري

نِندا باپ نِندا مهتاري (ڪا رهاءُ)

اَرٿ:- لوڪو! ٻلي منهنجي نندا ڪريو. نندا ساڌ جَنن کي سچ پچ چڱي ٿي لڳي. جيئن ٻالڪ جي رکيا واسطي ماتا پتا آهن (تيئن ڪوئن ڪرمن کان بچائڻ واسطي) نندا ئي آهي.

۱- نِندا هوءِ تہ بُڌَڪن جائيئي،

نام پَدارٿ مَنهِ بَسائيئي

اَرٿ:- نندا ٿيڻ ڪري (ٻاپ سڀ وڃندا) ۽ منش وڪنن جو اڌڪاري ٿيندو ۽ نام من ۾ وسندو.

رِدَئي سُڌ جُئَہ نِندا هوءِ،

هَمري ڪپڙي نندڪ ڌوءِ

اَرٿ:- جڏهن نندا ٿيندي تڏهن ردو شڌ ٿيندو. اسانجو ردي روپي ڪپڙو، گلا ڪندڙ صاف ڪري ٿو.

۲- نِندا ڪَرئي سُ هَمرا مِيتُ،

نندڪ ماهِ هَمارا چِيتُ

اَرٿ:- نندا ڪري سو منهنجو متر آهي. منهنجو چت نندڪ ۾ آهي.

نِندڪُ سو جو نِندا هوري، هَمرا جِيونُ نِندڪُ لوري

اَرٿ:- ننڊ ک اهو جو ننڊا متائڻا ۾ (هوري) رڪاوٽ ڪري ٿو، جنن ته مان چاهيان ٿو ته ننڊ ک مونجي باڻ جو بار پوڻي.

۳- ننڊا همري پرم پئار، ننڊا همرا ڪري اُڌار

اَرٿ:- جو منهنجي ننڊا ۾ پريم ڪري ٿو تنهن سان مان پيار ڪريان ٿو. ننڊا جي ڪري منهنجو اُڌار ٿئي ٿو.

جن ڪبير ڪئو ننڊا سار، ننڊ کُ ڏويا همر اُتري پار.

اَرٿ:- سري ڪبير صاحب جن فرمائين ٿا ته مونکي ننڊا (سار) چڱي معلوم ٿي آهي، جنن ته ننڊ ک ٻڏي ويو ۽ مان پار لنگهي ويس.

گوڙي - شبد (۷۴)

[اهنڪار جي نورتيءَ ڪري پرماتما جي پراپتي تيرٿ ۽ نڌر رهڻ]

راجا رام تون آئسا نربڻ،

ترن تارن رام رائئا (اِڪ رهاءِ)

اَرٿ:- هي پرڪاش روپ رام! تون اهڙو بيدپو تارڻ وارو سوامي آهين.

۱- جب هم هوتي تب تم ناهي، اب تم هو هم ناهي

اَب هم تُم ايڪ ڀئي هَمِ،
ايڪي ديکت مَن پتيئاهي

اَرٿ: جڏهين منهنجي ٻُڌيءَ ۾ (هُم) اَهنڪار هو تڏهين تون پراپت نٿي ٿئين. هاڻي جڏهين مون تو کي يٿارٿ ڄاتو آهي، تڏهين اَهنڪار ڪونهي. هاڻي جڏهن تون ۽ مان هڪ سروپ ٿي وياسون، تڏهين مون کي (پتيئاهي) نسچو ٿي ويو ته بيو ڪو ڀيد ٻيو ڪو روپ ڏيڻ وارو ڪونهي.

٢- جب بُڌ هوتي، تب بَل ڪيسا،
اَب بُڌ بَل نڪتائي
ڪَهه ڪبير بُڌ هَرلَئي ميري، بُڌ بدلي سڌ پائي.

اَرٿ:- جڏهن سنسار واري ٻُڌي هئي (ته مان هي ساڌن ڪريان ٿو) تڏهن تنهنجو ٻل مون کي ڪونه هو. هاڻي سنسار ڪ ٻُڌيءَ، ٻل واريءَ ٻُڌيءَ مان (نڪتائي) هٽائي ڇڏي آهي. سري ڪبير صاحب جن فرمائين ٿا ته هاڻي جڏهن مون کي هريءَ ڪي پاڻ جي ٻُڌ حاصل ٿي ۽ سنسار واري ٻُڌي بدلجي وئي، تڏهين (سڌ) ڪلياڻ کي پراپت ڪيم.

گوڙي شبد (٧٣)

اُٿانڪا:- ڪن پريمي لوڪن سري ڪبير صاحب جن کان پڇيو ته پرماتما ديهه ڇا جي واسطي ٺاهي آهي؟ ڇيا ڙون

تہ اُن ماں گيان جي پراپتي ٿئي ٿي ۽ پرماتما سان ملڻ ٿئي ٿو. ديھ ڪٿي بنائي اٿس ۽ سک جي پراپتي ڪٿي ٿئي ٿي، اُن بابت ٻڌ صاحبن ھيٺئين شبد ۾ چيو.

١- ڪَت نير ڪرِ ڪوٺڙي باندي،

بَستُ آنوپُ بيچ پائي

ڪُنجي ڪُلفُ پران ڪَر راکي،

ڪَرتي بارَ نہ لائي

اَرٿ:- (١) پرماتما ھِن مٿش روپي ڪوٺڙي (ڪت نير) پنجن تتن ۽ ھڪ من سان يا ڇھن چڪرن (گدا، نابي، ھردو، ڪنٺ، تارون ۽ دسمو دئار) سان (باندي) بنائي آھي ۽ پنھنجو (بست اَنوپ) آتم سروپ اُن ۾ وڌو اٿس. ڇھ چڪر اِھي ڪلف آھن ۽ پران روپي ڪنجي اُنھن کي کولڻ واسطي رکي اٿس، اُنھجي کولڻ ۾ ڪا (بار) ويرم ڪانہ ٿي لڳي. (٢) ڪام ڪروڌ آدي يا اگيان روپي ڪلف لڳل آھي. سواس سواس ڀڄن ڪرڻ جي جڳتي، اھا ڪنجي رکي اٿس، جنھن دئاران اگيان دور ٿئي ٿو ۽ آتم وستو ملي ٿي.

آپ مَن جا گَت رَھُ ري پائي،

غافل هوئڪي جنم گوائيو، چور مسيءَ

گهر جائي (اڪ رهائو)

اَرٿ:- هي پيارا! هاڻي من کري جاڳ يا اُن جڳتي کي ڄاڻ. غافل ٿي تو جنم وڃايو آهي. ڪام ڪروڌ آدڪ چور اندر لنگهي تا وڃن ۽ (مسيءَ) هلاڪ ٿا ڪن.

٢- پنچ پهروئا درمهه رهتي، تنهه ڪا نهي پتيارا

چيت سچيت چت هوءِ رهه، تهه لئي پرگاس اُجارا

اَرٿ:- پنج گيان اندريون جي پهريدار آهن تنجي پت ڪانهي. (١) توکي سمجهه وارو ٿيڻ گهرجي. جڏهن سمجهه وارو ٿيندين تڏهن (پرگاس) پرڪاش جو (اُجارا) اُجورو ملندءِ. (٢) چيتن پرڪاش روپ جو ويچار ڪر ته چيتن روپ ٿي ويندين.

٣- نو گهر ديکهه جو ڪامن ڀوُلي،

بستُ آنوپ نه پائي

ڪهت ڪبير نوئي گهر مُوسي،

دسوئي تتُ سمائي.

اَرٿ:- (ڪامن) ٻڌي روپي اِستري، گهرن واري سرير کي يعني سوادن کي ڏسي ڀاڄي وڃي ۽ اِن ڪري

(بست انوپ) پرماتما کي پراپت نہ ڪيائين. سري ڪبير صاحب جن فرمائين ٿا تہ جن ۹ گهر (موسي) لٽيا آهن يعني اُنهنکي وس ڪيو آهي ۽ دسر دئار کي لڳا آهن سي (تت) پرماتما ۾ سمايا آهن.

گوڙي - شبد (٧٤)

اُٿانڪا - پريمي لوڪن سري ڪبير صاحب کان پڇيو تہ جن ماڻهن کي سؤ سروپ پراپت ٿئي ٿو، تن جي اُنهي پکي ياونا ٿئي ٿي يا ڪو شڪ رهين ٿو؟ جيائون تہ اُنهن جو پڪو اسچو ٿئي ٿو.

مائي موهہ اَور نہ جانِئو آنانا،

شِوَ سنڪادِ جاسُ گُن گاوهِ

تاس بسهِ موري پرانانا - رهاءُ

ارٿ:- هي يائي! گياواُن ڀين کي ٻاڻ کان جدا نہ جاتو آهي. (جاس) جنهن جا گڻ شو ۽ سنڪادڪ رکيشر ڳائين ٿا، (تاس) تنهن ۾ منهنجا پران وسن ٿا. (نا=Suffix) نسچ (نيڪ) واچڪ آهي.

اهردي پرگاسُ گيان گرگنمت، گگن منڊل مهہ ڌانانا

بِکئہ روگر ڀئہ بندن ياگي، من نِج گهر سُک جانانا

ارٿ:- جڏهين رديہ ۾ پرڪاش ٿيو ۽ گروء جي

(گنمت) ڪرپا سان گيان ٿيو. تڏهين (گگن منڊل) چيتن سروپ ۾ ڌيان لڳي ويو. (ٻڪٽا) وشيون سنسار جون، جي روڳ ۽ ٻنڌن جي ڏيڻ واريون هيون، تن جو ڏپ هليو ويو ۽ من ۾ نهنجي (نج گهر) سو سروپ جو آنند نسچي ڪري جاتو.

۲. ايڪ سُمت رتِ، جانِ مانِ پرپ دوسر مَنهِہ نہ آنانا
چَندن باس ڀئي من ٻاسن، تِنا گر گهِتئو آيمانانا

ارٿ:- گرن جي (سمت) سکيا ۾ جا (رت) پريتي ٿي، تنهنڪري پرميشر کي ڄاڻي ورتم ۽ اُنجي مقابلي ۾ ٻي ڪا ٻه شيءِ (منهہ) من ۾ نسچي ڪري نٿي اچي. چندن جي نيائي سک ڏيڻ واري پرماتما ۾ من اهڙو (باسن) مگهن ٿي ويو (يعني يڳتي روپي واسنا من ۾ وڃي ويٺي) جو ايمان، جو هيٺ ڪيرائڻ وارو هو، تنهنکي نسچي ڪري تياڳ ڪيم.

۳. جو جن گاءِ ڌِئاءِ جس ڏاڪر، تاس پريو هيءِ ٽانانا
تہ ہند ياگر بسئو من جاڪي، ڪَرم پرڌان متانانا

ارٿ:- جو منش اوچي سر سان پرميشر جو جس ڳائي ٿو ۽ ايڪانت ۾ ٺاڪر جو ڌيان ڪري ٿو، (تاس) اُن جي رِدي ۾ پريو وسي ٿو. اهڙين جنم جي چڱن ڀلن ڪري پرميشور جو واسو ٿيو آهي، اُن جا وڏا ڀاڳ آهن.

٤- کات سکت شو سهج پر گاسئو،
ايکئي ايک سمانانا

ڪهم کبير گر پيت، مهاسکه پرمت رهي من مانانا.

ارٿ:- اُن (سکت) مايا جي اندري کي (کات) ناس کري ڇڏيو ۽ (شو) کلياڻ ۽ (سهج) سانت روپ پرماتما جو اُن جي ودي ۾ پرڪاش ٿيو ۽ اُن کي سڀ جڳهه ۾ هڪ ئي هڪ نسرڻ ۾ آيو. سري کبير صاحب جن فرمائين ٿا ته گروءَ سان (پيت) ملڻ کري وڏو سکه پاتائين ۽ پرم رهت ٿيو، من ۾ آنند ٿيس.

راڳ گوڙي پوربي- باون اکري ڪبير جيئه کي
ايک اونڪار ست نام کرتا پرک گور پرساد.

اُتانکا - سري کبير صاحب جن پربمي لوڪن جي کلياڻ واسطي (باون) ٥٢ اکرن د ٿاران اُپديش کن ٿا.

پربمي لوڪن پڇيئي کئي ته مهراج! جڳت ۾ جيکي پڙهڻ ۾ اچي ٿو سو اکرن جي رچنا آهي، ۽ رام نام ۽ ويد شاستر سڀ اکرن جي رچنا آهن ۽ جڏهين رام نام نت آهي تڏهين اکر به نت روپ جاڻڻ گهرجن. مهراجن چيو ته ست ۽ است وستوءَ کي هڪ جهڙو نت کري سمجهڻ سو ٺيڪ نه آهي، جڏهين اکرن کي انت جاڻجي تڏهين رام نام نت سمجهڻ ۾ اچي.

سنسکرت alphabet ۾ ١٦ اکر Vowels ۽ اکر Consonents- ٢٩ اکر ۽ ٧- اکر Dipthongs جملي ٥٢ اکر آهن.

١- ٻاوَن اکر لوڪ ترئي، سڀ ڪجهه انهي ماهِ
اي اکر کر جائگي، اوءِ اکر ان مهه ناهِ

ارٿ:- ٥٢ اکر ۽ ٣ لوڪ، انهي برهمنڊ ۾ آهن، ۽ انهن ۾ سڀ پدارٿ آهن. انهي اکر جي چٽجن تا سي (کرجاهگي) ناس ٿي ويندا، پر اهو اکر پرماتما جو دوبنت رهت، ناس ٿيڻ وارو نه آهي. سمجهاڻي:- رام- وارو ۽ ممو لکجن ٿا، وري ڍاهي ٿا چٽجن ته ناسنا کي پراپت تين ٿا. رام جو تت آهي سو ناس ٿيڻ وارو نه آهي.

٢- جهه ٻولَ تهه آچر آوا، جهه اٻولَ تهه مَنُ نه رهاوا

ارٿ:- جتي (ٻول) جاگرت ۽ سپن ۾ اسين ڳالهايون ٿا تتي اکر اچن ٿا. جتي (اَٻول) سکوپت ۾ ٻولڻ ۾ نٿو اچي، اتي من به نٿو رهي. (من آدک اَوديا ۾ ليءِ ٿي وڃن ٿا) جاگرت ۽ سپن ۾ اکر آهن ۽ سکوپت ۾ اکر نه آهن. آتما سيني اوستائن ۾ آهي.

ٻول اٻول مدِ هيءِ سوئي،
جس اوهو هيءِ تس لکيءِ نه ڪوئي

ارٿ:- (ٻول) چيتن ۽ (اَٻول) جڙ ۾ پرميشور آهي. جهڙو اُنجو سروپ آهي تنهنکي ڪو (لکيءِ) جاڻي نٿو سگهي. پرشن- پر ڀي جنن وينتي ڪئي ته جن انهيءَ کي

جاتو آهي سي ڪي ٻولين ۾ تا، يا ڪو اشارو ۾ ڪن تا؟

٣- آلهه لهڻ، تئه ڪِتا ڪهڻ، ڪهڻ ته ڪِي اُپڪارُ

ٻِنڪ ٻيائج مهه رهِ رهِئو، جاڪو تِين لوڪ ٻستارُ

ارٿ:- جن (آلهه - جو سمجهه ۾ نه اچي يعني) رام کي جاتو آهي سي ڪجهه ۾ چئي نٿا سگهن، پر جي ڪٿي چوندا ته ۾ آنيو جو اشارو ڪندا، جڏهين ڪنهن جگياسوءَ جو اُپڪار ڪرڻو هوندن؛ تڏهين به ڏيکاري اهڙي ڏيندا ته اُن جو اُپڪار ڪو نه ٿا ڪن، پر پنهنجي آنند وٺڻ واسطي ٿا چون؛ يا پرماتما جي صفت ڪندا يا پرماتما جو اُپڪار ڏسندا، جنهن مان سمجهي سگهبو؛ نرگن جي لکيه پوندي. پرشن - ڪو اشارو ۾ ته ڪريو؟

اُتر- جهڙي طرح (ٻِنڪ) ٻڙ جو وڻ اُن ٻج ۾ ماڻي ويو آهي يعني اُن ٻج کان ٿيو آهي، تهڙي طرح ٽن لوڪن جو وستار پرماتما مان ٿيو آهي. جيڪو جڳت آهي سو چيتن روپ آهي يعني پرماتما کان سواءِ ٻيو ڪونهي ”سڀ گوبند هيءِ سڀ گوبند هيءِ“

٤- آلهه لهنتا ڀيد جيءِ، ڪَهِ ڪَهِ پائئو ڀيد

آلِتِ ڀيد مَن ڀيدئو، پائئو آينگر آڇيد

اَرٿ:- جڏهن ڪجهه (ڀيد) رستو پاتو تڏهن الله

کي جاڻي ورتو ۽ (پيد) پرم (چيتي) ناس ٿي ويو. جڏهن ٻاڻي، ٻاڻيءَ ۾ ملي ويو ته جاڻڻ وارو، جاڻ ۽ جنهن کي جاڻجي سي سڀ ملي هڪ ٿي ويا.

(جڏهن ترڪتيءَ ۾ گيان، گيان ۽ گيئه) ڀيد جي طرف کان چت ورتي هٽي وڃي يعني ڀيد لهي وڃي ۽ (اينگه اڇيد) پرمانند کي پائي ورتو.

پرشن- پڇيائون ته اُن کان ڪهڙو مطلب حاصل ٿو ٿئي؟ ويد شاستر لکيا اٿن اُنهن کان پرانت تو ٿئي ٻيا ڪو پيو رستو آهي؟

اُتر- پڙهڻ کان بهتر آهي ته من کي سمجهائجي. جيڪي منجهن لکيل آهي سو من سان هنڊائجي.

٥- تُرڪ طريقتِ جانيئي، هندو بيد پُران

من سمجهاون ڪارني، ڪيُوڪ پڙهيئي گيان

اَرٿ:- ترڪن جي طريقت مان ۽ هندن جي ويدن پرانن مان اُنجي رستي کي جاڻجي ته من جي سمجهائڻ واسطي اُنهن ۾ جو مطلب رکيل آهي، گيان حاصل ڪرڻ جو ان لاءِ پڙهڻ گهرجي يعني چڱي ڪم کي گرهڻ ڪجي ۽ ٻڇڙو ڪم ڇڏجي.

پرشن- مهراج! اڪر لت آهن يا اَنت! اُنجو پوري طرح نرڻيو نه ٿيو آهي، ڪرپا ڪري اُنکي صفا کولي ٻڌايو.

٦- او انڪار آدمي جانا، لِڪهِ اُر ميٽيئي تاهِ نه مانا

نوٽ- اونڪار جو واچڪ (اڪـر) آهي تنهنڪي ميٺي سگهجي ٿو ۽ پر جو واچ (ارٿ) آهي سـو ميٺيو نٿو وڃي. جيئن رام اکر ناسونت آهي پـر رام سبد (ارٿ) جـو آهي سو سدا اٽل امر روپ آهي.

ارٿ:- اونڪار جو پرماتما آهي تنهنکي مان آد جو جاڻان ٿو يا ميان تو (پر مان برهما وشنو شو کي نٿو ميان) جاڪاڻ جو لکڻ ۽ ميٽڻ ۾ اچي ٿو يعني جو جنم مرڻ ۾ اچي ٿو ۽ تنهنکي مان نٿو ميان.

او آنڪار لکيءَ جئه ڪوئي

سوئي لکہ ميٽنا نہ هوئي

ارٿ:- اوانڪار ۽ جـو نرڱڻ روپ آهي تنهنکي جـو (لکيءَ) لکيندو سوئي (لکہ) واستو سروپ آهي ۽ اهـو کڏهن ناس ٿيڻ وارو نہ آهي.

۷- ککا ڪرڻِ ڪملِ مهه پاوا

سسِ بگاسِ سنپٽ نهي آوا

ارٿ:- ککي اکر د ٿاران سکيا ڏين ٿا ۽ اهڙي طرح هيٺ بين اکرن د ٿاران بہ سکيا ڏيندا. (۱) (ڪرڻ) ڪرٽائون سورج جون جڏهن ڪنول گـل ۾ پيئون، تـڏهين (سس) چندرما جي پرڪاش ڪري، جو او رات جي وقت (سنپٽ) بوٽجي ويو هـو سو وري کلي پيو. (۲) گـروءَ جون وچن

روپي ڪرائون جڏهن جگياسوءَ جي (ڪنول) هردي ۾ وٺون، تڏهن اُنهڪرڻ ڪنول ڦول کلي پيو.

(اُلٽا)- هاڻي وري گروءَ کي چندرما ڪري سمجهو. گرو روپي چندرما جو آهي شانت سروپ، اُن شانتي اُپديش ڪنول روپي هردي ۾ پاتو جنهنڪري تموگڻ روپي سورج جي پرڪاش تيزي ڪري (سنپٽ) مونجهارو نه ٿيندو.

اُرجي تها ڪسم رس پاوا،
اَکهه ڪها ڪهه ڪا سمجهاوا

ارٿ:- شانت روپ ردي واري جگياسو کي جڏهن (ڪسم رس) آنند ملندو تڏهن اُن آنند جو رس ڪنهن کي سمجهائي نه سگهندو.

٨- ڪکا اهيءِ ڪوڙ من آوا،
ڪوڙي ڇاڏ نه، دهه دس ڏاوا

ارٿ:- ينڪندڙ من جڏهن پنهنجي (ڪوڙ) رهڻ جي جگهه ۾ اچي ٿو، تڏهن پوءِ ڏهن ڏسائن ۾ نٿو ڀٽڪي پر دسم دئار ۾ سمائجي وڃي ٿو (ستواپتي ترڀا کي پراپت ٿئي ٿو).

خصمهه جاڻ کما ڪر رهئي، تئه هوءِ نکئهه آکهه پد لهئي

اَرٿ:- (خصمهه) پرماتما کي ڄاڻي اُنکي سدائين

ڪميا تيندي تڏهن پوءِ (نِڪتئہ پد) ناس رهت تي (اکئہ پد) امر پدوي پراپت ڪندو.

۹- ڳَڳا ڳُر ڪي بَچن پَهچانا،

دوجي بات نہ ڏرئي ڪانا

ارٿ:- جنهن گروءَ جي اُپديش کي چڱي طرح سمجهو آهي، سو ٻئي جي ڳالهہ اصل نہ ٻڌندو.

رهئي ڀهنگمہ کَبهہ نہ جائي، اَگهہ گهوئي گهہ گگن رَهائي

ارٿ:- سندس من سدا (ڀهنگم) استت رهندو؛ ڪيڏانهن نہ ويندو. من جو (اگهہ) پڪڙيو نتو وڃي اُنکي پڪڙي (گگن) جو پرڪاش روپ پرماتما آهي اُنہ (رهائي) ٺهرائي ٿو.

۱۰- گهگها گهَٽ گهَٽ نِمَسئي سوئي،

گهَٽ ڦُوٽي گهَٽ ڪَبهہ نہ هوئي

ارٿ:- هر ايڪ اُنتهڪرڻ ۾ پرماتما (نِمسيءِ) پرڪاش ڪري رهيو آهي. جڏهين هي (گهٽ) سرير ٽٽي ويندو تڏهين پرماتما کو گهٽ نہ ٿي ويندو. (جهڙي طرح پاڻي سان ڀريل دلي ۾ سورج جو پرڪاش ٿئي ٿو، پر دلو ڀڄي پوي تہ سورج گهٽ نٿو ٿئي.)

تا گهٽ مانهه گهاٽ جنهن پاوا،

سو گهٽ چاڙ اَو گهٽ ڪٽ ڏاءِ ا

ارٿ:- جنهن کي (گهٽ) دل ۾ (گهاٽ) پرڪاش ڏسي آنند آيو آهي، سو اُن آتم آنند کي ڇڏي اُوءِ (او گهٽ) اوکي رستي يعني (وشيءِ وڪارن) ۾ (ڪٽ) ڇو ويندو؟

۱۱- گنگا نگره سنيهه ڪر نروارو سند يهه،

ناهي ديکه نه پاجيئي، پرم سئانپ ايهه

ارٿ:- اندر ٻن کي (نگره) روڪي پرميشر سان (سنيهه) پريم ڪر؛ (سند يهه) سنسي کي (نروارو) دور ڪر. جڏهن ائين ڪرڻ بعد درسن نه ٿئي ته پڇي نه وڃجي يعني اُن کي ڇڏي نه، سياڻپ ته اُن ۾ آهي.

۱۲- چرچا رچت چتر هي پاري،

تجه چترئي چيتهه چترڪاري

ارٿ:- (رچت) سرشٽيءَ ۾ وڏي چترڪاري ٿيل آهي، اُنکي ڇڏي (چترڪاري) چٽ ڪڍڻ واري کي (چيتهه) ڳول.

چتر بچتر اَدئي اوجهيرا، تجه چترئي چٽ راکه چتيرا

ارٿ:- (ٻچتر) سهڻا چت (اوچهڙا) داس روپ آهن. تنهن ڪري اهي (ٻچتر) چئي (چيترا) چتن ڪيائين جو خيال ڪر.

١٣- چچا اهي چتر پٽ پاسا،

چڪ ڪي نه رهه چاڙ ڪن آسا

ارٿ:- چچي د ئاران اپديش ڏنا ڪن ته (١) چڪرورتي راجائن يا ڏن جي آسا ڪان (پاسا) الڳ ٿي رهجي. اُنهن جي آسا ڇڏي ته جيڪر ٻنهنجو پاڻ به تربت چوا رهي. (٢) پرماتما جنهن جو اٽل چتر آهي، سو تنهنجي (پاسا) پاسي آهي انکي اپيو ڪري، آسائون ڇڏي، (ڪ) ڇو (چڪ) ارٿ، نتو رهين؟

ري من ميئ تم چن چن سمجهاوا،

تام چاڙ ڪت آپ پڙاوا

ارٿ:- ري من! مان ته هر وقت توکي سمجهايان ٿو (ته پرماتما کي جاڻ). ان آنند روپ کي ڇڏي ڇو ووه به قاسين ٿو؟

١٤- ججا جم تن جيوت جراوئي،

جو بن جار جگت سو پاوئي

ارٿ:- جو منش (١) (تن) من جي (جيوت) اڳيان

کي (چراغ) جلائي ڇڏي. (٢) جراني جو ايمان رکي ڪوڙي ٻاسي لڳڻ، اُنکي جلائي؛ سو جراني جي ايمان کي (جار) جلائي پرماتما جي ڀڳتيءَ کي جاڳندو.

نوٽ:- (اَستي، ڀاتي، پريه يعني پرماتما کي رکه ۽ نام روپ يعني مايا کي جلاءِ.)

آسجرِ پرجرِ جب رهئي، تَب جاءِ جوتِ اُجارم لهئي

ارٿ:- (١) جڏهين (اَسجر) ٻاڻوت حاصل ڪيل ڏن جو پرمادي نه ٿئي، يعني ڪوڙن ڪمن ۾ نه پر چڱن ڪمن ۾ لڳائي، ۽ (پرجر) ٻئي جو ڏن ڏسي ايرکا نه ڪري ۽ نه اُنکي تکي؛ (٢) جڏهين هن لوڪ ۽ پرلوڪ جي پدارٿن جي واسنا کان اَلڳ رهي؛ (٣) جڏهين جيو جي مايا (اوديا، اگيان) ۽ ايشور جي مايا، ٻنهي کي جلائي ڇڏي، تڏهين جوتيءَ جو (اُجارَ) پرڪاش من ۾ حاصل ڪندو.

١٥- جهجها اُرجهِ سُرجهِ نهي جانا،

رهِيو جهجهڪِ ناهي پَروانا

ارٿ:- تو (اُرجهه) ڦاسڻ جاڻو پر (سرجهه) ڇٽڻ نه جاڻو. (جهجهڪ) منجهيل رهئين، اِها تنهنجي هلت (پروانا) قبول نه پوندي.

کَت جهکرِ جهکرِ اؤرن سمجهاوا،

جهگرُ کيئي جهگرو دي پاوا

ارٿ:- (ڪت) ڇاجي لاءِ (جهکر) بکواد ڪري ٻين
کي سمجهائين ٿو؟ جڏهن جهڳڙا ڪندين ٿو، توکي
جهڳڙائيءَ جو لقب ماندو.

١٦- جيجا نڪٽ جو گهٽ رهئو، ڏور ڪهان تجهِ جاءِ

جا ڪارڻ جڳ ڍونڍيئو، نيرو پائيو تاهِ

ارٿ:- پرماتما جو (نڪٽ) ويجهو انتهڪرڻ ۾ رهي
ٿو، تنهنکي (تج) ڇڏي ڪيڏانهن ٻري ڳولا وڃين ٿو؟
جنهن واسطي مون سارو جڳ ڳوليو، تنهنکي (نيڙو)
ويجهو ئي پاتم.

١٧- تنا پکٽ گهاٽ گهٽ ماهي،

کول ڪپاٽ محل ڪن جاهي

ارٿ:- انتهڪرڻ ۾ (پکٽ گهٽ) ڪئين رستا آهن
(آسري سمپٽيءَ جا)، جن ٿا روپي (ڪپاٽ) تختا جي لڳل
آهن، تنکي کولي محل ۾ (ڪن) ڇو نه ٿو وڃين؟

ديکِ آتل تِل ڪتهو نه جاوا،

رهئي لپٽ گهٽ پرچو پاوا

ارٿ:- اَتل سروپ کي ڄاڻهين ڌسندين لڌهين اُنکان (تل) هئي کيڏانهن نه ويندين، اُن ۾ (ليپ) لنبر رهندين ۽ اندرئي (پرپنڌ) آنند ملندءِ.

١٨- تنا اهي دور تگر نيرا، نيٺ نيٺ مَنُ کيٺا ڏيرا

ارٿ:- جهڙي طرح (دور نيرا) مرگهه ترشنا جو جل نگرطاڙو آهي، (تهڙي طرح هي جڳ متيا آهي). انهين سمجهي ڄگت لوڪن (نيٺ نيٺ) آهستي من کي (ڏيرا) روڪيو آهي.

جِن نَگر نَگِئا سَگا، جَگر کاوا،

سو نَگر نَگِئا نُور مَنْ آوا

ارٿ:- جن وشيه روپي نگن ساري ڄگت کي نگي کائي ڇڏيو آهي، تن نگن کي ڄگتن نگي ڇڏيو آهي، ۽ بوءِ سندن من ڪڍي اچي ويو آهي.

١٩- ڏڏا ڏَر اُپجي ڏَرجائي، تا ڏَر مهِ ڏَر رهئا سمائي

ارٿ:- ڀڪڻهين پرميشور جو خوف هن ۾ پيدا ٿئي ۽ ڀڳڪر ۾ جو ڏر پيدا وڃي؛ جڏهن ته پرميشور جي خوف ۾ جو ڏر سمائجي وڃي ٿو.

هِمَر ڏَر ڏَري ڦر ڦِر ڏَر لاڳئي،

نِڏَر دُوڻا، ڏَر اُر هوءِ ڀاڳئي

ارٿ:- جيڪڏهين هي پرميشور جو خوف نه رکندو ته هنکي جم جو ڀَپ لڳندو. جنهن جي رديءَ ۾ پرميشور جو ڀَپ نه آهي، اهو جم جي ڀَپ جو (ڀاڱيءَ) ڀاڳي ٿئي ٿو.

٢٠- ڏڏا ڏِگر، ڏُو ڏهِ ڪَٽ آڻا،

ڏونٻت هي ڏَهِ گَئي پَرانا

ارٿ:- پرميشر (ڏگر) پاسي ۾ آهي، پسوءِ ٻين هنڌ (ڪٽ) ڇو ٿيو ڳولين؟ جي اُنين ٻاهر ڳوليندا ڦرن ٿا، تن جا پِران نڪري ويا، (يعني پرميشور پراپت نه ٿين).

چڙهُ سميرِ ڏونٻِ جب آوا،

جهِ گَڙ گڙئُو سُرُ گَڙ مَهِ پاوا

ارٿ:- سمير پربت تي چڙهي ڀوليءَ جڏهن ٽڪجي موٽي آيا، تڏهين پرميشور، جنهن سرير روپي (گڙ) قلعو (گڙاٿو) بڻايو آهي، اُنکي سرير اندر ئي پاتائون.

٢١- ٽاٽا رَٽِ روُتَمُ نَر نيهي ڪَريءِ،

نا تُوئي، نا قُنِ سناچري

ارٿ:- جو جڻ ۾ (روُتَمُ) لڳي رهيو آهي سو ڪنهن سان (نيهي) پريت ڪري؟ اُن کي ڪبي (ڪام آدڪ جي اڳيان) نه نمي ۽ نه سڌين جي [لسچريءَ] جمع ڪرڻ ۾ لڳي.

ڏَنِ جنم تادي ڪو گهٽيءَ، ماريءَ ايڪهِ تاڄِ جاءِ گهٽيءَ

ارٿ:- اهڙي منش جو جنم ڏنِ آهي. جي (ايڪهِ) هڪ مهاموه کي جيتي ته پيا ڪيترا وڪار پاڻهي ڇڏي پئجي ويندا.

۲۲- تتا آتر ترِئو نهِ جائي، تَنِ تِريوٽِ مهِ رهئو سمائي

ارٿ:- هن (آتر) ڪٺن ڪان پار پئي تتو سگهجي؛ ڇو ته (تن) سوکم من کي تن لوڪن جي پدارٿن جي واسنا لڳي پيئي آهي.

جتم تِريوٽِ، تَنِ ماهِ سماوا،

تَئُ تتهِ تَتِ ملئا، سچُ پاوا

ارٿ:- جيڪا هن تريوٽ کي پنهنجي (تن) من ۾ سمائي ڇڏي ته پوءِ جيو لت سروپ آتما ۾ ملي وڃي؛ سچي سک کي پائي.

۲۳- تتا آتاهَ تاهَ نهي پاوا، اوهُ آتاهَ لهِ ترُ نه رهاوا

ارٿ:- (آتاهه) پريپورن ديو پرماتما جو (تاهه) انت پائي نتو سگهجي. اهو [آتاهه] بي انت آهي؛ هي چنچل من تر ڪري نتو وهي.

توڙيءَ ڏل تانڪ آرنيءَ، بن دي تاپهِ مندرُ تنهيءَ

ارٿ:- من توري (تل) جڳهه ۾ وڏن وڏن (ڻانڪ) محلن کي بنائي ٿو. تنهن کانسواءِ ٻي محلن کي (تنهنءِ) ڍاهي ٿو. (ڀاو- ناسونت سرير کي استر سمجهي وينو آهي).

۴۴- ددا ديکهہ جو بنسن هارا، جس آديکهہ تس راکهہ بچارا

ارٿ:- سنسار، جو توکي ڏسڻ ۾ اچي ٿو، سو ناس ٿيڻ وارو آهي. جو پرميشور ڏسڻ ۾ نٿو اچي، تنهنجو ويچار رديءَ ۾ رک.

ڏسوءِ ڏئار کنجي جب ڏيجئي،
تب ديال کو درسن کيجئي

ارٿ:- (١) جوڳ ۾- ڏسون ڏئار ۾ جڏهن پران کي روڪڻ واري کنجي ڏيندو، تڏهن ديال سروپ پرميشور جو درسن کندو.

(٢) ڀڳتيءَ ۾- جڏهن انتهکرڻ ۾ پريما ڀڳتيءَ سان چت جي ورتي لڳائيندو، تڏهن پرميشور جو درسن ٿيندو.

۴۵- ڌڌا اردهہ ارڌ نبيرا، اردهہ ارڌهہ منجهہ بسيرا

ارٿ:- جيڪڏهن (اردهہ) جيو (ارڌ) ايشور ۾ لڳي ته جيڪر جيو ايشور ۾ (بسيرا) وسي، (يعني آواگون کان ڇٽي وڃي).

اردهہ ڇاڏ ارڌ جڳ آوا، تب اردهہ ارڌ ملئا سک پاوا

ارٿ:- جيڪڏهين جيو (اَرڌهه) نيچتائي جي خيال کي ڇڏي (اُرڌهه) ايشور جي پراپتيءَ جي اوچي ساڌن (ديوي سمپراگڻ) ۾ لڳي، ته جيو ايشور سان ملي (جيون مڪتيءَ جو) سک پائي.

۲٦- تنا نس ڊِن نرڪت جائي، نرڪت نمِن رهي رتوائي

ارٿ:- رات ڏينهن (پرميشور جي راه ڪي) (نرڪت) ڏسندي گذري ويا آهن؛ ڏسندي ڏسندي نيتر (رتوائي) لعل ٿي ويا آهن.

نِرڪت نِرڪت جب جاءِ پاوا،

تب لي نِرکهِ نِرکهِ مِلاوا

ارٿ:- (نرڪت) ڏسندي ڏسندي يعني پريم ڪندي جڏهين (جاءِ) اَنتهڪرن ۾ پراپت ٿيو، تڏهين (نرکهه) جگياسوءَ کي (نرکهه) پرميشور پاڻ ۾ ملائي ورتو.

۲۷- پيا آپر پار نهي پاوا، پرم جوت سنگهه پرچئه لاوا

ارٿ:- جنهن جو آد اَنت نٿو پائلو وڃي، تنهن پرم جوتيءَ سان يگتن (پرچئه) پريم سان ميل ڪيو آهي.

پانچئه اندري نِگرهه ڪريءَ،

پاپ پُن دوئو نِروِرئي

ارٿ:- انهن پنجن گيان اِندرين کي (اگرهه) قابو

ڪيو آهي ۽ (پاپ پُن) شُڀ ۽ اَشُڀ ڪرم ٻنهي جي اَيمان ڪي (نروڙئي) نياڳيو آهي.

٢٨- ڦَڦا ٻِن ڦُوِلهِ ڦُلُ هوئي،

تا ڦُل ڦَنڪ لڪيءِ جَنْم ڪوئي

ارٿ:- جنهن وقت وڻ ۾ ڦل ٿئي ٿو ته ڪل ڇٽي وڃي ٿو، جو اُٻين ڇاڻي ٿو سو (ڦل ڦنڪ) گيان روپي ڦل (لڪيءِ) حاصل ڪري ٿو.

ڊوُڙ نه پريءِ ڦَنڪ ٻچاريءِ،

تا ڦَل ڦَنڪ سيءِ تَن ڦاريءِ

ارٿ:- جي (ڦنڪ) گيان جو توري ماتر ٻي ويچار ڪري ته (ڊوڙ) چوراسيءَ جي چڪر ۾ يا دوئيت ۾ نه ٻوندو، پوءِ اهو اگيان روپي ڦل، (يعني ترپا اوستا جو گيان) سر ٻر جي سيئي ڪريمان ۽ سنچت ڪرمن ڪي ناس ڪندو، (يعني سيئي جنمن کي ڪاٽي ڇڏيندو).

٢٩- ٻبا ٻِنده ٻِند مِلاوِ، ٻِنده ٻِنِ نه ٻِڇُڙن پاوا

ارٿ:- (ٻند) برهم جنهنجي هي جيو (ٻنده) ٻوند آهي، تنهن سان ملائي ڇڏيندين، ته هيءُ ٻوند ٻونداري پرميسر سان ملي، وري اُن کان نه وڇڙندي.

ٻَنده هوءِ ٻند گي گهيءِ، ٻندڪ هوءِ ٻند سڌِ لهيءِ

ارٿ:- پاڻکي ٻندو سمجهي ٻندگي ڪري. جڏهين (ٻندڪ) ٻندگي ڪرڻ وارو ٿيندو، تڏهين (ٻند) پرماتما اُهي خبر لهندو.

٣٠- ٻيا ٻيدهِ ٻيد مِلاوا، آپ ٻُئہ ٻان ٻروسَہ آوا

ارٿ:- ٻيي دئاران ٻيدکي ناس ڪري، پنهنجي جيو کي (ٻيد) ايشور سان ملائي. هاڻي ٻوپ کي (ٻان) ناس ڪرڻ واري جو ٻروسو اچي ويو.

جو ٻاهر سو ٻيتر جانئا، ٻئہ ٻيد ٻوُٻت پهچانئا

ارٿ:- جيڪو ٻاهر سمجهيو هوم تنهنکي آندر جاتم. اُنجو (ٻيد) ڳجهه يعني رستو ملي ويو پوء (ٻوُٻت) پرميشر جي پڇان ٿيم.

٣١- مما موُل گهِئا مِن مانئي،

مرمي هوء سہ مَن ڪئہ جانئي

ارٿ:- جڏهين (موُل) آسري روپ پرماتما کي (گهٽا) گرهڻ ڪيو، تڏهن من (مانئي) مڃي رهيو. جو (مرمي) واقف هوندو، سوئي من کي جاڻندو.

مَتَ ڪوئي مَن مِلتا بِلماوئي،

مَگن ٻئا تي سو سَچہ پاوئي

ارٿ:- متان ڪو من ڪري پرميشر سان ملڻ ۾ (ٻلماويءَ) دير ڪري. اُن ۾ مگهون ٿيندو ته جهڙو سک چاهيندو تهڙو پائيندو.

٣٢- مما مَن سِئُن ڪاجُ هيءِ، مَن ساڌي سِڌ هوءِ

مَن هي مَن سِئُن ڪهيءِ ڪبيرا مَن سامِئا نڪوءِ

ارٿ:- من سان ئي ڪم آهي. من کي ساڌڻ سان سڌي ملي ٿي. سري ڪبير صاحب جن فرمائين ٿا ته (١) جڏهين من جي اُپوترتائي دور ٿي، تڏهين من (سا) جهڙو متر ڪو نه مليو. (٢) جيو خود پاڻ چوي ٿو ته من جهڙو صلاحڪار مونکي ڪو نه مليو.

٣٣- اِهُ مَن سَڪتي، اِهُ مَن سيئُن،

اِهُ مَن پنڇ تَت ڪو جيئُن

ارٿ:- اِهو من جڏهين مايا سان مليو تڏهين (سڪتي) مايا روپ ٿي ويو. جڏهن پرميشور سان مليو تڏهين (سيئُن) پرميشور روپ ٿيو. اِهو من پنجن تتن سان ملي ڪري ٥ تتن جو جيورو بڻيو.

اِهُ مَن لي جَئُن اُنمن رهيءِ،

تَئُن تِين لوڪ ڪي ٻاتيءِ ڪهيءِ

ارٿ:- اُن من کي مايا کان (اُنمن) هٽائي جڏهين

پرميشر ۾ لڳائي ته ٽن لوڪن جون خبرون ٻڌائي سگهي.

٣٤- ييا چڙهه جاڻهه، ٽئه درمت هن،

ڪر بس ڪائنا گاهه

رط روتئه ياچي نهي، سڙ ره تارو ذاهه

ارٿ:- جيترو تي سگهي اوترو (درمت) کوٽي مت کي (هن) ناس ڪر؛ سرير روپي (گاهه) ۾ پيئي واسنا کي پنهنجي (بس) وس ۾ ڪر. توسان (رط روتئه) جنگ ۾ قاتل يعني ڪام آدي، تنکي (ياچي نهي) پڻي ڏيئي نه پيچ ته پوءِ تنهنجو نالو (سورمو) سورمو ٿيندو.

٣٥- رارا رس نرس ڪر جاڻئا،

هوءِ نرس سه رس پهچاڻئا

ارٿ:- هي جيوا جو پچن جو رس آهي (يعني پرماتم رس) اُنکي تو رس سمجهيوئي ڪين، پر جو وشيءَ وڪار جو رس آهي، تنهنکي تو رس ڪري سمجهيو.

اهه رس ڇاڏي، اُهه رس آوا،

اُهه رس پيئا، اهه رس نهي پاوا

ارٿ:- جڏهين دنيا جو رس ڇڏيندو تڏهين آنترمکتا جو رس ايندو. پچن جي آنند جو رس جڏهن پيئندو، تڏهين دنيا جو رس هنکي وڻندوئي ڪين.

٣٦- لالا آئسي لوَ مَنَّ لاوي،

اَنَتُ نہ جاءِ، پَرم سَچِہُ پاوي

ارٿ:- من کري اهڙي لنو لڳائي جو من (اَنت) ٻئي پاسي نہ وڃي، تڏهين ئي سچي سک کي پائيندو.

آر چئہ تهان پريرلوَ لاوي،

تئُہ آلهہ لهي، لہہ چَرن سَماوي

ارٿ:- ۽ جڏهين پرير سان ورتي لڳائيندو تہ پرماتما جو نہ لکني جوڳہ آهي، اُنکي لهي چرنن ۾ سمائجي ويندو.

٣٧- وِوا ٻار ٻار ٻِشن سنمار، ٻِشن سنمار نہ آوي هارِ

ارٿ:- وري وري وشنوءَ کي (سنمار) ياد ڪر. ائين ڪرڻ سان تنهنجي ڪٽي ۾ هار نہ ٿيندي.

ٻَل ٻَل جي ٻِشن تَنا جَسُ گاوي،

وِشن ملي، سَبِ هي سَچہ پاوي

ارٿ:- مان ٻلهار آهيان اُنهن (ٻشن تنا) وشنوءَ جي پٽرن يعني سنتن تان جي اُنجو جس ڳائين ٿا. اُنهنکي وشنو ملندو ۽ سچو سک پراپت ٿيندو.

٣٨- واوا واهي جانيي، وا جاني اهہ هوءِ

آهُ آر اوهہ جب ملي، تَب ملت نہ جاني ڪوءِ

ارٿ:- جيو کي جاڻي يا پرماتما کي جاڻي (اهو) هي جيو ۽ (اوهو) پرماتما جڏهن ملندا تڏهن کو کونہ جاڻندو تہ کو هي جيو آهي ۽ هو پرماتما.

٣٩- سَسا سونِيڪا کَر سوڌھُ،

گھٽ پَرچا کي بات نِروڌھُ

ارٿ:- اُن پرماتما کي چڱي طرح (سوڌه) جاچي ڏس (تہ ڪٿي تو ملي) جنهن هردي ۾ اُنهي (پرچا، جاڻ پڇاڻ ٿئي، اهڙي سکيا کي (نروڌھ) پکو ڪر.

گھٽ پَرچيءَ جَنھُ اُپجيءَ ياءُ

پُوُر رهِئا تھ تِريُوڻ راءُ

ارٿ:- جڏهين هردي ۾ اُنهي پڇاڻ ٿيندي تڏهين (ياءُ) پريم لڳندو. پوءِ ائين معلوم ٿيندو تہ پرماتما ٽنهي لوڪن ۾ پورن ٿي رهيو آهي.

٤٠- ڪڪا ڪوجِ پريءَ جَنھُ ڪوئي، جو ڪوجيءَ سو بهرِ نہ هوئي

ارٿ:- پرماتما جي ڳولا ۾ جو پوندو سو اُنکي ڳولي لهندو ۽ هو وري جيو ياو کي پراپت نہ ٿيندو.

ڪوجِ بُوجهِ جَنھُ ڪَريءَ بيچارا،

تَنھُ پُوَجال تَرتَ نہ لاويءَ بارا

ارٿ:- اُنھيءَ ڳولا واسطي جو ڀڄي ڪري وڃار ڪندو تنھنکي سنسار روپي سمدر مان پار لنگھڻ ۾ (پارا) وِيرم نہ لڳندي.

١٤- سَما سِو شُڌ سيڄ سَواريءَ،

سوئي صَحي سَندِيھ نِواريءَ

ارٿ:- جا جيو روپي استري پتي پرماتما واسطي اُتڪرش روپي سيڄا کي (سنواري) صفا ڪندي، سا (سنديھ) سنسا (نواريءَ) دور ڪري ڇڏيندي پوءِ اُنکي درسن ٿيندو.

آلَپ سُکَ چاڏِ پَرم سُکَ پاواءِ

تَب تِريئَ اوڙِ ڪَنتُ ڪَھاوا

ارٿ:- جڏھن وڪارن جي (آلپ) ننڍي سک کي ڇڏي، تڏھن پرماتم رس کي پائي ۽ پوءِ اھا جگياسو روپي (ترِيئہ) استري پرماتما کي پنھنجو (ڪنت) پتي چوائيندي.

٢٤- ھاھا ھوت ھوءِ نَھي جانا، جَب ھي ھوءِ تَبھِ مَنُ مانا

ارٿ:- توکي (پرميشر جو روپ) ڄاڻو ھو پر تو نہ ڄاتو. جڏھن اُنجو روپ ڄاڻندين، تڏھن تنھنجو من پرميشر کي مڃي رھندو.

ڏيءِ تنهه صحي لکيءِ جنهه ڪوئي،

تب اوهي اُهه ايهه نه هوئي

ارٿ:- آهي نه برابر ايشور روپ، پر جڏهين اُنکي جاڻي ۽ پوءِ اُهوئي رهندو ۽ جيوت ڀاءُ نه رهندس.

٤٣- لنهه لنهه ڪرت ڦريءِ سڀ لوڳ،

تا ڪارڻ ٻيا پيءِ ٻهه سوڳ

ارٿ:- سڀ آدمي (لنهه لنهه) موه ڪري پدارٿن پنيان پيا ڦرن، انهي ڪري ٿي مها ڏکي ٿا ٿين.

لکمي ٻر سنهه جنهه لنهه لاويءِ،

سوڳ مٽيءِ سڀ هي سک پاويءِ

ارٿ:- (مايا ۾ پريتي ڪرڻ ڪان) اُهوئي (لکمي ٻر) لڇميءَ جي سواميءَ سان (لنهه) ورتي لڳائي ته ساڙو ۽ شوڪ متندس ۽ سڀ سک ملندس.

٤٤- ڪڪا ڪرت ڪپٽ ڳئي ڪيتي،

ڪرت ڪپٽ جهون نهه چيتي

ارٿ:- ناسونت پدارٿن ۾ پنهنجي ٿي يعني لڳي ڪري ڪيترا هليا ويا. هن وقت به ناسونت پدارٿن ۾ ڪيترا لڳا پيا آهن، هو اچا به نتا سمجهن.

آپ جگر جان جنم منا رهئي،

جيه کا بچرا تهه تر لهئي

ارٿ:- هاڻي ته جي (منا) من کري جگت کي ناس روپ جاڻي، ته پوءِ هو جنهن کان وڇڙيو آهي تنهن کي پائيندو.

۵۲- باون اکر جوڙي آن، سڪيا نه اکر ايڪ پڇان

ارٿ- سنسار ۾ لوڪ (باون) ۵۲ اکر جوڙين ٿا، پر انهن مان هڪ اکر (يعني واستو روپ پرماتما کي) نٿا ڄاڻن.

ست کا شبد ڪبيرا ڪهئي،

پنڊت هوءِ سو آنيهه رهئي

ارٿ:- ست جو اپديش سري ڪبير صاحب جن چون ٿا ته جو (پنڊت) وچاروان هوندو سو (انيهه) گيانوان ٿي رهندو (۲) يا جنم مرڻ کان (انيهه) نريهه ٿيندو.

پنڊت لوگهه ڪئه بيوهار، گيانونت ڪئه تت بيچار

ارٿ:- پنڊت لوگ اکر پڙهن ٿا وهنوار واسطي (اءِ نه پرماتما کي ڄاڻڻ واسطي)، گيانوان انهن اکرن سان تت جو وچار ڪن ٿا، (ته پرماتما ڇا آهي ۽ جيو ڇا آهي).

جا کيءِ جيئڙ جئسي بڌ هوئي،

کَهُ ڪبير جانئگا سوئي.

ارٿ:- سري ڪبير صاحب جن فرمائين ٿا ته جنهن جيو آتما جي جاڳڻ جو وچار تيئو آهي، سوئي پرماتما کي ڳولي لهندو.

ايڪ اونڪار ست گور پرساد

راڳ گوڙي ٿتي ڪبير جي کي

سري گرو ارجن ديو سري ڪبير صاحب جي ياد کي وٺي کري ٿتين ۽ وارن ذارن اُپديش ڪن ٿا ته ٿت ايکر آدک ڀريائين شروع ٿي ٿڌهين بہ پرماتما هو ۽ جڏهين پوري ٿي ٿڌهين بہ آهي، يعني ٿتيون وارون ناسونت آهن پر پرماتما نت آهي. سو جڳت کي انت سمجهڻ ۽ ايشور کي ايڪ رس سمجهڻ گهرجي.

١- سلوڪ- پندرهن ٿتي سات وار،

کَهُ ڪبير اُروار نہ پار.

ارٿ:- ١٥ ٿتيون ۽ ٧ وارون اچڻ وڃڻ وار يون آهن. سري ڪبير صاحب جن چون ٿا ته پرماتما بي انت، اکنڊ جوت روپ آهي.

ساڌ ڪ سڌ لکيءِ جئڙ ڀيئڙ آپي ڪرتا آپي ديئڙ

ارٿ:- جگياسو، گرو لوڪ، جيڪو بہ اُن پَد کي
ڄاڻي ٿو سوئي پرماتما کي ديو روپ ڪري ڄاڻي ٿو.

ٿٿي - اَماوسَ مِهِ آس نِوارِ، اَنترِ جامِي رام سمهارِهُ

ارٿ:- جگت جي آسا يعني وڌنوار جو (نوارِڻ) سنڪوچ
ڪري، (اَنتر جامِي) گهٽ گهٽ جي ڄاڻندڙ رام جو
(سمارِهہ) پوڄن ڪريو.

جيِوت پاوهُ موکہ دُئارَ، اَنڀوُ شَبد تتُّ نِجُ سار

اَرٿ:- جو پوُ ڪان رهت ٿي يا اَنڀوُ سان (شبد) اُپديش
ڪمائي (تَت) واستو سروپ (سار) سدانت کي ڄاڻندو،
سو جيئري ئي گيان جي پراپتي ڪندو.

چَرن ڪَمل گوبند رنگُ لاگا،

سنت پرساد ڀئي مَن نرمل،
هرِ ڪيرتن مهِ اَن دِنْ جاگا (اک رہاؤ)

ارٿ:- پرماتما جي ڪنول چرنن پر (رنگہ) پريم لڳندو
۽ سنت جي ڪرپا سان من نرمل ٿيندو، ۽ هري پرماتما
جي جس ڳائڻ پر رات ڏينهن ساوڌان رهندو.

٢- پروا پريتم ڪرهُ بيچار، گهٽ مهِ کيلہ اگهٽ اَپار

ارٿ:- (پروا) ايڪم جي ڏينهن پنهنجي پريتم جو

وچار ڪريو ته پرماتما اسانجي هرديءَ ۾ ڪيئن رهيو آهي،
هو هر ايڪ جڳهه ۾ آهي ۽ بي انت آهي.

ڪالَ ڪَلپنا ڪَدي نه ڪاءِ، آد پُرکَ مهه رهيءَ سماءِ

ارٿ:- (ڪال) وقت جي ڪلپنا ڪڏهين به ڪوڪي نه ڪائيندي، (يعني اڄ اماوس گذري ويئي ۽ مون فلاڻو ڪم ڪين ڪيو) ۽ آد پرک ۾ سمائجي وينديئن.

٣- دُتيا دُهر ڪر جاڻي انگُ، مائيا برهم رمي سڀ سنگُ

ارٿ:- دتيا تت دئاران اُپديش ڏين ٿا ته سر ٻه ٻه ڀي جاڻي، هڪڙي مايا ۽ ٻيو برهم (مايا اَست ۽ برهم ست). برهم سڀ ۾ رمي رهيو آهي.

نا اوهُ بڌي نه گهٽتا جاءِ، اَڪُل نرنجن ايڪي ڀاءِ

ارٿ:- اُهو نه وڌي ٿو ۽ نه گهٽجي ٿو. ڪلپنا ۽ مايا کان رهت ۽ (ايڪي ڀاءِ) هڪ سڀاءُ وارو آهي.

٤- ترتيا تيدي سم ڪر لياوي،

آنند مُولُ پرم پدَ پاوي

ارٿ:- ترتيا دئاران (١) اِڙا، پنگلا ۽ سکمنا (٢) ٽي ديوتا. برهما، وشنو ۽ شو. (٣) ڪرم، اُپاسنا ۽ گيان (٤) رجو، تمو ۽ ستو، اِنهن ۾ ٻڌي يا ورتي ساڳي ڪري، يعني هڪ روپ سمجهي. ائين ڪرڻ سان آنند جي نديءَ ۽ پرم پد کي پائيندو.

ساڌ سنگتِ اُپجئي بسواسَ، باهر ڀيتر سدا پرڪاس

ارٿ:- سنتن جي سنگ ۾ وشواس ٿئي يعني سنتن جو سنگ ڪري ته، سدائين اندر باهر پرماتما جو پرڪاش رهندو.

٥- چوٿم چنچل مَن ڪءِ گهيرُ

ڪام ڪروڌ سنگِ ڪبهُ نه ٻيهُه

ارٿ:- چنچل من کي (گهير) روڪ. ڪام ڪروڌ جي وس نه ٿيءُ.

جَل ٿَل ماهي آپهِ آپَ، آپئي جپهُ آپنا جاپَ

ارٿ:- ٻوءِ سڀ هنڌ (آپهِ آپ) پرميشور وياپڪ معلوم ٿيندو، ۽ پاڻ نام جپڻ ۾ لڳو رهندو.

٦- پانچئي پنچ تت بستار، ڪنڪ ڪامني جُڳ بيوهار

ارٿ:- پنجن تتن جو وستار آهي. (ڪنڪ) سون ۽ (ڪامني) استري يا جڙ ۽ چيتن مايا جي وهنوار ۾ سڀ لڳا پيا آهن.

پريم سُدا رَسُ پيوئي ڪوءِ، جرا مرڻ دُک ڦيرِ نه هوءِ

ارٿ:- پريم روپي (سدا رس) امرت رس ڪو ورلو تو پيئي. جيڪو پيئندو انکي ٻڍاپي ۽ جنم مرڻ جو دک نه لڳندو.

۷- چِتَ کَتُ چَکَرَ چَھوَنِ دَسِ ڈاءِ،
بِنُ پرچيءَ نهي تِرا رَهاءِ

ارت:- (کت) ڇهن چڪرن وارو سر بر (يعني ۵ گيان اندرين ۽ من)، ڇهن ڏسائن ۾ ڊوڙي رهيو آهي. (پرچيءَ) نام ۾ لڳڻ کانسواءِ تر نه رهندو.

دُبِدا ميتَ کِما گَهِه رَهُه،
کَرِم ڌَرِمَ کي سوُلَ نَه سَهُه

ارت:- جڳت ۾ بِدَ (يا تنهنجو مُنهنجو) کي هٽائي ۽ ڇميا رکي; ته هنکي کرم ۽ ڌرم جي (سول) تڪليف نه ٿيندي.

۸- ساٽڪن سَتَ کَرِ باچا جاڻِ، آتمِ رامُ ليهُه پرواڻِ

ارت:- اِهي (باچا) وچن ست ڪري ڄاڻ. آتمارام، جو رمي رهيو آهي تنهنکي (پرواڻ) نسچي ڪر.

ڇُوٽيِ سَنسا مِتَ جاهِ دُکِ، سن سَرووَرِ پاوهُ سُکِ

ارت:- پوءِ سنسا ۽ دک سنسار جا سڀ مٽي ويندا ۽ (سن سرووَر) اڪر آنند جي سمدر جو سک ملندءِ.

۹- آشتمي آشتَ ڌاتُ کي ڪائِئا،
تا مِهِ آکُل مَها نِدَ رائِئا

ارٿ:- ۸ ڌاتو - ۴ ڌاتو ماتا جون - مڄ، ناڙي، چربي ۽ لوھو؛

۽ ۴ ڌاتو پتا جون - روم، ھڏ، ماس ۽ ويرج

اِنھن اٺن ڌاتن جي ڪايا ۾، ڪاپڙا رھت ۽ وڏين نڌين جو مالڪ يعني پرماتما آھي.

گُر گم گيان بتاوئي ڀيد، اُلٽا رھئي آپنگر آڇيد

ارٿ:- گروءَ جي گيان ملط سان ڀيد جي ست پولٽي، تڏھين ھن سرير ڪان من کي اُلٽائي ڇڏيندين ۽ آڇيد پرماتما ۾ رھندين.

۱۰ - نؤمي نوئي دئار ڪُر ساڌ، ٻھتي مَنسا راکھ ٻاڌ

ارٿ:- نون دئارن کي (ساڌ) روڪ، ۽ (ٻھتي) ڊوڙندڙ (منسا) واسنا کي قابو ڪري ٻڌ.

لوڀ موھ سڀ ٻيسر جاھ،

جُگ جُگ جيوھُ آمر ڦل کاھُ

ارٿ:- لوڀ ۽ موھ سڀ وسري وڃن، ۽ امر قل کائي سدائين جيئرو رھين.

۱۱ - دسمي دھ دِس ھوءِ آنند، ڇوٽئي ڀرم ملئي گوبند

ارٿ:- ڏھن ڏسائن ۾ پرماتما جي ڀڄن جو آنند ٿيندو. ڀرم دور ٿيندو ۽ گوبند ملندو.

جوتِ سَروُپي تَت آنوپ،

آمل نہ مَلن، چاھَ نَھي ڏوپ

ارت:- جوت سروپ پرماتما جنهنجي (آنوپ) اُپما ڪئي نٿي وڃي ۽ جو مَل کان رھت ۽ (چاھ نهي ڏوپ) ستوگڻي ۽ تموگڻي نہ آھي، يعني ايڪ رس آھي.

٢ر- ايڪا دسي ايڪ دِس ڌاوئي،

تَہ جوني سَنڪٽ ڦِرِ نہ آوئي

ارت:- اُن ھڪ طرف ڌيان ڏوري ۽ نہ وري جنم مرڻ ۾ نہ اچي.

سيتَل نِرمَل ڀئِيا سَريرا، دور بَتاوَت پائِيا نيرا!

ارت:- سر ۾ سيتل ۽ مَل رھت ٿئي، نہ جل، جو پري بدوئي، سو (نيرا) ويجهوئي حاصل ٿئي.

٣ا- بارِس بارھ اُگوئي سوُر، اھ نس باجي آنھد توُر

ارت:- بارھن راسين جو (سور) سورج تنهنجي آنتهڪرن ۾ (اُگوئي) پرڪاش ڪندو ۽ ڏينهن رات (اَنھد توُر) اَنند جي ڌن وڄندي.

ديکِئِيا تِھوُن لوڪا پيئہ، اَچرج ڀئِيا جيوَتي سيئہ

ارت:- تنهي لوڪن جو پتي پرماتما جو درشن ٿيندو ۽ اسچرج ٿيندو ۽ جو جيو مان (سيئہ) ايشور ٿيندو ۾.

١٤ - تيرس تيرهه آگم بکاڻ، آرٿ اُرٿ بچهه سمپهچاڻ
اَرٿ :- ۹ وياڪرن ۽ ۴ ويد يا ٦ شاستر، ۴ ويد ۽ ۳ ديوتا ۽ انهن ڏنل آگم جي (بکاڻ) وياکيان ڪندو. (آرٿ اُرٿ) هن لوڪ ۽ پرلوڪ، يا جيو ۽ ايشور کي هڪجهڙو ڪري سمجهندو.

نيچ اوچ نهي مان آمان، بياپڪ رام سگل سامان
اَرٿ :- بوءِ نيچ اوچ پاڻونا نه رهندي ۽ مان اپمان جو خيال نه ڪندو ۽ وياپڪ رام کي سڀ جڳهه ۾ (سامان) هڪجهڙو ڄاڻندي.

١٥ - چوڏس چوڏهه لوڪ مجهار، روم روم مهه بسهه مُرار
اَرٿ :- ست هيٺيان لوڪ ۽ ست مٿيان لوڪ آهن. جيون جي روم روم ۾ مراري وسي ٿو.

ست سنتوکه ڪا ڌرهه ڌيان،
ڪٿني ڪٿيئي برهم گيان
اَرٿ :- سچ ۽ سنتوش جو چت ۾ خيال ڪريو ۽ ڪٿن اهو ڪريو جنهن ۾ برهم گيان يا اُپڪار جي بات هجي.

١٦ - پُوئمه پورا چند آڪاس، پسرهه ڪلا سهج پرڪاس
اَرٿ :- اهڙو پورن ٿي رهيو آهي جهڙو پورنما جو

چنڊ. جئن چندرما جي ڪِرڻا سانت روپ آهي تئن (سهج پرگاس) پرماتما جو پرڪاش سڀ جڳهه ۾ پسري رهيو آهي.

آد اَنت مڌِ هوءِ رهِئا تير، سڪر ساگر مهِ رمهِ ڪبير.

اَرٿ:- سري ڪبير صاحب چون ٿا ته اڳياري پڇاڙي ۽ وچ مان (تير) اِستت ٿي رهيو آهيان ۽ سنت جن ۽ مان پرم آنند وٽي رهيا آهيون.

ايڪ اونڪار ستگر پرساد

راڳ گؤڙي وار ڪبير جيءُ ڪي شبد (١)

[وارن ڏنهارن پرميشر جي يگتي ڪرڻ بابت

ورنن ٿا ڪن.]

١- بار بار هرڪي گُن گاوئو،

گُر گم بيڌ سُ هرڪا پاوئو (ايڪ رهاءُ)

اَرٿ:- (بار بار) هر وقت هريءَ جا گڻ ڳايو. گروءَ جي سرن ۾ وڃي هريءَ جو بيد پايو.

آدِت ڪريءِ يگت آرنڀ، ڪائئا مندر منسا ٿنڀ

اَرٿ:- (آدت) آرتوار ڏنهاران اُپديش ڪن ٿا ته منش يگتي شروع ڪري. سرير روپي مندر ۾ مَن جي واسنا کي (ٿنڀ) روڪي رکي.

آهنس اکنڊ سُرهي جاءِ، تئُ انهد بيڻ سهج مهِ باءِ

اَرٿ :- ڏينهن رات (اَکنڊ) ايڪ رس سروپ پرماتما جي ڌيان ۾ (سرهي) ورتيءَ کي لڳائي. اهو هرجن(١) ائين ڪرڻ سان (آنهد ٻيڻ) آنند ڏيڻ وارو ٻاجو آهي سو (سهج) شانتيءَ ۾ (ٻاڄ) وڄائيندو يعني ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موهه ۽ اَهنڪار نه ٿيندس. (٢) چت جي ورتي روپي ٻنسريءَ کي شانت پد ۾ (سرهي=سرهي جاءِ) لڳائيندو.

٢- سومَوارِ سسِ اَمرتُ جهرَيءِ،

چاکت ٻيکِ سگل ٻکهِ هريءِ

ارٿ :- سوُموار ۾ (سس) چندرما جي ڪرڻا سان امرت کي (جهريءِ) وٺي ٻا پرماتما شانت سروپ جو ڌيان ڪري شانت روپ ٿئي. پوءِ اها شانتي جلدئي ساري دک جنم مرڻ جي کي (ٻا وشيءِ وڪار) کي ناس ڪري ڇڏيندي.

ٻاڻي روڪِيا رهيءِ دُئار، تئُ منُ متوارو پيِونهارَ

اُرٿ :- واڻي آدڪ جي دئار آهن تنکي روکي رکي (يعني جڏهن چوڻ جو ضرور ٿئي تڏهن چوي) ته پوءِ اهو شانتي روپي اَمرت پي (متوارو) مست ٿيندو.

٣- منگل واري ليِ ماهيتُ، پنچ چور کي جاڻيءِ رِيتِ

اَرٿ :- منگل وار تي مهاتما جي (ماهيت) سکيا وٺي ۽ پنج ڪام آدڪ چورن جي وس ڪرڻ جي ريتي سمجهي.

گھر ڇوڏين ٻاھر جن جاءِ، ناتو ڪرا رِسيءَ ھيءَ راءِ

اَرٿ:- اَنترمک ورتي ڇڏي ٻاھر (جن) نہ وڃ (ناتو) جيڪڏھن ائين نہ ڪندين تہ مالڪ پرميشر ڪاوڙ ڪندو.

٤- ٻڌ وار ٻڌ ڪريءَ پرڪاس،

ھِرديءَ ڪمل مھِ ھَرڪا باسَ

اَرٿ:- جنھن ٻڌي نرمل ۽ پرڪاش واري تنھن تنھن جتن ڪري، ردي ڪمل ۾ پرميشر جو واسو آھي (اُنجو ڌيان ڪري).

گُرمل دوئو ايڪ سر ڌريءَ،

اُرڌ پنڪ ليءَ سوڌا ڪريءَ

اَرٿ:- گرن سان ملي گرن ۽ پرميشر ۾ ھڪ سمان ورتي ڪري ھردي روپي اُلٽي تيل (پنڪ) ڪمل کي سڌو ڪري يعني پرميشر جي پاسي ڪري.

٥- برِھسپت بِکما ديئہ ڀاءِ، تين ديو ايڪ سنگہ لاءِ

اَرٿ:- ورھسپت د ثاران سکيا ڏين تا تہ اندر جي وشين کي (ديئہ ڀاءِ) الگہ ڪري تن ديون ۾ جا چيتن ستا آھي اُنکي ھڪجھڙو سمجھي (يعني ييد ٻڌيءَ کي ماري ڇڏي.)

تيِن ندي تهِ ترڪُٽي ماهِ،

آهنس ڪَسمل ڌوُوهِ ناهِ

اَرٿ:- اڙا، پنگلا ۽ سُکمنا کي، ترڪٽيءَ ۾ (يعني جتي سندن ميل آهي) اِسٿت ڪري يا گنگا، جمنا ۽ سرسوتي يا ڪرم اُپاسنا ۽ گيان ٻڌ جو ترڪٽيءَ جو سنگم آهي، اُن ۾ اِسٿت ٿئي، ست سنگ روپي نديءَ ۾ اِشنان ڪري ۽ ڏينهن رات (ڪسمل) پاپن کي ڌوئي.

٦- سُڪرت سهاريءِ، سُر اِهه برت چڙئي،

اَن دِن آپَ آپِ سُئر لڙئي

اَرٿ:- شڪروار ڌ ڻاران اُپديش ته نسڪام ڪيل ڪرم جي پيچ کي سهاري (يعني اُن جو اُهنڪار نه ڪري) ته (اِهه برت چڙئي) ترڪٽيءَ کي پهچندو. رات ڏينهن پاڻ اُئي پاڻ سان لڙندو رهي (يعني من کي روڪي).

سُرکي پانچهُ راکيءِ سڀئِ،

تئُن دُوجي دِرشٽ نه پسيءِ ڪبهئِ

اَرٿ:- (سرکي پانچهُ) پنجن ئي گيان اِندرين کي روڪي رکي يا پرماتما جو روپ ڏيکاري ته پوءِ (دوجي درشٽ) ڪو ٻي خيال ۾ ڪڏهن ڪين پوندو.

٧- ٿاور ٿِرُ ڪَرِ راکيءِ سوءِ،

جوت دي وَتي گَهٽ مَهِ جوءِ

اَرٿ:- چنچل دُنياران اُپديش ته (سوءِ) من کي (ٿِر) روکي رکي. پرميشر جي (جوت دي وتي) چيتن ستا کي پنهنجي هردي ۾ (جوءِ) ڏسي يا اُن ۾ پنهنجي ورتيءَ کي لڳائي.

باهر ڀيتر ڀيئا پرگاسُ، تَب هُوئا سگل ڪَرم ڪا ناسُ

اَرٿ:- جڏهن باهر اندر پرڪاش اسچه ڪندو تڏهن سڀ ڪرم جو ڦل ناس ٿيندس.

٨- جَب لَگُ گَهٽ مَهِ دوجي آنَ،

تَبُ لَبُ مَحلِ نه لاڀيءِ جانَ

اَرٿ:- جيستائين هنجي ردي ۾ ٻي واسنا آهي تيستائين هو (محل) سو سروپ کي پائي نه سگهندو.

رَمَت رام سِئُن لاگو رنگُ، ڪَهِ ڪبير تب نِرمل آنگُ.

اَرٿ:- سري ڪبير صاحب جن فرمائين ٿا ته جڏهن رام جو (رمت) رمي رهيو آهي اُن سان (رنگ) پيار ڪندو تڏهين هنجو (انگ) سوکم سرير نرمل ٿيندو.

ايڪ اونڪار ستگر پرساد

راڳ گوڙي چيتي ٻاڻي نامديو جيءَ ڪي

[نام جپڻ سان تري پار پوڻ لاءِ اُپديش]

١- ديوا پاهن تاريئلي،

رام ڪهت جن ڪس نه تري (اڪ رهاءُ)

اَرٿ:- (١) رام پٿرن کي به تاريو آهي، ته جو رام نام جپيندو سو (ڪس نه) ڇو نه پار پوندو. (٢) پٿر جي ديو پرشرڌا، ڀڳتن کي تاريو آهي ته جو رام نام جپيندو سو ڇو نه پار پوندو، (٣) ديوا پنڊت کي پٿر جي مورتيءَ تاري ورتو ته جو رام نام جپيندو سو (ڪس نه) ڇو نه پار پوندو

تاريلي گنڪا، بن روپ ڪبجا،

بياڌ، آجامل تاريئلي

اَرٿ:- نام، گنڪا ويشوا ڪروپ ڪبجا ۽ پکين جو شڪار ڪندڙ وياڌ ۽ اجاميل پاپي ۽ بين جو به اُڌار ڪيو آهي.

چرن ٻڌڪ جن تيئو مُڪت ڀئي،

هئُ ٻل ٻل جن رام ڪهي

اَرٿ:- ڀڳت جن جنهي چرنن ۾ (ٻڌڪ) شڪاريءَ ٻاڻ هنيو، سي مڪت ٿي ويا. مان تن تان قربان وڃان تو جن رام کي جپيو.

۲- داسي سُت جن بدُر سُدامان،
اُگرسئن کئُو راج ڏيئي
جپ هين، تپ هين، ڪُل هين، ڪرم هين،
نامي کي سئامي تيئو تري.

اَرٿ:- وڌر پڳت داسيءَ جي پٽ ۽ پڳت سداميءَ کي سري ڪرشن تاريو ۽ اُگرسئن کي راج ڏنائين. مهراج نامديو ٿا چون ته جن کي جپ تپ ڪونه ڪيو ۽ نيچ ڪل وارا هئا ۽ جن کو شڀ ڪرم ڪونه ڪيو، سي به (نام جپڻ ڪري) تري پار پيا.

راڳ گوڙي روداس جي کي پدي
گوڙي گئاريري شبد (۱)

[پرميشر جي چرنارٻند جي پڳتيءَ جي وڏائيءَ بابت اُپديش]

ايڪ اونڪار، ستنام، ڪرتا پرک، گرپرساد

۱- ميري سنگت پوچ سوچ دن راتي،
ميرا ڪرم ڪُٽلتا جنم ڪُپانتي

اَرٿ:- منهنجي سنگت (پوچ) نيچ ماڻهن سان آهي ۽ ڏينهن رات مونکي (سوچ) چنتا رهي ٿي، ڇو جو منهنجو ڪرم (ڪٽلتا) ڇڳو نه آهي ۽ جنم به (ڪپانتي) ڪوٺي پرڪار جو آهي.

رام گسئيئا جيئڻ کي جيوَنا،

موهه نه بسارهه مئي جن تيرا (اک رهائو)

اَرٿ:- هي جيئڻ جا جيوَن روپ رام! مونکي نه وسار، مان تنهنجو داس آهيان.

٢- ميري هرهه پيت جن کرهه سيائي،

چرڻ نه ڇاڏئو سرير کل جائي

اَرٿ:- منهنجي وِپتيءَ کي (هرهه) هٽاءِ ۽ مونکي چڱي سياڻ وارو ڪر. مان تنهنجا چرڻ نه ڇڏيندس، ڀلي منهنجو (ڪل) سنڌر سرير هليو وڃي.

٣- ڪهه روداس پرئو تيري سايا،

بيگ ملهه جن ڪر نه بلانبا.

اَرٿ:- مهراج روداس چوي ٿا ته مان تنهنجي (سايا) سرن پيو آهيان. هن داس سان جلدي مل (بلانبا) دير نه ڪر.

راڳ گوڙي - شبد (٣)

اَڻانڪا:- سري روداس مهراج جڏهن ٻاهران موٽيا، تڏهين ڪي پريمي لوڪن ڪاڻ پڇيو ته توهين ڪٿي جا رهاڪو آهيو؟ چيائون ته مان اُتي جو وِينل آهيان جتي وڃڻ ئي مشڪل آهي.

١- ٻيگم پُرا شهر کو نامُ، دُوکُ آندوهُ نهي تهَ ٺامُ

اَرٿ:- اُن شهر جو نالو ٻيگمپرا آهي (يعني جتي غم نه آهي) اُتي کو ڏک کونهي ۽ نکي کي (آندوهه) سنسا اُتپن ٿين ٿا.

نا تَسويس خِراج نه مالُ،

خوُف نه خطا نه ترسُ ذَوال

اَرٿ:- اُن جڳهه ۾ (تسويس) شرمندگي يا تڪليف نه ڏسڻي پوي ٿي. نه اُتي ڪام ڪروڌ (خراج) محصول وٺڻ واسطي آهن ۽ نه آسري سمپتي مال ئي آهي، نه اُتي ڪنهنجو ڀؤ آهي، نه ڪا چوڪ ۽ نه (ترس زوال) ڀؤ زواليت جو آهي.

آب موهِ خوُب وَطَن گهِ پائي،

اوُدان خَيرَ سَدا ميري ڀائي (اڪ رهائو)

ارٿ:- هاڻي مون اهڙي چڱي ديس ۾ (گهر) جڳهه پاتي آهي، جتي سدا آنند ئي آنند آهي.

٢- قائمُ دائمُ سَدا پاتِشاهي، دومُ نه سيمُ ايڪَ سو آهي

ارٿ:- اُتي قائم رهي ٿي هميشه پاتشاهي! اهڙي سچدانند کي وزير ڪونهي. ٻئي ۽ ٽئين درجي جو يا (دوم) دويت ڀاءُ وارو ۽ ٽن گڻن وارو. پر اُتي هڪ پرماتما اَدلي - لاثاني سياءُ وارو آهي.

آبادان سدا مشهور، اوهان غني بسهہ مامور

اَرٿ :- اهو شهر سدا وسندڙ ۽ مشهور آهي. اها جڳهه (غني) ڌني پرشن سان (مامور) چڱي طرح ڀريل آهي.

٣- تنهہ تنهہ سئل ڪرهہ جنهہ ڀاوئي،

محرم محل نہ ڪو اٽڪاوئي

اَرٿ :- اُتي ڀاي ڪو جٿن وٽيس تنهن سئر ڪري، جو اُتي جو (محرم) واقف هوندو اُن کي ڪا به اٽڪ ڪا نہ ٿيندي.

ڪهہ روداس خلاص چمارا،

جو هم شهري سو ميت همارا.

اَرٿ :- سري روداس مهراج چون ٿا تہ مان (چمارا) ديهہ ايمان کان (خلاص) ڇٽل آهيان. جو منهنجي شهر جو رهڻ وارو آهي سو منهنجو مٽر آهي.

گوڙي ٻئراڳڻ روداس جيئہ شبد [ا]

ايڪ اونڪار ستگر پرساد

اُٿانڪا :- ٻئلن تي سامان ڪڻي وڪڻندڙ وڻجارن جي وينئيءَ تي سري روداس مهراج چيو تہ جي چاهيو ٿا تہ اوهان جو سامان وات تي چور نہ ڦرين ۽ اوهين سکي ٿيو تہ پرماتما جي ڀڳتي ڪريو.

١- گهٽ اوگهٽ ڏونگر گهڻا، اڪ نرگڻ ٻئل همار

رمئيءِ سمر اڪ بيٺتي، ميري پونڇي راکر مرار

ارٿ:- سربر روپي هڪ استان آهي، جنهن ۾ (اوگهٽ اوکا رستا (سبد، سپرش، روپ، رس، گند) ۽ ڏونگر (ڪام ڪروڌ، لوڀ، موهه، اهنڪار روپي چور) رستي ۾ آهن پر منهنجو (ٻئل) من گڻن يا ويچار بغير آهي. رمئيءَ کي مون وينتي ڪئي ته هي پرميشر! منهنجي رام نام روپي (پونجي) ڌن جي رکيا ڪر (يعني چڱي پاسي لڳاءِ).

ڪو ٻنجارو رام ڪو ميرا ٽانڊا،

لاديا جاءِ ري (اڪ رهاءُ)

ارٿ:- ڪو وڻجارو پرميشور جي نام جو هجي ته مونسان اچي، جنهن ته منهنجي (ٽانڊا) کيپ ڀري بيٺي آهي.

٢- هئر ٻنجارو رام ڪو سهج ڪرءِ ٻياپار،

مئي رام نام ڌن لاديا بکر لادي سنسار

ارٿ:- مان رام نام جو وڻجارو آهيان، مان (سهج) شانتيءَ سان واپار ڪندس (يعني شانت واري منش کي رام نام جو اپديش ڪندس) مون ته رام نام ڌن (لاديا) لڏيو آهي ۽ سنساري لوڪن (بکر) وشين جو بار لڏيو آهي.

۳- اُروار پار جي دانيئا، لِکہ ليکھ آل پتال،
موہ جم ڏنڊ نہ لاگئي، تجي لي سرب جنجال

ارٿ:- ھن لوڪ ۾ (دانيئا) ڏاڍا وڏا وارا ڪام ڪروڙ آدي ۽ پرلوڪ ۾ جم دوتوا (آل پتال) محصول جو خانو واري چڏيو يعني مونکي محصول ڪجھ بہ ڏيڻو آهي، چاڪاڻ تہ مون (سرب جنجال) وشين روپي سامان پاڻسان نہ ڪنيو آهي.

۴- جئسا رنگ ڪسنڀ ڪا، تئسا اِهُ سنسارُ،
ميري رمئيي رنگ مجيٺ ڪا، ڪہُ روداس چمار.

ارٿ:- سري روداس مهراج چون ٿا تہ وشين وڪارن جو سک (ڪسنڀ) کهنبي جي رنگ وانگي ڪچو ۽ جهونو آهي ۽ منهنجي پرماتما جي آنند جو رنگ (مجيٺ) مجيٺ جهڙو پڪو آهي.

گوڙي پوربي روداس جي

[پرماتما جي ڀڳتي ڪرڻ بدران لوڪ صرف مايڪ ڏنڌن ۾ لڳا پيا آهن، پوءِ ڪين ڪيئن آنند ملندو]

ايڪ اونڪار ستگر پرساد

۱- ڪوپ پرئو جئسي دادرا، ڪڇ ديس بديس نہ بوجھ
آئسي ميرا من بِموهيا، ڪڇ آراپار نہ سوجھ

ارٿ:- جهڙي طرح ڪوهه ۾ ڏيڏرن کي ديس پرديس جي ڪا سڌ ڪانهي (نه اُني پرديس ۾ ڪوهن ڪان زياده سک آهي) تهڙي طرح منهنجو من وشين ۾ اهڙو آشڪت ٿي رهيو آهي، جو مونکي لوڪ ۽ پرلوڪ جي ڪا به ٻوجهه نٿي پوي.

سگل ٻون کي نائڻا،

اِڪُ ڇِنُ دَرسُ دِکاءِ جِي (اڪ رهاءِ)

ارٿ:- هي ساري سرشٽيءَ جا مالڪ پرماتما! اهڙي ڪرپا ڪر جو مونکي هڪ گهڙي درسن ٿئي.

٢- مَلِنِ ٻِيءِ مَتِ ماڌوا، تيري گَتِ لَکِي نه جاءِ

کَرهُ ڪِرپا ڀِرم چُوڪَئِي، مِيءِ سمتِ ديهُ سمجهاءِ

ارٿ:- هي پرماتما! منهنجي مت ملين ٿي پيئي آهي تنهنجي گت جاڻي نٿي وڃي. ڪرپا ڪر جو ڀرم ناس ٿي وڃي ۽ مونکي سمت ڏيئي سمجهاءِ.

٣- جوگيسر پاوهِ نهي، تُمُ گُڻَ ڪَٿنُ آپارُ،

پريم ڀڳت ڪيءِ ڪارڻي، ڪَهُ روداس چَمار.

ارٿ:- ڀڳت روداس چمار چون ٿا ته، تنهنجا گڻ جوگيسر به ڳائي نٿا سگهن، تنهنجا گڻ ڪٿن ڪرڻ کان ٻاري آهن. مونکي پريما ڀڳتي ملي ته تنهنجي پراپتي ٿئي.

گوڙي ٻئراڳڻي

ايڪ اونڪار ستگر پرساد

اُٿانڪا:- لوڪن سري روداس کان پڇيو ته پريما ڀڳتي ڪانسواءِ يڳ، تپ وغيره اڌار ڪندا يا نه؟ تنهنتي چيائون:

۱- سَتجُگ سَتُ ترتيا جُڳي، دُاپرِ پوُجا چار،

تينوُ جُڳ تِينوُ ڍڙي، ڪَلِ ڪيول نامُ آڌار

ارٿ:- ستجڳ ۾ ست ڪرم، ترتيا ۾ يڳ ۽ دُاپور ۾ پوجا ڪندا هئا. اُنهن ٽن جڳن ۾ ست ڪرم، يڳ ۽ پوجا جو ورتارو هو، پر ڪلجڳ ۾ رڳو نام جوئي آڌار آهي.

پارُ ڪَئسي پائِبو ري، موسَئُ ڪوئوُ نه ڪَهئي سمجهاءِ

جاتي آواگُون بلاءِ (اڪ رهاءُ)

ارٿ:- نام جپڻ ڪانسواءِ ڪئن پار پئبو؟ ڪو مونکي سمجهائي ٿو چوي ته ڪئن جنم مرڻ مٽجي ويندو.

۲- بهُ بِڌِ ڌرمُ نِرُوُ پئيئي، ڪَرتا دِيسئي سڀ لوءِ

ڪَون ڪَرم تي ڇوُٽيئي، جهِ ساڌي سڀ سِڌ هوءِ

ارٿ:- شاسترن ۽ سمرتين ۾ ڌرم جو گهڻو (نروپيئي) بيان ٿيل آهي. ڪو ڪهڙي ڪرم جو بيان ڪري رهيو آهي، ڪو ڪهڙي ڪرم جو پر اهڙو ڪرم نرنيه نه ڪيو ويو آهي، جنهنجي ساڌڻ سان ڇوٽڪارو ملي.

۳- ڪرم اَڪرم ٻيچارِيئي، سنڪا سُن ٻيد پُران،
سَنسا سد هِردئي بسي، ڪَؤن هري آيمانُ

ارٿ:- اَئي ڪرم اَڪرم جو ويچار هلي ٿو ۽ ويد پران پڙهي سنسو اُٿپن ٿئي ٿو (جنهن ۾ ڪنهن ۾ چون ٿا هي ڪجهه ۽ ڪنهن ۾ چون ٿا) اهو سنسو سدائين ردي ۾ وسي ٿو، پوءِ ڪير اَيمان کي دور ڪري؟

۴- ٻاهر اُدڪ پکاريئي، گهٽ ڀيتر ٻِبد ٻڪار،
سُد ڪؤن پر هوئيبو، سُچ ڪُنچر ٻِڌ ٻِهار

ارٿ:- جهڙي طرح ٻاهران سرير کي (اُدڪ) جل سان (پکاريءِ) ڌوئجي ۽ اندر ويچارن سان پريو پيو هجي ته پوءِ ڪيئن پوتر ٿيندو. اهو وهنوار جيئن هاٿي اشنان ڪري ۽ وري مٽان ڌوڙ وجهي، اُن وانگر آهي.

۵- رو پرڪاس رجني جٿاگت، جانت سڀ سنسار
پارس مانو ٽانبو ڇئي، ڪنڪ هوت نهي ٻار

ارٿ:- سڀ ماڻهو ڄاڻن ٿا ته (رو) سورج جو پرڪاش (رجني) رات جي اونده کي (جٿاگت) ناس ڪري ٿو ۽ پارس سان ٽامو ڇهڻ سان سون ٿيڻ ۾ ويرم نٿي لڳي تئين مهاتما جي سنگ ڪري موڪ اندر مان نڪري وڃي ٿي.

٦- پرم پرس گر ڀيٽيئي، پورب لکت ڀاڳ

اُنمن من، منهي ملي، ڇُٽڪت ٻجر ڪپاٽ

ارٿ:- اڳئين جنم جي چڱي ليکي موجب پارس روپ گرو (ڀيٽيئي) ملي ۽ سڀ شنڪا کي ڇڏي من پوتر ڪري ۽ ردي ۾ هنجا (ٻجر ڪپاٽ) جڙيا روپي پردا (ڇُٽڪت) کلي ويندا ۽ ردي ۾ ئي پرماتما ملندس.

٧- ڀڳتِ جڳتِ مُتِ سَتِ ڪري،

ڀرم ٻنڌن ڪاٽِ بِڪار

سوئي بسِ رس من ملي، گُن نِرگُن ايڪ ٻيچار


ارٿ:- جڏهين سُت ياونا نسچي ڪري تڏهين ڀڳتي پڪي ٿيندي ۽ اها ڀرمن ۽ ٻنڌن وارن وڪارن کي دور ڪندي. جن سنسار جا رس (بس) وس ڪيا آهن، جنهجي سرگن ۽ نرگن ۾ ڀيد ٻڌي نڪري ويئي آهي، سي ئي تتپر ڪري مليا آهن.

٨- آنڪ جتن نِگره ڪيئي، ٿاري نه ٿريءَ پرم ڦاس،

ڀريم ڀڳتِ نهي اوپجيءَ، ٿاتي روداس اُداس.

اَرٿ:- (پريم کري گروءَ سان ملڻ بنا) پيا ڪيترا جتن ڪيا، پر پريم جي ڦاسي ٽارڻ سان ٻه نه هٽي سگهي، ڇاڪاڻ ته ڪرم ڪرڻ سان پريما پگهتي اُلٽي ٿي، لهڻ ڪري اُنهن ڪرمن ڪرڻ کان روداس اُداس رهي ٿو.

ست سري آڪال



پستڪ ملڻ جا هنڌ :-

١- جوهر - بي - ٽداڻي

١٧ بي وشنو محل، ٻيون مارو

ڊي روڊ، چرچگيٽ بمبئي ١٠

٢- هندستان ڪتاب گهر

١٣٣، عمام اسٽريٽ، فورٽ بمبئي ١.

٣- واڌومل پيسومل ٽداڻي

بنگلو نمبر ١٠١، مهو (مڌيه ڀارت)

٤- هيرا ميڊيڪل اسٽورس

شيلا محل - اسٽرئنڊ بس سٽئنڊ جي سامهون،

ڪولابا، بمبئي ٥.

Printed by Karamchand N. Dewani, at the Chandan Printing Press, Hansali Tank Lane, Dadar (W.R.) Bombay 28.

and published by Wadhumal Pessumal Thadhani, Bunglow, No 101. Bombay-Agra Road, Mhow. (M.B)